
# رچنا یاترا

-۲-



لکمی کلاٹی

شہر ماں
سے بحلا بیٹا ہی اگر
دلمیں کلا کے



## لکمي ڪلاڻي

هندوستان ۾ سنڌي ادب کي ناقدن سماج وگيان، من وگيان ۽ اُلٽ وگيان جي ٽن دؤرن ۾ بند ڪيو آهي، مگر جي اديب پنهنجي جداگانه شخصيت ۽ انداز بيان سان ٽن دؤرن کان آزاد رهيا آهن، تن ۾ ادب اولين نوجوان ڪهاڻي نويس لکمي ڪلاڻي آهي. چاهي هن مارڪس، فرائڊ ۽ سارتري پڙهيو آهي، مگر لکيو اُهو آهي، جو هن انيؤ ڪيو آهي ۽ اُن انيؤ طرف بااعتماد ايمانداري قائم رکي آهي.

موهن ڪلپنا

۱۳ سيپٽمبر ۱۹۸۱ع

# رچنا ياترا-٢

## شاعريءَ جو مفهوم

(سمپادڪي ليک)

لکمي کلاڻي

# سدا حيات شيخ اياز کي

رچنا ياترا-٢ شاعريءَ جو مفهوم
(سمپادڪي ليک)

ليکڪ : لکمي کلاڻي
ڇپائيندڙ : اسانجو ادب
٦، ملير، وارڊ ٤-اي
آديپور (ڪڇ)

ڇاپو : ڊسمبر ٢٠٠٢
قيمت : چاليهه روپيا
ڇپيندڙ : پرنٽ فاسٽ گانڌيڌام.
ٽائيپ سيٽنگ ۽ لي آئوٽ : سنڌالاجي ڪامپيوٽر سينٽر
٢-بي/١٦ پوسٽ باڪس نمبر ١٠،
آديپور (ڪڇ) ٣٧٠٢٠٥

RACHNA YATRA-2 SHAIRIA JO MAFAHUM
(Rachna Editorials)

| | | |
|---|---|---|
| Writer | : | Lakhmi Khilani |
| Publisher | : | Asanjo Adab, 6, Maleer, ward 4-A, Adipur (Kutch) |
| First Edition | : | Dec. 2002 |
| Price | : | Rs. 40/- |
| Typesetting & Layout | : | Sindhology Computer Centre P.O. Box 10, Adipur 370205 |
| Printer | : | PRINT FAST, Gandhidham |

Published with financial assistance of National Council for promoton of Sindhi Language VADODARA 390007

# فهرست

صفحو

هي. وڏا عالم فاضل اُهي بڻيا جن ڪنهن هڪ خاص وشيه جي چونڊ
، گوڏا کوڙي، ڏينهن رات غواصن جيان ان وشيہ جي گِهري پاڻي
اونهو لهي، موتي ميڙيا آهن.

اي ڳت غواصن، جئن سمنڊ سوجهيائون
پيهي منجهہ پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون
آڻي ڏنائون، هيرو لعل هٿن سين.

سمنڊ ڪناري سير ڪندي، ٻارن جي جهڳٽا ۽ ڪوتوهل ڀاوَ سان مون
يب وغريب شڪلين ۽ ساون ڳاڙهن رنگن وارا پٿر ميڙيا آهن. انهن
شين کي توهان سان ونڊي، پنهنجي خوشيءَ ۾ اضافو آڻڻ چاهيان
قي توبي جيان پاتاران هيرا موتي ماڻڪ لعل ميڙي اچڻ جي پاڻ
بق نٿو پائيان. پوءِ بہ پنهنجي هن محبت واري محنت لاءِ شاهہ صاحب
ي قوُل دل کي ڏڍ ڏئيتو.

محبت پائي من ۾ رندا روڙيا جن
تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهائيو

مٺاچري تان ميڙيل منهنجا هي ڪوڏ توهان وٽ بہ اڻ تورِيائي
يا تہ پنهنجو لايو سجايو سمجهندس.

لکمي کلاڻي

# پنهنجي طرفان

رچنا-١ کان رچنا-٩٣ تائين، گذريل ٢٤ سالن ۾ 'اسانجي طرفان' سري هيٺ لکيل سمپادڪي ليکن مان ڪي چونڊ ڪري، هن مجموعي ۾ شامل ڪيا اٿم. ڪيترن ئي پاٺڪن وقت به وقت انهن ليکن کي پئي ساراهيو آهي، ۽ ڪن، خاص طور پروفيسر ڊي.ڪي. منشاراماڻي، شري ليکراج تلسياڻي، ۽ ڊاڪٽر نارائڻ سامتاڻي انهن کي ڪتابي ڪري، هڪ جلد ۾ ڇپائڻ جي صلاح به ڏني آهي. انهن سڀني قدردانن جي ڏنل پريرڻا بدولت هي سمپادڪي ليکن جو سنگرهه اڄ توهان جي هٿن ۾ آهي.

منهنجي پنهنجي رچنا ياترا ۽ 'رچنا' جي اشاعت سان گڏوگڏ پئي هلندي آئي آهي، ڪڏهن ڍيمي ته ڪڏهن تيز. البت اهو اِرادو مضبوط رهيو آهي ته جيستائين حالتون سازگار آهن، هي سفر جاري رهندو. هن سنگرهه ۾ شامل هي سمپادڪي ليک، ڄڻ ته صفحن ۾ سمايل ويچارن جا ڪئپسول آهن، جن ۾ ادب، ڪلا، سنسڪرتي، گيان، وگيان، ڌرم، سياست يعني زندگي جي مختلف پهلن تي شخصي رائزني ڪيل آهي. پڙهندڙ کي اُنهن تي پنهنجي سُوِد وڌيڪ سوچڻ، گهرائيءَ ۾ هيٺ لهڻ ۽ ڪي نتيجا ڪڍڻ لاءِ چوُٽ چڏيو ويو آهي.

هت اهو واضع ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته مان انهن تمام وشين تي سَنَدَ سان لکڻ وارو ڪو وڏو، ماهر، دانشور يا اسڪالر ناهيان. منهنجو لکڻ پڙهڻ به عام پاٺڪ، عام ليکڪ، جهڙو ئي غير سلسليوار، غير ترتيبوار

# شاعريءَ جو مفهوم

شيام حيات بہ نعمت آهہ
ويتر اُن سان شعر جي ڏات!

لاشڪ شاعري انساني وجود جي اُها اُتاهين چوٽي آهي جتي شاعر
سان ساڪياتڪار ڪري پنهنجي اندر مان اُپجايل ’سچ‘ ۽ ’سونهن‘ جو
عدو ماڻيندي، ستين آسمان جو سئر ڪريٿو. شاعري مومل جي اُها ماڙي
جتي پهچڻ بعد راڻي مينڌڙي لاءِ، ڪاڪ (زندگي) جا سڀ طلسم
(Illusio) شڪ شبه، پرم پلاوا، اختلاف (Conflicts) ۽ ٻانهي ناتر جون خلقيل
لون ستڪلون، ويڙ وروڌ، (Contradictions) پلتي رهجي وڃن ٿا.
ٽي جي ان اونچي منزل تي رسي، شاعر رڳو مومل جو حسن ۽ جمال
ندي حق سان هڪ ٿي وڃيٿو.

شاعريءَ جي ان عروج تي شاهہ، شيڪسپيئر، ڪاليداس، ٽئگور، گيٽي،
ر ۽ اياز جهڙا ڪي جزوي شاعر رسي سگهيا آهن. سچيتيءَ جي جدا
سطحن تائين پهتل ڪي●جا پٽ تي ريڙهيون پائي رهيا آهن، تہ
ٽڪرين تي چڙهڻ جا سانباها ڪري رهيا آهن، تہ ڪي هڪ نندي
يءَ تي پهتل ٻين اونچين چوٽين کي فتح ڪرڻ لاءِ سرگردان آهن.
شاعر جي هڪ چوٽيءَ کان ٻي چوٽيءَ تائين پهچڻ جي اها مسلسل
ا جاري آهي.

شاعري رڳو جنم جات ڏات ڪانهي. ان ڏات کي حاصلات ۾ بدلڻ

# سامهون آ نارايڻ شيام

هي سنگرام!
سامهون آ
نارايڻ شيام!
هنجا منهنجا،
قول بہ ساڳيا،
ٻول بہ ساڳيا.
هوُ ڪوتا جو ڪاڪ-ڏٽي پر،
منهنجا رنگ-رتول بہ ساڳيا
ڍڪ بہ ساڳيو،
ڍول بہ ساڳيو،
هول بہ ساڳيا.
هن تي ڪيئن بندوق ڪڙان مان!
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان!
ڪيئن هڻان مان!!
ڪيئن هڻان مان!!!
ڪيئن هڻان مان .......

شيخ اياز

كري سگهجيتي. تصور يا كلپنا شكتي شاعر جي وڏي ۾ وڏي
هي.

يال (موضوع) ۽ اندازي بيان (هيئت) جو جڏهن شاعر جي شخصيت
اندر كيميائي ميلاپ (Fusion) ٿئي ٿو، تڏهن ئي هڪ شاهكار
ي جنم وٺي ٿي. اُها پڙهندڙن جي دل ۽ دماغ کي ڏوڏي، كيس
جي سچائيءَ سان مُنهان منهن كري، هن جي اندر ۾ سونهن
ن كريٿي ۽ آنند (Joy. Ecstacy) جو ڀاو پيدا كريٿي.

اعر کي كائنات جي ڪڻ ڪڻ ۾ سونهن نظر اچيٿي. هن لاءِ اُها
جي پنكڙين ۾ ئي سمايل ناهي، اُها كئكٽس جي كنڊن ۾ به
هي. انهن جي بي ترتيبيءَ ۾ به سندس اكيون هڪ اديت ترتيب
ن ۽ اسانكي به ان جو چٽو احساس كرائين ٿيون. ائين شاعر پانك
نجي ذاتي انيو ۾ شامل كري، پاڻ جھڙوئي شعوري، حساس دل
ذهني طور ساماٽجڻ ۾ مدد كريٿو. شاعريءَ سميت هرهڪ كلا
ئي هڪ واحد كارج آهي.

اعريءَ لاءِ كو به وشيه ورجت (منع ٿيل) ناهي. پاهران اُهو كيترو
، بدزيبو، بي ڊؤلو، اُبتا ڏياريندڙ، مايوس يا ملول كندڙ چو نه نظر
جي، شاعر پنهنجي شاعراڻي ولوڙ ذريعي اُن مان امرت كلش پيدا
اسانجي ذهني اونده دور كريٿو، روشني جو اُهاءُ عطا كريٿو. اُن
نل زهر پنهنجي كنٺ ۾ سانڍي رکيٿو.

ليءَ چيو آهي :

Our sweetest songs are those that tell of Saddest thoug

لاءِ شاعر کي ذهني مشق پچائڻي تي پوي. سالن جا سال ڏينهن رات رياض ڪرڻو ٿو پوي. ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي. شيام بہ چيو آهي :

ڏاکڻ کا نہ ڏسڻ ۾ آئي
ماڙيءَ تي ڪنهن مومل ماڻي؟

شاعريءَ جي ڪلا ديويءَ جي ڪرپا درشٽي اُن شاعر مٿان جهجهي ٿئي ٿي، جنهن پنهنجو سڀ ڪجهه اُن کي ارپڻ ڪري ڇڏيو آهي. پنهنجو هم آپو، ڌن دولت، نالو ناموس، سڀ دنيوي حاصلاتون هن مٿان ڀيٽا چاڙهي، ڏينهن رات هن جو ئي جاپ جپيو آهي. ڪلا ديوي تڏهن ئي پرسن ٿي، شاعر کي ذات سان گڏ ڏانو جو بہ وردان ڏئيٺي.

شاعري اِنساني آزمودن جي محسوسات جو ڪلاتمڪ اظهار آهي. ان ڪري خيال ۽ جذبي کي اثرائتي نموني پيش ڪرڻ جو ڏانو بہ ان ۾ شامل آهي.

دنيا ۾ هئن سخن ور اوُر ڀي بهت اڇي
ڪهتي هئن غالب کا هئہ اندازِ بيان اوُر!

شاعرن جا خيال هڪجهڙا ٿي سگهن ٿا، پر سندن اندازِ بيان نج پنهنجو علحدو هوندو آهي. اُن مان ئي سندن اُسريل مخصوص شخصيت جو اولڙو پسي سگهبو آهي. پنهنجي محسوس ڪيل تخيل کي پنهنجي ندازِ بيان سان پاٺڪن جي ذهن تائين پهچائي ڪين بہ ساڳئي نموني نر انداز ڪرڻ جي شاعر ۾ ڪيتري سگهہ آهي، اُن جي پرک سندس تصوري

ـي. ڪوتا سنگيت ۾ به سمايل آهي. جي اسين پنهنجا ڪن سرلا
ٻڌون، ته هن سرشٽيءَ ۾ وڄندڙ ڪوتا جو انحد ناد
(Music of Sp ٻڌي سگهون ٿا.

ـٽگور هڪ پيري (شايد) چيو هو ته مون ڪوتائون لکيون آهن، ڳايون
ر گانڌي خود هڪ ڪوتا آهي. سندس جيون ئي ڪوتامي آهي. ڪيس
ي سر ڪوتا لکڻ، پڙهڻ، سمجهڻ جي ضرورت ناهي. ڪوتا هن جي
ـ ۾، ساهه ساهه ۾ سمائي پيئي آهي.

سين به چاهيون ته پنهنجو جيون ڪوتامي/سنگيت مي بڻائي
ٿا.

رچنا-٨٥، (جنوري -مارچ ٢٠٠٠)

شاعر شيام بہ ساڳي ڳالھ پنھنجي نموني چئي آھي.

دک پرئي گيت ۾ پڻ آھ پريل ڪوئي مناس
چوچ جا گيت ئي آھن نہ فقط گيت مثا
آس جان آھ نراشا ۾ بہ منڙو احساس
دُک پرئي گيت ۾ پڻ آھ پريل ڪوئي مناس!

ڏيان سان ڏٺو وڃي تہ ھيءَ زندگي پنھنجي سر نہ آشا آھي، نہ نراشا، نہ سچ آھي، نہ ڪوڙ، نہ خوبصورت آھي نہ بدصورت، نہ معنيٰ خيز آھي نہ بي معنيٰ! شاعر (انسان) ئي آھي جيڪو پنھنجي زندگيءَ کي اھي تمام وصفون عطا ڪريٿو. پنھنجي جيئڻ جا ملھ، ماڻ، ماپا طئہ ڪريٿو. سونھن ۽ بدزيبائي باھر ڪٿي ڪانھي. شاعر جي اکين ۾ ئي سمايل آھي. ھن ئي پنھنجي ڪلپنا شڪتيءَ ذريعي ھن سرشٽيءَ اندر ڪاڪ محل جو اھو مانداڻ منڊيو آھي. ھن ئي پنھنجي تصور سان خود خدا (مومل) کي پنھنجي اميج ۾ خلقيو آھي ۽ کيس لاثاني سونھن عطا ڪئي آھي.

جَھڙا گُل گلاب جا تھڙا مَٿن ويسَ،
چوٽا تيل چنبيليا، ھا ھا، ھو، ھميش،
پسيو سونھن سيدُ چئي نينھن اچن نيش
لالن جي لبيس، آتڻ اکر نہ اُڇھي.

شاعر پنھنجي شاعريءَ اندر پرڪرتيءَ وٿان پرايل تال ميل (harmony) ، ترتيب (Order) ۽ توازن (balance) جا عناصر پويا آھن. اھي وصفون رڳو شاعريءَ ۾ ئي سمايل ناھن. ڪوتا، ڪھاڻيءَ ۾ بہ آھي، ناول، ناٽڪ ۾ بہ آھي. سنگتراشيءَ، چترڪاريءَ ۾ بہ آھي تہ سنيما، فوٽوگرافيءَ

ڙڪائي، سندن ٽيسٽ بگاڙي، نشيلي دوائن جيان، ڪين انهن جو
بڻائي ٿيون ڇڏين. اڄ دنيا ۾ اَئڊس جي بيماريءَ جيان، انهن سيني
پدارٿن انسان جو هوش حواس گم ڪري، ڪيس ذهني طور خصي
ڪري، ڪين اپنگ (ٻين جو محتاج) بڻائي ڇڏيو آهي.

ڪامرشل جي برعڪس آرٽ واريُن رچنائن ۾ رچناڪار بنيادي طور
تو پاڻ کي ڳولهيندو ڦولهيندو آهي. پنهنجي اردگرد جي رشتن ناتن
ڪي ڏوڪ ڪندو آهي. پنهنجي پرايل ساڃهه سوجهيءَ کي هڪ ڪلاتمڪ
ذريعي اظهار ڏيندو آهي. ائين هرڪا ڪلاڪرتي هن جي ڪلاڪار
جو وستار يا آتم اظهار هوندي آهي. اهڙي پنهنجي محسوسيل ’سچ‘
هن‘ جي تخليق لاءِ ڪلاڪار وٽ ڪنهن به قسم جو سمجهوتو،
عيت ملاوت) ڪانهي.

جيڪڏهن ڪو ڪلاڪار اهو سمجهوتو ڪريٿو، ته هو پنهنجي اُديش
تي، پاڻ کي ئي ٺڳيٿو. فلم لائين ۾ رِتوڪ گهٽڪ ۽ ڪمار شهاڻي
هدايتڪار، ان غير سمجهوتيپڻي جا جيئرا جاڳندا مثال آهن.

آرٽ واريون رچنائون درشڪن/پاٺڪن جي ذهن کي ڏونڌاري، هنن
نهنجي سر سوچڻ، پنهنجي زندگيءَ بابت پاڻ فيصلو وٺڻ جي قوتن
ارين ٿيون. سندن شعور ۾ اضافو آڻي، سندن رُچيءَ کي سڌارين ٿيون.
/پاٺڪ ڪلاڪار سان سندس پرايل انڀو جو پنڌ جهاڳيندي، پاڻ کي
۽ وڌيڪ انڀوي محسوس ڪرڻ لڳيٿو. هن جي اندر چڱي ۽ لڱي جي
ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي.

هيءَ زندگي شخص جي انڀون/آزمودن جو ئي هڪ اٽڪت سلسلو آهي.
شخص پنهنجي اُسريل چيتنا سان پنهنجي جيئڻ لاءِ زندگيءَ جا

# آرٽ بنام ڪامرشل

ساهت، سنگيت، نرتيہ، ناٽڪ، سنيما، يعني فن جي اهڙين جد
جدا صنفن جون شروع کان ئي بہ ڌارائون سمانانتر هلنديون آيون آهن
اڳتي بہ هلنديون رهنديون. هڪ آهي ڪامرشل، ۽ ٻي آهي آرٽ ڌارا. ٻنهي
۾ ڪنهن بہ قسم جي هڪجهڙائي ڪانهي، ويرورود، ايرکا حسد، سمجهوتو
چٽاپيٽي ڪانهي. ٻنهي ڌارائن جي پانڌيئڙن کي اها بخوبي ڄاڻ آهي
تہ سندن رستا جدا جدا آهن، مقصد جدا جدا آهن، منزلون جدا جدا آهن
ڪڏهن ڪڏهن البت ڪي پانڌيئڙا هڪ ڌارا مان ٿڪجي، بيزار نراس
ٿي، آرٽ کان ڪامرشل، تہ ڪي ڪامرشل کان آرٽ طرف، پنڌ بدلي ويند
آهن. ڪي وري ٻنهي سان نباهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا آهن.

ڪامرشل ڌارا وارن جو اُديش چٽو آهي تہ ڪين پنهنجي چونڊي
صنف (وڌا) ذريعي گهٽ کان گهٽ درشڪن/پاٺڪن تائين پهچڻو آهي
سندن سَستي منورنجن لاءِ، اُنهن جي رُچيءَ/پسنديءَ جو ڌيان رکي
گراهڪن کي سندن آرڊر تي مال تيار ڪري ڏيڻو آهي. جيئن نالي ما
ظاهر آهي تہ اها هڪ قسم جي ڪامرس، يعني ڏي وٺ جي واپار
سؤديبازي آهي. ان ڪري ان ۾ سيڙايل رقم کي نفعي/وياج سميت واپس
آڻڻو آهي. ٻيءَ حالت ۾ سندن دوڪان جو بند ٿي وڃڻ اڻ ٽر آهي. هاليو
۽ باليوڊ جون فلمون، ڪامرشل سنيما جو تز مثال آهن.

گهٽي کان گهٽو نفعو ڪمائڻ جو اُديش اڳيان رکي، ڌنڌوڙي ذهني
وارن واپارين طرفان اهي فلمون، سيڪس، هنسا، فاحش ناچ گانن جي
فارمولائي نسخن تي تيار ٿيل، منورنجن جي اوٽ ۾ درشڪن جا وحش

# پاڻ طرف موٽ

هر شخص کي سندس همت آڪانڪائون، سڪندر جيان دنيا فتح ڪرڻ
هنجو گهر ڇڏائي دور دراز علائقن ۾ پٺڪائڻ لاءِ، ڪنهي ڪٽي وڃن
اهو شخص، ٽالسٽاءِ جي جڳ پرسڌ ڪهاڻي ’ماڻهوءَ کي گهڻي زمين
جي ڪردار جيان وڌيڪ ۽ وڌيڪ زمين تي قبضو ڪرڻ لاءِ، صبوح
ام تائين بس ڊوڙندو ئو رهي. ڪائنس اهو شرط وسري ٿو وڃي ته
است کان اڳ، کيس پنهنجي گهر موٽي اچڻو آهي.

اسان گهر کان ٻي گهر تيل سنڌين جي ٻه اهائي ڪهاڻي آهي. گهڻي
هڻو ناڻو ڪمائڻ لاءِ اسان ٻه پنهنجو گهر، ديس، ٻولي، سڃاڻپ کي
ڇڏي هانگ ڪانگ، دبئي، اسپين ۽ ائميريڪا طرف ڊوڙون ٿا. اُتي
ن سان اشرفيون خرزينن ۾ ڀري، پنهنجي ماڳ واپس موٽي اچڻ
ڳ ئي، واريءَ جي طوفانن ۾ لٽجي، اُتيئي پورجي وڃون ٿا. اسانجي
مٽان اهو ئي هي ليک (Epitaph) اُڪريل نظر اَچي ٿو ’ماڻهو جيڪو
نه آيو!‘

ڪاش، هر انسان اندر اها سوجهي پيدا ٿئي ته پس پيش کيس پاڻ
موٽ ڪاٽي آهي. کيس اُهو ئي ٻڌجڻو آهي جيڪو هو اڳ ۾ ئي
سڄي عمر هو ڪستوري مرگهه جيان پاڻ کي پاڻ کان ٻاهر جي دنيوي
ڳوليندو ٿو رهي. ناٽي سان گڏ نالي ڪمائڻ جي هٻڇ، پنهنجي
يت کي ٻين جي نظرن ۾ چمڪائڻ جي لالسا، مرگهه ترشنا جيان
انهن پاڇن پٺيان ڊوڙائيندي ٿي رهي. جي ماڻهو پنهنجي نَ
ٻاهر جي بجاءِ اندر طرف موڙي ڏسي، ته کيس اصلوڪو هيرن ڪو

ڪي انهيو چونبدي ٿو ۽ ڪي انهيو رد ڪري ٿو. سندس زندگيءَ جي خوشحالي/بد حالي يا سارٿڪتا/نرٿڪتا سندس اهڙين چونبديل انيون تي ئي منحصر آهي. ساهت/ڪلا جو بس اهو ئي هڪ واحد اُديش آهي؛ پاٺڪ/درشڪ اندر اهڙي چنبڇاڻ واري قوت (Discriminating faculty) جاڳائڻ جيڪا کيس صحيح انيو چونبڊڻ ۾ مدد ڪري ۽ هن جي اندر ۾ ’سچ‘ ۽ ’سونهن‘ جو احساس پيدا ڪري.

ڪلاڪار پنهنجي ڪلا جي ساڌنا، نالو ۽ ناڻو ڪمائڻ، دنيوي سک سهنج سهوليتون حاصل ڪرڻ لاءِ نٿو ڪري، نہ ئي پنهنجي آجيوڪا لاءِ اُن کي پنهنجو پيشو ٿو بڻائي. ڪلاڪار جي لاءِ ڪلا هن جي عبادت آهي، تپسيا آهي، سندس سُر جي ساڌنا آهي. هڪ گائڪ ڪلاڪار پنهنجي راڳ کي سؤ، ٻہ سؤ، چار سؤ دفعا آلاپيندو ٿو رهي جيستائين هن پنهنجي سُر کي پوري طرح ساڌيو ناهي، هو پوري طرح اُن ۾ سمائجي گم نہ ٿي ويو آهي. هن جي اندر ۾ هڪ مڪمل سانت جو واسو نٿو ٿي وڃي. اها مانائي، اها نهر، اها اندر جي مطمعني ئي هن لاءِ ايشور آهي، برهم آهي.

سنگيت، سنگيتڪار کي، سندس ساڌنا ذريعي، فن جي ان اونچي منزل تي وٺي ٿو وڃي جتي هو ڪنهن راڄ درٻاري گويي جيان ڪنهن بادشاهه جي وندر لاءِ، هن طرفان انعام، خطاب، وظيفا جائداد، نوازڻ جي لالچ ۾ نٿو ڳائي، بلڪ اُن شاهن جي شاهہ کي خوش ڪرڻ لاءِ ڳائيندو، جيڪو سندس ئي اندر ۾ براجمان آهي.

Art is Spiritual Experience. It is more edifying than educative

رچنا- ۹۳، (جنوري-مارچ ۲۰۰۲)

پ مڃي، پاڻ کي مٿيرو (راجا)، ٻين کي هيٺيرو (پرڄا) مڃي
ڇي همڪارن سان بدسلوڪيءَ وارو وهنوار ڪن ٿا. سندن اهو عارضي
سچاٽپ هنن جي اندر ۾ آپو، اهنڪار، ويرورڌ، ايرکا، حسد ۽
نيءَ جو ڀاوَ پيدا ڪري، سندن اصلوڪي ماڻهپي واري سچاٽپ ڪسي
ي. ڪي ٿوريون اُسريل آتمائون ئي پنهنجي ان عارضي ۽ دائمي
پ جو پيد محسوس ڪري، پاڻ کي گهربل ميزان ۾ رکي سگهن ٿيون.

انسان جي اصلوڪي 'مان' هڪ بار جيان نشڪپٽ، شفاف ۽ هرطرح
ريب، دولاب ۽ ڏگليپڻي (Hypocrisy) کان آجي آهي. ٻاهرين دنيوي
جو نقلي مکوٽو، هرڪو شخص پاڻ کي ٻين جي نظرن ۾ سرخرو ڪرڻ
زار مان خريد ڪري پنهنجي چهري تي اٽڪائي ٿو. ان جي برعڪس
جي اندرين اصلوڪي 'مان' هرڪو شخص پنهنجي نظرن ۾ جيئڻ
هنجي اندر ۾ ئي موجود ڇيڪي مٽيءَ مان پاڻ خلقي ٿو.

هر انسان جي ان اصلوڪي 'مان' جون پاڙون سندس ئي ڪٽنب،
، ٻولي ديس جي پوڻ ۾ اونهيون ويل آهن، جتان ئي اُن کي اُسرڻ
راڪ حاصل ٿئي ٿي. هرهڪ شخص کي پنهنجي وجود جي ان وڻ
ائو سرسبز رکڻو آهي. اهو وڻ ئي کيس پنهنجي اصلوڪي سچاٽپ
ڻانو ڏئي ٿو ۽ پنهنجي هئڻ جو احساس ڪرائيندو.

اها چونڊ اسان مان هرڪنهن کي پاڻ ڪرڻي آهي تہ اسين پنهنجي
ڪلچر، قدرت (ماءُ) جي گود ۾ موتي اچي آسائشي ٿيڻ چاهيون
بيگانو بڻجي ريگستان جي نهڻ اُس ۽ سُڃ ۾ سُڪل ٺوٺ ٻُنڊ جيان
، ڪنهن 'گوڊو' (Godot) جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ چاهيون ٿا.

رچنا-٩٢، (آڪٽوبر-ڊسمبر ٢٠٠١)

هار سندس ئي دل جي ٽاريءَ تي لٽڪيل نظر ايندو. ٻاهر واري ٽلاءَ ۾ نظر ايندڙ ان جي عڪس کي پڪڙڻ لاءِ ٽٻيون هڻڻ، غوطا کائڻ، هن لاءِ پنهنجي وقت ۽ طاقت جو زيان آهي.

ماڻهوءَ جي اها اندرين ’مان‘ ئي اصلي آهي، معنيٰ خيز آهي. ان ’مان‘ کي هرڪو شخص تڏهن ئي پائي، ماڻي سگهندو، جڏهن هو پاڻ مٿان مڙهيل پنهنجيءَ ٻاهرين شخصيت مان جند آزاد ڪندو. پنهنجي اصلوڪي ’مان‘ حاصل ٿيڻ بعد کيس ٻاهرين پاڇي واري ’مان‘ خودبخود بي معنيٰ، ارٿ هيڻ نظري ايندي. پاڇن پنيان ڊوڙندڙ اهي شخص کيس اوٽ پٽانگ قلابازيون ڏيندڙ سرڪس جا مسخرا نظر ايندا. ’ماڊرن ٽائيمس‘ فلم ۾ چارلي چئپلن جي ڪردار جيان جيڪو مشين جا بولٽ پاني سان ٽائيٽ ڪندي، مشين جي ڦيٽي ۾ اٽڪي پوي ٿو. ۽ مشين کيس ٻڌر ڪان جهلي سندس ڪپڙا لاهي، رڳو ڪڇي ڳنجيءَ ۾ پاڻ سان ڳڏ ڳول ڳول ڦيراٽيون ڀارائي ٿي. اڄ جي مصت آڪانڪي ماڊرن انسان جي حالت اهڙي ئي غلام - مالڪ جهڙي آهي. هن چمڪ دمڪ واري رنگين دنيا جو تابعدار ٿيڻ بجاءِ، اُن جو مالڪ اُهو ئي ٿي سگهندو، جنهن هن گپ چڪ کان پاڻ کي مٿيرو (Detached) رکڻ جي، پنهنجي اندر ۾ اهڙي قوت پيدا ڪئي آهي.

لاشڪ هن سنساري رنگ منچ تي هرهڪ انسان کي پنهنجي آجيوڪا ڪمائڻ لاءِ جدا جدا پاترن جو ڪردار بخوبيءَ نڀاهڻو آهي. پر ناٽڪ پورو ٿيڻ بعد پنهنجي نقلي پوشاڪ ۽ نقلي چهري کي گرين روم ۾ ئي لاهي، پنهنجي اصلوڪي پوشاڪ ۽ اصلوڪي چهري سان، پنهنجي زال ۽ ٻارن وٽ گهر موٽي اچڻو آهي. پر عام طور ماڻهو ناٽڪ جي پاتر واري منسٽر، ائڪٽر، ڊئريڪٽر، ڪلاڪار واري نقلي سجاٽپ کي ئي پنهنجي اصلوڪي

ن ۾ سوئنپي چڏي آهي. پنهنجي اکين تي پها ٻڌي، هو پيڙ جي
گنل پيٽل راھ تي، ڇهبوڪ جي اشاري سان ۽ سريري عيش آرام
چ تي، ريس جي گھوڙي جيان ڏينهن رات ڊوڙي رهيا آهن. ان
جي ڪوڙي زندگي گهاريندڙ شخص، پنهنجي ڪرتاپڻي جي مان
واري آزادي پيڙ وٽ گروي رکي، پاڻ کي ان جي استعمال جي
ڪارگر وستوءَ ۾ تبديل ٿي وڃڻ ڏنو آهي. پنهنجي اندر ۾ هيٺ لهي،
ي پائڻ بجاءِ، هو زندگيءَ جي مٿاڇري تي، دنيوي حاصلاتون ميڙڻ
مشغول آهن. ڪين راتو رات ڪاميابيءَ جي اِيوريسٽ تي پهچي،
هپي جو درجو (Celebrity Status) حاصل ڪري، گليمر جي اسپاٽ
هيٺ، ٻين جي نگاهن ۾ جيئڻ جو ڪڻ پنگر (Ephemeral) سريري
اٽڻو آهي. ان لاءِ هوُ پاڻ کي وڪڻڻ کان بہ نٿا هڇڪن. مئچ فڪسنگ
شارٽ ڪٽ اپنائي، غير سماجي عناصرن سان ڪميٽا سمجھوتا ڪري،
اشوت ذريعي چوٽيءَ تي پهچي ٿا وڃن. پهاڙن جي چڙهائي چڙهڻ
ڪي زندگيءَ جون تڪليفون درپيش اچن ٿيون، انهن کي برداشت
جي هنن اندر توفيق ناهي. هنن لاءِ means کي نہ، end کي ئي
ي آهي.

اهي ڪوٺا سڪا، ميڊيا جي چَڪا چوُنڌ ڪندڙ روشنيءَ هيٺ وڪامن
وب وڪامن ٿا. الهڙ لوڪ انهن رنگ برنگي ڦوڪڻن تي هرڪجي،
جيان انهن جي پٺيان پنيان ڊوڙن ٿا. البت جڏهن سندن ڦوڪيل
جو ڦوڪڻو ڦاٽي ٿو، اهو هڪ ڪن ۾ ڪين هيرو مان زيرو
تو چڏي.

انهن جي برعڪس جيمس جايس ۽ وان گو جهڙن ڪلاڪارن زندگيءَ

# کري ۽ کوٽي زندگي
(Authentic & Unauthentic life)

يوناني فيلسوف سقراط جو قوَل آهي تہ جنهن زندگيءَ کي اسان چڱيءَ طرح جاچيو پرکيو ناهي، اُها جيئڻ جي قابل ئي ناهي. The unexamined life is not worth living. جي اَسين پنهنجي چوگرد نھاريون تہ هن دنيا جا اِنسان ٻن طرحن جي زندگي گھاريندا نظر اچن ٿا. هڪڙا کري (معتبرانہ) ۽ ٻيا کوٽي (غير معتبرانہ). کري زندگي گھاريندڙن جو تعداد، کوٽي زندگي گھاريندڙن جي ڀيٽ ۾ تمام ٿورو آهي.

کري زندگي گھاريندڙن پنهنجي زندگيءَ کي خوردبينيءَ هيٺان رکي اُن جي باريڪيءَ سان جاچ پڙتال ڪئي آهي. پنهنجي پرايل ساڃھ سوجھيءَ سان اُن جو مفهوم ڄاتو آهي. پنهنجي جيون کي چاهيل ارٿ ڏيڻ لاءِ هنن پنهنجا ملھ، ماڻ، ماپا خود طئہ ڪيا آهن. پنهنجي نجي، علحدي راھ تيار ڪري اُن تي اڪيلو هلڻ جو پاڻ ۾ ساهس پيدا ڪيو آهي. پنهنجي جيون جون واڳون ٻيڙ جي هٿ ۾ ڏيڻ بجاءِ، پنهنجي هٿن ۾ سوگھيون جھليون آهن. پنهنجي جيئڻ جي تمام سنڀاوناٸن کي اُجاگر ڪري، پنهنجي اصولڪي سچاٽپ جي تلاش ڪئي آهي. سندن وجود جون سموريون قوتون ان هڪ ئي اُديش، 'پاڻ سچاٽي پاڻ لھ' تي فوڪس ٿيل آهن.

البت انسان ذات جي وڏي تعداد پنهنجي جيون جي واڳ ڏور ٻيڙ

ن سستو سؤدو سمجھيو هو، اُهو هنن لاءِ بيحد مهانگو ثابت ٿيو آهي.
ڪمايوم - موتي مون نہ وٽجيا)، پر تڏهن ڪافي دير ٿي چڪي
آهي. هنن جي ’مان‘ مري چڪي هوندي آهي.

ڪري ۽ ڪوڙي زندگيءَ مان ڇوٽڪارو انسان کي پاڻ ڪرڻي آهي. هڪ
ستو اوکو ڪاڃو، اهنجو، عذابن وارو آهي. ٻيءَ جو سريري سک آرام
سهنجو آهي. کري زندگيءَ جو ڪلف کولڻ جي هڪ ئي چابي آهي،
جو پاڻ سان سچائي (True to oneself) جڏهن اسين ٻاهرين پيڙ
ا جو شورغل پڌڻ بند ڪنداسين تڏهن ئي پنهنجي اندر جي اونهائيءَ
يندڙ آواز چٽيءَ طرح ٻڌي سگهنداسين. اُهو ئي اسانجي رهنمائي
، اسانکي پنهنجي اصلوڪي آتم (Authentic self) تائين پهچڻ ۾
ڪندو. هر انسان کي پس پيش اُهو ئي بڻجڻو آهي جيڪو هو آهي
.(What I

سچل سرمست سچ چيو آهي : ’ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي،
ئي آهيان، سوئي آهيان.‘

رچنا- ۹۰، (اپريل -جون ۲۰۰۱)

جون ذلتون ۽ لعنتون سهندي پنهنجي سڄي حياتي، نهايت ئي مفلسي ۽ تنگدستيءَ ۾ گذاري. ڪين پنهنجي جيئري ڪا دنيوي تسليمي حاصل نہ ٿي. پر اُين پهاڙن جي چڙهائيءَ دوران ڪين جيڪو اندر جو اُهاءُ حاصل ٿيو اُهو وڪائو جنس ناهي. اُن کي ڪير بہ خريد ڪري نٿو سگهي. هرهڪ شخص کي اهو آنند پنهنجي اندر مان پاڻ خلقي ماڻڻو آهي.

ڪري زندگي گهارڻ جو قائل شخص ٻئي ڪنهن ٻاهرين ٻُڌ جي پوئلڳي ڪرڻ بجاءِ، پاڻ ٻُڌ بڻجڻ لاءِ جفاڪشي ڪريٿو. هن جو رُڳو پنهنجي نراوڻ ۾ چاهہ ناهي، هو پراڻي ماتر جو موڪش چاهيٿو. چو تہ ٻنهي جو جيئڻ ۽ مرڻ هڪ ٻئي تي نرڀر آهي. ڪيس پنهنجي زندگيءَ جو هرڪو فيصلو وٺڻ جي مڪمل آزادي هوندي بہ پنهنجي ان ذميواريءَ جو بہ احساس آهي تہ سندس اِن چونڊ جو استعمال رڳو پاڻ لاءِ ناهي، بلڪ پراڻي ماتر لاءِ آهي، جنهن جو هو هڪ اڻوٽ جزو آهي، جنهن سان هو پوري طرح ڪمٽيڊ آهي.

ڪوڙي زندگي گهاريندڙ شخص جي ڪمٽمينٽ رڳو پنهنجي آپي واري اهم (Ego) سان آهي. هو سڄي حياتي پنهنجي ئي خودثنائيءَ واري کوپي اندر اڪيلو الڳ ٿلڳ گهاريٿو. پنهنجي ان خوديءَ واري اميج کي اُڀارڻ لاءِ هو چهري تي طرح طرح جا نقلي مکوٽا چاڙهيٿو. ڏٻلي زندگي جيئندڙ اهڙي شخص جو نہ ڪلڻ اصلي آهي، نہ روئڻ. سندس قول ۽ فعل ۾ ڪو تال ميل ڪونهي. هو پنهنجي سڄيل حرفت بازيءَ سان سڄي دنيا کي ٺڳڻ جي هام هڻيٿو، جڏهن ڪ هو پنهنجي انهن بدافعالن، سان، پنهنجو پاڻ کي ئي ٺڳيندو ٿو رهي. زندگيءَ جي شام جو پنهنجي پلاند ۾ ميڙيل واري ئي واري ڏسي، ڪن ٿورن کي اهو احساس ٿئي ٿو تہ جنهن

اهو ڏيکاريٿو تہ عام انسان جي سچيتيءَ جي اوسر اڃا نہ ٿي آهي.
يتيءَ جي شڪر تي تڏهن پهچندو جڏهن ڌرم مذهب، قوميت، جاتي
گ ڀيد، جنس ڀيد جا سڀ سنڌا مٽائي، انساني برابري ۽ ڀائيچاري
اپنائيندو. سڀني پراڻين ۾ هڪ ئي 'آتما' پسي 'وَسڌيوَ ڪٽنبڪم'
حيح آدرش ذريعي، نفرت بجاءِ محبت سان پنهنجو اونڌاهو اندر
ڪندو.

اهڙي اُسريل چيتنا واري شخص کي اهو چٽو احساس هوندو تہ هن
ءَ ۾ پسن پکين سميت، هرهڪ پراڻيءَ کي جيئڻ جو سمان اڌڪار
اهو ئي شخص مڪمل آزادي تو ماڻي جيڪو ٻين جي آزاديءَ جو
تو ڪري. اها جوابداري اُسريل چيتنشيل طبقي جي آهي تہ هو گهٽ
يل پراڻين جي اڌڪار جي حفاظت ڪري. ٿورائيءَ واري ڪمزور
هو ٻڪشڪ بڻجڻ بجاءِ، اُن جو رکشڪ بڻجي. اڄ اسين اکئين ڏسون
حشاني طاقتن پنهنجي سوارٿ پورتيءَ لاءِ چؤطرف نفرت ڦهلائي،
شٽيءَ جي سموري پرياورڻ کي زهريلو بڻائي ڇڏيو آهي. هن پاڪ
ذرتيءَ کي ائٽمي تباهيءَ جي ڪگار تي آڻي بيهاريو آهي.

البت اهي حيواني عناصر ٻاهر ڪٿي ڪونهن، جن کي سچائي،
روولیوشن ذريعي، هٿيار ڪٽي انهن جو خاتمو آڻي سگهجي. اها
ت هر انسان جي پنهنجي اندر ۾ موجود آهي، جنهن کي رڳو
ءَ جي اوسر (اووليوشن) ذريعي ئي پاڙون پٽي سگهجيٿو. انسان جي
ءَ ۾ ڦيرو آڻڻ جي اها اووليوشن (ڪر دنيا ۾ دل وڏيري، تون بہ
بہ رهان!) شاعر، فنڪار مفڪر ئي آڻي سگهن ٿا.

# جيون جو اَرٽ

انسان ٻين پراڻين کان ان ڪري علحدو آهي جو هو سوچيٿو، پنهنجيءَ سوچ کي عمل ۾ آڻيٿو. سوچ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ هن وٽ مُڪت اِڇا آهي، جنهن جو استعمال ڪري، پنهنجي اندر ۾ موجود قوتن کي حاصلات ۾ بدلي، هو پنهنجي جيون کي ڪو ارٿ عطا ڪريٿو.

پنهنجيءَ ان مخصوص شخصيت کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ هر شخص کي سوچ، اظهار، عمل سان گڏ، پنهنجي سر چونڊ ڪرڻ/فيصلو وٺڻ لاءِ مڪمل آزادي گهرجي. پابندين کان مڪت آزاد واتاورڻ ۾ ئي انسان جي اندرين اوسر ممڪن آهي. ۾و پنهنجي چاهيل تخليقي ڪرت اپنائي، پنهنجي خلقيل رچنا جي آئيني ۾، پنهنجي اصلوڪي 'مان' جي صورت پسي ٿو. اُن جي سونهن تي پاڻ ئي فدا ٿي الاهي مستي ماڻيٿو.

انسان پنهنجي اها انفرادي آزادي ماڻڻ لاءِ ڪيترن ئي سماجي، مذهبي، سياسي، وگياني ۽ اقتصادي سرشتن/ويوسٿائن جي ايجاد ڪئي آهي. البت اڄ انهن سرشتن/ويوسٿائن پاڻ مالڪ بڻجي انسان کي غلام بڻائي، ڪيس ڪرتا (Subject) مان پنهنجي استعمال جي هڪ ڪموڊٽيءَ (Object) ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. انسان اهي سڀ آدرش پنهنجي آزاديءَ جي حاصلات لاءِ خلقيا هئا، ۽ نہ پاڻ کي انهن تي ٻلي چاڙهڻ لاءِ. اڄ قوميت جي هڪ ئي آدرش لکن ڪروڙن معصوم انسانن کي صدقي جي ٻڪري بڻائي، سندن قتل - عام پئي ڪيو آهي.

اٽي اسين اهڙيءَ پيڙ جو حصو بڻجڻ ٿا چاهيون يا پاڻ لاءِ ڪو
چرو تيار ڪري، اُن تي اڪيلو پنڌ ڪرڻ جو جوکم کڻڻ جي پاڻ
ءِ ساهس ساريون ٿا؟ (جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوپار!)
ملو اسان مان هرهڪ کي پاڻ ڪرڻو آهي. هڪ ارٿ پورڻ آهي،
رڊ، ارٿ هيڻ!

سين جي چاهيون ته، پنهنجي مڪت اڇا ۽ عمل جي آزاديءَ جو
ڪري، پنهنجي مان مرتبي واري 'مان' جي هڪ منفرد وجود
ليق ڪري پنهنجي جيون کي ارٿ ڏيئي سگهون ٿا!

جيون شيام اُتاهون ياري ياري پٿر
ڪوئي بُت ساز هڪ ته تراشي هاٿي نئون دلوارا!

(٢٠٠١ مارچ

البت اهڙي شعوري طبقي کي، دنيا کي اڳيرو ڪرڻ کان اڳ، پ
کي اڳيرو ڪرڻو پوندو. آزاديءَ جي مفهوم کي چڱيءَ طرح سمجهڻو پوند

اهو ئي شخص صحيح معنيٰ ۾ آزاد آهي جيڪو ٻين تي نرڀر ٿيڻ
بجاءِ پاڻ آتم نرڀر آهي. انسان ۽ حيوان ۾ بس ايترو ئي فرق آهي. حيوا
کي ٻئي جي مرضيءَ خلاف ٻيا هڪليندا آهن. انسان پنهنجي مرضيءَ سا
پاڻ کي هڪليندو آهي.

هن سرشتيءَ جو ڪيندر بندوُ (مرڪزي نقطو) انسان ئي آهي. انسا
کان ٻاهر ٻيو سڀ مٿيا ڀرم آهي. چو ته هڪ انسان کي ئي رڳو پنهنجي
هستي آهي. هو پاڻ کان ٻاهر نڪري پاڻ کي ڏسي سگهي ٿو. پاڻ بابت
سوچي ويچاري، پنهنجي خامين کي پرکي انهن کي درست ڪري سگهي
ٿو. پنهنجي ورتل فيصلي جي مدنظر پنهنجي هٿن سان اُن جو عملي آرند
ڪري سگهيٿو. پنهنجي وجود جي تمام سنڀاونائن (امڪانات) مان پنهنجي
تت (Essence) کي اُپاري خود خدابڻجي سگهي ٿو، پنهنجي تت جي
سنڀاونائن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سرگردان اهڙي شخص کي سارتر 'پاڻ ل
جيو' (Pour-soi) سڏيو آهي.

رڍن ٻڪرين جي ڌڻ وارن کي، جن کي ٻاهريون طاقتون ڇهبوڪ
سان هڪلين ٿيون، سارتر 'پاڻ ۾ جيو' (En soi) سڏيو آهي. اَهڙن شخص
جي زندگي رڳو کائڻ پيئڻ، سمهڻ، ٻار ڄڻڻ پئسو ڪمائڻ ۽ پئسي سا
پاڻ لاءِ شهرت خريد ڪرڻ تائين محدود رهجي وڃيٿي. هو ٻين جي نظ
۾ جيئن ٿا، ٻين جي تسليميءَ تي ٽڳن ٿا. ٻين جي ٺاهيل شاهراه تي
پيڙ جي پنيان پنيان ڏڪجندي، پاڻ به آخر پيڙ جو حصو بڻجي وڃن ٿا.

ڪان ڪسي پنهنجي هٿ ۾ مضبوطيءَ سان جهلي آهي. اِنسان جي
چرل اوسر ۾ ساهت، سنگيت، ناٽڪ، نرتيہ، چترڪاري ۽ سنگتراشيءَ
سرجناتمڪ ڪلائن اَهم ڀُومڪا نباهي آهي. جنهن کي اَسين سيپنا
تي ٿا سڏيون، اُها اِنسان جي تخليقي قوتن جي پيداش آهي ۽
جو سڌو واسطو ڪلپنا شڪتيءَ سان آهي.

ڪلا جي رچنا پرڪريا هڪ نهايت ئي رهسيميہ ڪارگذاري آهي.
ر جي پلي زمين ۾ ڪو ولولو پيدا ڪندڙ خيال/عڪس هڪ ٻج جيان
تو وڃي. اُهو سندس ڪلپنا شڪتيءَ جي گرمائش ۾ ڪو عرصو پلجي
ذهن اَندر اُسرندو ٿو رهي. هڪ ڏينهن پچي راس ٿي، ڪا نئين
اختيار ڪري، پاٽمرادو سهج سڀاءَ ڦُٽي ٻاهر اچيتو. اِئين اَسين
ں ڪريون ٿا تہ ڪلپنا شڪتي ڪلاڪار جي اُها قوت آهي جيڪا
سوچ فڪر، ڀاونائن ۽ اَحساس کي تخليقي ولوڙ ذريعي هڪ نئون
طا ڪريٿي، يعني موزون لفظن، عڪسن، اِستعارن، تشبيهن،
ں، اِستثنين، گفتگو وغيره جي رچنا ڪري اَمورت کي اِسٿول، نراڪار
ڪار سروپ ۾ تبديل ڪريٿي.

ڪلاڪار جي ڪُک مان جنم ورتل اُها ڪلاڪرتي ليڪ سان گڏ پاٺڪ
جهيل ڳنڍيون ڳوڙها ٿيل سوچ کي سلجهائي، ڪيس نئين سوجهي
ريٿي. هن جي من جا شڪ شُبها، وهم گمان دُور ڪريٿي. ڪيس
يڙا مان نجات ڏياري، راحت جو اَحساس ڏيئيٿي. درشڪ/پاٺڪ جي
سونهن ۽ سچ جو شعاع پيدا ڪري آنند ڏيندڙ، اُن پيار جي پورهئي
۾ ڪنهن بہ قسم جي دُنيوي موٽ جي طلب ناهي) کي ئي اَسين
ون ٿا.

# ڪلپنا شڪتيءَ وارو ساهت

(Literature of Imagination)

هر قوم ۾ ڪي اهڙا فرد هوندا آهن جيڪي ليڪ کان هٽي ڪجھ نئون سوچيندا آهن، پنهنجي شخصي زندگيءَ سان گڏ سماجي زندگي کي بہ شعوري توڙي ثقافتي سطح تي وڌيڪ بهتر، وڌيڪ مالا مال ڪرڻ جو جتن ڪندا آهن. انهن منفرد شخصن ۾ ليکڪ ڪلاڪار بہ شامل آهن جيڪي پنهنجي اُسريل تخليقي قوتن سان اَهڙي ڪلپنا شڪتيءَ واري ساهت جي رچنا ڪن ٿا، جيڪو پڙهندڙن جي ذهن تي گهرو تاثر ڇڏي سندن ورتين ۾ ڦيرو آڻي ٿو.

اَڄ جون جديد رچنائون پاڻ کي سندس هيل تائين پاليل وهمن مان آزاد ڪري، ڪيس نہ رڳو نئون سوچڻ، بلڪ نئين نموني جيئڻ لاءِ آماده ڪن ٿيون. هن بدليل شخص کي اهو احساس ٿيڻ لڳيتو تہ جنهن کي هيل تائين هو حقيقت مڃيندو آيو هو، اُهو محض هڪ ڀرم هو. هستيوادي فڪر جي اَبي ڪيرڪيگاد بہ عام لوڪن کي سندن اُن وستوپڻي (Objectivity) واري ڀرم مان آزاد ڪرڻ تي چاهيو. هن جي چوڻ موجب اَسان کان پنهنجي ڪرتاپڻي (Subjectivity) واري قوت وڃائجي ويئي آهي. اُن کي نئين سر ڳولهي ڏيڻ ۾ اَسانجي مدد ڪرڻ ئي فلاسافيءَ جو ڪارج آهي.

اَسين اَڄ اَکين سان ڏسون ٿا تہ هن نوَجاڳرڻ واري دؤر ۾ اِنسان جي اِنفراديت نئون جنم ورتو آهي. هن پنهنجي جيون جي ڏور ٻاهرين

ئر جا ناٽڪ، شاھ جون سورميون، ڪلپنا شڪتيءَ واري ساھت جا
مثال آھن. اُنھن جو ھزارن سالن کان پاٺڪن جي ذھن تي دائمي
و آھي. حقيقت تي ٻڌل تواريخي واقعن يا ھرروز اَخبار ۾ ڇپجندڙ
ٿير گھٽنائن جو پاٺڪن تي تيستائين ڪو اَثر نٿو ٿئي، جيستائين
ھناڪار جي ڪلپنا شڪتيءَ جي ٻنيءَ ۾ پچي راس نہ ٿيون آھن.

ڪنھن بہ ساھتڪ رچنا جي ڪٿ ڪرڻ مھل آلوچڪ لاءِ ٽن نقطن
ن رکڻ لازمي آھي. رچنا جي وشيہ (Content) ، ھيئَت (Form) ۽
جي رچنا پنيان پنھنجي سچائي ۽ صداقت (Integrity). ھر آلوچڪ
ھنجي اُسريل داخلي نقط نگاھ سان گڏ اُھي ٽيئي ماڻ ماپا بہ موجود
ذھن ئي ھو رچنا سان اِنصاف ڪري سگھندو.

رچنا-٨٨، (آڪٽوبر-ڊسمبر ٢٠٠٠)

اعليٰ درجي جي تخليق ليکڪ/ڪلاڪار جي سماڌيءَ جهڙ
Possessed اوستا ۾ ئي ممڪن آهي. جڏهن هو پنهنجي اِردگرد وار
خسيسپڻي (Mundane World) کان ڇڏائجي پنهنجي ڪلپنا شڪتيءَ سا
خلقيل هڪ پُراسراري لوڪ ۾ واس ڪريٿو. ڪي اَهڙا اَديت اِستري پرش
(ڪردار) خلقيٿو، جيڪي سندس اَڳ نہ ڄاتل جذبن جي ترجماني ڪ
ٿا. اُهي ڪالپنڪ ڪردار ۽ اِستثيون ٻاهران غيرحقيقي نظر ايندي
حقيقيءَ کان وڌيڪ حقيقي هوندا آهن.

اِئين ساهت/ڪلا اِنسان کي سندس عام رواجيپڻي/خسيسپڻي کا
مٿي وٺي ويندڙ هڪ بُلند پروازيءَ وارو (Sublime) اَنڀو آهي؛ جيڪو سندس
شخصيت ۾ هڪ نئين پراڻ شڪتي ڦوڪي، هن اَئسبرڊ نظر ايندڙ زندگي
سان بهتر نموني دوبدو ٿيڻ جي سگهہ بخشي ٿو.

هن ڪلپنا شڪتيءَ واري ساهت جي برعڪس گيان ڏيندڙ ساهت
(Literature of knowledge) گڻت، جوتش، اَرٿ شاستر، سماج شاستر، وگيان
منووگيان جهڙن جدا جدا علمن جي اَسانکي ڄاڻ ڏئيٿو. هن گيان ڏيند
ساهت ۾ ڪلپنا شڪتيءَ بجاءِ ليکڪ جي بُڌيءَ (Intellect) جو وڏو رول آهي
جيڪا پنهنجي دماغي دليلن ۽ منطقي قوتن سان خارجي حقيقتن جي اوک
ڊوک ڪري، کين غلط/صحيح جي خانن ۾ درج ڪندي ٿي هلي. تخليقي
ليکڪ ڪلاڪار البت اِنسان جي من اَندر ليئو پائي ۽ سندس داخلي ورتيء
کي پنهنجي سهج گيان (Intuition) سان سنويدن شيل سطح تي، محس
ڇُهي سگهي ٿو. ڪنهن بہ نتيجي تي پهچڻ هن لاءِ ممڪن ناهي.

والميڪيءَ جو رامايڻ ويدوياس جو مهاڀارت، ڪاليداس جي شڪنتل

ليکڪ جي لکڻ جي ڪلا تڏهن ئي اُسري فن جي اونچائيءَ کي رسي
ڏهن هر ڏاڪي تي کيس شعوري پاٺڪ جي حوصلي افزائي حاصل
ي. نقاد به هڪ سڄاڻ پاٺڪ ئي آهي. سندس تنقيد رچنا تي هن
اريل ايماندارانه رد عمل آهي. اُسرندڙ ليکڪ کي اهڙي مارگ درشن
رورت محسوس ٿئي ٿي. شاعريءَ ۾ اصلاح ڏيڻ جي پرمپرا، سنگيت
و - شش واري پرمپرا جيان آڳاٽي آهي. هرڪو ليکڪ شروعاتي دؤر
ڙا پائي ٿو، پوءِ پنڌ ڪرڻ سکيٿو ۽ آخر پاڻ پيرن تي ٻوڙون پائي
ي اپواد ٿي سگهن ٿا، اهڙا جمندي جام، ماءُ جي پيٽ مان جنم
ئي ٻوڙون پائيندا هوندا).

عام طور جڏهن ليکڪ درجي بدرجي اوسر ڪندو ان ٻوڙڻ جي منزل
چي ٿو ته پوءِ کيس نه ڪنهن گروءَ جي مارگ درشن جي ضرورت
ـ ڪنهن پاٺڪ جي رد عمل جي. لکڻ سندس ٻين ضروري ڪريائن
، پيئڻ، سمهڻ، ساهه کڻڻ - جهڙي ئي سهاويڪ ڪريا بڻجي ٿو
هو سندس جيئڻ جو لازمي شرط ٿو بڻجي پوي. ان ڪانسواءِ هو زنده
ٿو سگهي. روز مره جي زندگيءَ ۾ هو جيڪي ڪجهه محسوس ڪريٿو
پنهنجي فن ذريعي اظهار ڏيٿو. ان اسٽيج تي پهچي هو محض
لکيٿو. جئن ماڻهو عبادت لاءِ عبادت ڪندو آهي، پيار لاءِ پيار ڪندو
شيوا لاءِ شيوا ڪندو آهي. ان مان رڳو کيس هڪ ذهني سُکون ملندو
ان مان هوُ ٻئي ڪنهن به قسم جي دنيوي لاڀ جي موٽ ڪونه
و آهي.
اهڙي مٿانهين سطح تي پهتل 'سامي' ڪاغذ تي شلوڪ لکندو مٿ
ل ڪندو ويو. وجد جي اسٿتيءَ ۾ اچي شاهه صاحب پنهنجو ڪلام

# پاٺڪ جي تلاش

(A Writer in Search of the Reader)

اڄ سنڌيءَ ۾ بي شمار ڪتاب ڇپجن ٿا. سنڌي مئگزنيون به وڏ
تعداد ۾ شدمد سان شايع ٿين ٿيون. پر انهن جا پاٺڪ ٽارچ کڻي ڳولھ
سان به نٿا لڀجن.

سنڌي پاٺڪن جي گھٽجڻ ۽ هاڻي لڳ ڀڳ گم ٿي وڃڻ جي ڪارڻ
جي اسان سڀني کي ڀليءَ ڀت پروڙ آهي. سنڌي ڀاشا جي روز به ر
گھٽجندڙ واهپي سبب، معياري سنڌي ادب جي تخليق ۾ بحران پيد
ٿي ويو آهي. پنجاهه ورهين کان گھٽ عمر وارا سنڌي ليکڪ، آڱرين ت
ڳڻڻ جيترا به نظر نٿا اچن. تازي پاڻيءَ جي انهن ڌارائن جي داخل
ٿيڻ سبب، سنڌي ادب جي وهڪري ۾ رڪاوٽ پيدا ٿي ويئي آهي. ا
سڙاند پيدا ڪندڙ پاڻيءَ جو ڍُٻو بڻجي ويو آهي. سجاڳ پاٺڪن ج
غيرموجودگيءَ سبب، ڪيترن اوچ ڪوٽيءَ جي ليکڪن لکڻ بند ڪري
ساهتڪ کيتر مان سنياس وٺي ڇڏيو آهي.

انهن حالتن جي مدنظر هڪ سوال اسان سڀني جي ذهن ۾ اُڀري
ڇا معياري ادب جي خلقجڻ لاءِ سجاڳ پاٺڪن جو هئڻ لازمي آهي؟

ان سوال جو سڌو سنوٽو جواب آهي، 'ها!' پاٺڪ رچنا پرڪريا ج
ٽڪنڊي جو ٽيون پاسو هوندو آهي. پهريون پاسو آهي رچناڪار، ٻيون پا
آهي سندس تخليق ڪيل رچنا ۽ ٽيون پاسو آهي پاٺڪ. رچنا تڏهن ئ
مڪمل ۽ سارٿڪ ليکبي آهي، جڏهن اُها پاٺڪ جي ذهن تائين پهچي
پنهنجو اثر ڏيکاري ٿي.

# نڌي ساهت ۾ ليکڪائن جي حصيداري

سنڌي ساهت ۾ ليکڪائن جي حصيداري ايتري ناهي جيتري ٿيڻ
ي هئي. ٣٢ ليکڪن کي هيل تائين ساهتيه اڪادمي انعام ملي چڪو
اُنهن ۾ ليکڪائون رڳو چار آهن. پوپٽي هيراننداڻي، سندري
داڻي، تارا ميرچنداڻي ۽ ڪلا پرڪاش.

ورهاڱي کان اڳ جتي سوين ليکڪ سنڌي ساهت جي آڪاش ڳنڍا
ڪي رهيا هئا، اُتي صرف هڪ ٻه ليکڪا ڳلي سدارنگاڻي ڏُروُ تاري
نمائيندي نظر اچي ٿي. ١٩٤١ ۾ ڇپيل سندس اصلوڪي ناول
' تنهن وقت جي سنڌي ادبي ڪيتر ۾ ڪافي ڇوٻول پيدا ڪيو هو.
ر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجي 'سنڌي نثر جي تواريخ' ۾ ائين ته
آڏواڻي، ايشوري جوتواڻي، موهني دوداڻي، ڪرشنا ڪيولراماڻي،
هيمراجاڻي، ڀڳونتي ديالاڻي، ساوتري ميرچنداڻي، ۽ ڪملا ڪيسواڻيءَ
ذڪر ڪيو آهي، جن ٻين ٻولين تان ڪي ڪهاڻيون، ناول ترجمو ڪيا
پنهنجا ڪي اصلوڪا ليک لکيا هئا. انهن مان ڪنهن به شاعريءَ،
نويسيءَ وغيره تي قلم آزمائي ڪانه ڪئي هئي.

ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌي ساهت جي نئُجاڳرڻ واري دؤر ۾ لڳيتو
ليکڪن پنهنجي ارڏانگين اندر ساهت لاءِ ذوق شوق پيدا ڪري قلم
ءِ اُتساهه بخشيو هوندو. سنڌي ادب ۾ ان ڪري ڪيئي جوڙا مشهور
ندري-اُتم، ڪلا-موتي پرڪاش، مايا-ڪرشن راهي، ڪويتا-لال پشپ،
هريش واسواڻي، انيتا-ڪمل پياسي، سنڌو-تيرٿ چانڊواڻي.

ڳائيندو ويو، سندس مريد اهو پنهنجي حافظي ۾ درج ڪندا وي
چيڪوسلوويڪيا جو ليکڪ 'ڪافڪا' فيناشاهيءَ جي ڪوڙڪي ۾ قاتل هڪ
عام انسان جي بيوسيءَ کي پنهنجي ناول 'د ترايل' ۾ درشائي، وصيعت
ڪري ويو ته هن جي مئي کانپوءِ سندس لکيل سڀني دستخطن کي جلائي
ڇڏيو وڃي. هن صديءَ جي بهترين ناول 'يوليسس' جو ليکڪ جيمس جايس
پئرس ۾ پنهنجي جلاوطنيءَ دوران لڳاتار اٺ سال، پنهنجي قاتل مالي
حالت ۾ اهو ناول يڪساهي لکندو رهيو. ڪيس اِها به سُڌ هئي ته ڪو ب
پبلشر اهو ناول ڇپڻ لاءِ تيار نه ٿيندو. اگر ڇپيندو ته ان تي جهٽ پابندي
لڳائي ويندي.

سچيتيءَ جي مٿانهين چوٽيءَ تي پهتل انهن سڀني ليکڪن شاعرن
کي پاڻکن جي سامهون هئڻ جي ضرورت محسوس نٿي ٿئي. لکڻ هنر
لاءِ عبادت آهي، آتم اظهار آهي، پاڻ سان ساکياتڪار آهي. لکڻ مان هنن
کي نه ناڻو کپي، نه نالو ناموس کپي، نه ئي ڪو نوبل پرائيز. هو بس لکند
رهن ٿا. لکڻ ذريعي پاڻ سڃاڻي، پاڻ کي پائين ٿا.

باقي هن املهه زندگيءَ کي چند سونن سڪن تي وڪڻ، انعامن
خطابن، عهدن ڪرسين، ٽوپين جي لالچ تي لکڻ، پنهنجو پاڻ کي
نڳڻ آهي.

ملهه مهانگو قطرو، سڪڻ شهادت
اسان عبادت، نظر ناز پرين جو!

ڇنا-٨٦، (اپريل - جون ٢٠٠٠

ارا ميرچنداڻيءَ ناول خواه ڪهاڻيءَ تي ڪاميابيءَ سان قلم هلايو
هٽ يوڳي' ڪانسواءِ 'ڪومايل ڪلي'، 'اُشا'، 'لهرن جي گونج' ناول
ئين جا مجموعا 'اُلجهيل تندون ريشم جون' ۽ 'ربڙ جي گڏي' مشهور
ن.

ريٽا شهاڻي ٿوري عرصي ۾ ئي ١٥-٢٠ ڪتاب ساهت جي هر صنف
ب ورتا آهن. پوپٽيءَ بعد مقدار جي لحاظ کان سندس نالو سنڌيءَ
ٽاس ۾ درج ڪيو ويندو. سندس 'پنک وڃائين شنک' ڪنهن به سنڌي
جي شعرن جي پهريون مجموعو آهي.

ڪو وقت هو جو شاعريءَ جي صنف تي رڳو پرشن جو قبضو هو. استرين
دن ان خانگي ڪلب ۾ ٽپي اچڻ جي منع هئي. پر اڄ شاعرائون
جام مشاعرن ۾ پنهنجو شعر پڙهي درشڪن کان داد حاصل ڪن
ريٽا شهاڻيءَ ڪانپوءِ اندرا شبنم، اندرا واسواڻي، ديوي ناگراڻي،
ب چئناڻي 'رسٽي'، رشمي راماڻي، ومي سدارنگاڻي، جا نالا شاعرائن
ف ۾ ڳڻائي سگهجن ٿا. انهن مان ڪن جي شعرن جا مجموعا به
ي چڪا آهن.

اندرا واسواڻي ڪهاڻيءَ جي کيتر ۾ به اڳري آهي، سندس ٻه مجموعا
'منجري' شايع ٿي چڪا آهن. ساڳيءَ طرح اندرا شبنم به ڪهاڻيءَ
ميابي سان قلم آزمائي ڪئي آهي، سندس مجموعو 'عبادت' شايع
ي. مايا راهيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو 'محبت جو مينهن'
ائيءَ ۾ شايع ٿيو آهي. لڇمي اميسر جا ڪي ناول ۽ ڪهاڻيون
١٩٦٥- واري دؤر ۾ شايع ٿيا هئا، پوءِ لڳيتو هوءَ به شادي ڪرڻ بعد
اري جيان اُجهامي ويئي. مضمون نويسيءَ ۾ پوپٽيءَ جو نالو سڀ

ان شروعاتي دؤر ۾ اسڪولن، ڪاليجن ۾ پاڙهڻ وارين ليکڪائن پوپٽي هيرانندائي، چندرا آڏواڻي، ايشوري جوتواڻي، سندري اُتمچندائي، ڪلا پرڪاش ۽ اڄ جي دؤر ۾ سشيلا موتواڻي، ڪملا گوڪلاڻي يشوڌرا واڌواڻي، ديا لالچندائي، ومي سدرانگاڻيءَ لاءِ ساهتڪ کيتر ۾ قدم رکڻ ۽ اُن سان نباهيندو اچڻ، بين ليکڪائن جي ڀيٽ ۾ سهنجو رهيو هوندو.

باقي عام سنڌي عورت لاءِ گهر گرهستيءَ جون جوابداريون نباهيندي ساهت ساڌنا لاءِ وقت ڪڍي سگهڻ نهايت ئي ڏکيو مسئلو آهي. تارا ميرچندائيءَ شاديءَ بعد لڳ ڀڳ ويهارو سال لکڻ بند ڪري ڇڏيو. ريٽا شهاڻيءَ به وواهت جيون جا سڀ فرض پورا ڪرڻ بعد ڪافي دير سان ساهتڪ کيتر ۾ پير پاتو. مايا راهي وچ وارا ڪيئي سال گوشي نشينيءَ ۾ گذاريا.

ڀارت ۾ ڪلي سدارنگاڻيءَ جا ٻه ٻيا ناول، 'ساڌنا جو سپنو' (١٩٦٠) ۽ انقلاب (١٩٧٩) شايع ٿيا.

سنڌي ساهت کي مقدار جي خيال کان گهڻي ۾ گهڻي دين پوپٽي هيرانندائيءَ جي رهي آهي. هن ناول، ڪهاڻي، آتم ڪٿا، نرتيه - ناٽڪا، مضمون، آلوچنا، ساهت جي لڳ ڀڳ هر صنف کي مالا مال ڪيو آهي.

سندري اُتمچندائيءَ جا گهڻي ۾ گهڻا ڪهاڻي سنگره (نو) شايع ٿي چُڪا آهن. 'هي شهر'، 'پوري'، 'اڇا وار ٻاڙها گل'، 'کير ڀريا هنڙا'، سندس يادگار ڪهاڻيون آهن. ڪلا پرڪاش جا وري گهڻي ۾ گهڻا ناول (اٺ) شايع ٿي چڪا آهن جن ۾ 'آرسيءَ آڏو'، 'شيشي جي دل'، 'پيار'، 'هڪ دل هزار ارمان' بيحد پسند ڪيا ويا آهن. سندس نظماڻو نثر 'ممتا جون لهرون' ۽ سفرنامو 'هنئڙي منجهه هُرن' فن جي سطح تي مقبول ويا آهن.

# ڪوالٽي

سچ، سونهن، پيار، ڪلا، ڪوتا جيان ڪوالٽيءَ جي بہ وياکيا ممڪن
اهي سڀ اسانجي علم ۽ عقل جي دائري کان مٿي جون
آهن.

ڪوالٽي شخص جي اندرين اوسر جي هڪ پُر اسراري وصف آهي.
ي نظر ايندي بہ اُها هرشخص، هروستو، هر ڪاريہ ۾ موجود ٿي
. ڪوالٽي ئي آهي جيڪا ڪرڪيٽ رانديگر تيندُلڪر کي، نرتڪار
هراج کي، گايڪ ڪلاڪار بيگم اختر کي، شاعر شيام کي ٻين کان
ري بيهاري ٿي. هن سنسار مان جي ڪوالٽيءَ جو اهو عناصر ڪڍي
پوءِ تہ حياتي نهايت ئي نيرس، اَيوڳي بڻجي پوي. اُها شايد جيئڻ
ل ئي نہ رهي.

ڪوالٽيءَ جي غير موجودگيءَ جو پهريون شڪار ساهت ۽ سوڪيم
تينديون. شاهہ، شيڪسپيئر، گيٽي ۽ ٽئگور جهڙن شاعرن کي پڙهڻ،
، ماڻڻ ۾ ڪنهنجو چاهہ نہ رهندو. ڪشوري امونڪر، پيمسين
عابدہ پروين هندي فلمي گانن جي شورغل ۾ گم ٿي ويندا. آرا،
جامني راءِ جي چترن بجاءِ، گهر آفيس ۽ آرٽ گئلرين جي پتين
خيام، مينڪا وشوامتر جا اشليل ڪئلينڊر ٽنگيل نظر ايندا.

ر اصل اڄ اهوئي ٿي رهيو آهي. انسان جي زندگيءَ مان ڪوالٽي
آهستي موڪلائي رهي آهي. ڏينهون پوءِ چوطرف رواجيپڻي ۽

ڪان متيرو آهي. ان بعد چندرا آڏواڻي، گوپي موتواڻي، ايشوري جوتواڻي (سنڌس ويهارو ڪن ڪهاڻيون ۽ ناول ’الفت جي آڳ‘ شايع ٿيل آهن) ڪلا ريجسنگهاڻي، سيتا سامتاڻي، ڪملا گوڪلاڻي (سنڌس ڪهاڻين جا مجموعا ’حادثي ڪانپوءِ‘ ۽ ’فيصلو ٿيڻ تائين‘ شايع ٿيا آهن) سشيلا موتواڻي، انيتا ڪمل پياسي ۽ يشوڌرا واڌواڻيءَ جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو. يشوڌرا کي آرميڪ مضمون چٽاڀيٽي ۾ پهريون انعام حاصل ٿيو ۽ کيس سنسڪرت ناول ’سنڌو ڪنيا‘ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جو به شرف حاصل آهي.

استري ليکڪائن گهٽي ۾ گهٽي قلم آزمائي ناول ۽ ڪهاڻيءَ تي ڪئي آهي. البت ناٽڪ ۽ آلوچنا جي کيتر ۾ سنڌي ليکڪائن جي حصيداري ’نه‘ جي برابر رهي آهي.

گذريل ڏهاڪو سالن ۾ سنڌي ساهت جي اُفق تي ڪن نون ليکڪائن جا نالا اُڀري آيا آهن، جئن وينا شرنگي، سروج پارواڻي، مينا گوپ روپچنداڻي، ديا لالچنداڻي، ديا جشناڻي، پونم واڌواڻي، رتنا گوڏيا، تلسي آننداڻي، شڪو ڪلناڻي پر اڃا انهن جي رچنائن اهو شعاع پيدا نه ڪيو آهي جو سنڌن ادبي ديڻ جي تڪ تور ڪري کين مٿانهون درجو ڏيئي سگهجي.

رچنا طرفان ڪجھ سال اڳ پوني جي ليکڪائن جو هڪ خاص انڪ تارا ميرچنداڻيءَ جي سمپادڪيءَ هيٺ شايع ڪيو ويو هو. هن انڪ ۾ به ليکڪائن جي ئي رچنائن کي فوڪس ۾ آندو ويو آهي، جئن وڌيڪ ۽ وڌيڪ ليکڪائن کي اڃا بهتر ۽ بهتر لکڻ لاءِ پروتساهن حاصل ٿئي ۽ مقدار سان گڏ سنڌن رچنائن جي معيار ۾ به اضافو اچي.

(رچنا-٨٧، (جولاءِ - سپٽمبر ٢٠٠٠)

ءَ جا قوال، ناچو، قلابازيون ڏيندڙ جوڪر، هڪ ئي وانر جي نسل
ا. سرڪاري وضيفن تي پلجندڙ درٻاري ليکڪ شاعر، محل ۽ موقعي
نهنجو پنهنجو مال تيار ڪري ڏيندا. اها سموري خريد فروخت
۽ ڪوٽيشنن ذريعي ٿيندي. ان سپلاءِ جي عيوض ڪميشن دلالن
، ڪئش ۽ ڪائينڊ ۾ وصولي ويندي.

ها، اڄ بہ لڳي پٿي اهوئي ٿي رهيو آهي. ڪوالٽيءَ جي ان ڀڳ
ڄاڻي اچي چڪي آهي جڏهن هرڪو شخص پنهنجي پنهنجي
، ڪيتر جو هڪ ڪلاڪار هو. ڪشميري شال تي ڀرت ڀرڻ وارو ٻڌو
ر ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجيءَ ڪرت ۾ ڪوهجي، سُئيءَ ۾ پنهنجي
شڪتي اوتي، طرح طرح جا نقش ڪپڙي تي چٽيندو هو. وقت جي
سمڪ ئي نہ پوندي هئي. اها دستڪاري سندس پيار جو پورهيو هئي.
الڪرتي مان اُپري آيل ڪوالٽي سندس اندر جي اوسر جو عڪس،
، 'مان' جي صحيح سڃاڻپ هئي.

اڄ جي مشيني يڳہ ۾ پورهيت جو پنهنجي پورهئي مان سندرتا جو
س گم ٿي ويو آهي. ڪا نئين، اديت، لاثاني ڪوالٽيءَ واري چيز خلقڻ
مانچ ختم ٿي ويو آهي. مشينن ۽ مارڪيٽ جي دٻاون سندس انفراديت
، ڪيس ڇهري هيڻ، پاڻ لاءِ اجنبي، اڪيلو ويڳاڻو بڻائي ڇڏيو آهي.
بت ۽ سندس پورهئي جي وچ ۾ بيگانيت پيدا ٿي ويئي آهي.

اڄ دنيا ۾ چوڌاري ڦهليل بدامني، بي انتظامي ۽ بد سلوڪيءَ جو
ڪارڻ، انساني رشتن ناتن ۾ اچي ويل اها بيگانيت ئي آهي. ماڻهوءَ
ماڻهوءَ سان، پنهنجي آس پاس سان، قدرت سان، پنهنجي ڌرتيءَ سان،
نجي سماج ڪٽنب سان، خود پنهنجو پاڻ سان ڪو تال ميل ڪونہ رهيو

فاحشپٽي جو راڄ قائم ٿي رهيو آهي. اڄ جي ماڻهوءَ جو هڪ ئي واحد
شغل آهي : گهٽي کان گهٽو پئسو ڪمائڻ. پئسي ڪمائڻ لاءِ هرروز، هر
پل، هوُ پاڻ کي وڪڻي ٿو ۽ ان کي سستو سؤدو سمجهي ڪڳيون هڻي ٿو.
کيس اهو احساس نٿو ٿئي تہ ان ڪارگذاريءَ ۾ هو ماڻهپي جي معياري
درجي کان هيٺ ۽ هيٺ اوڙاهہ ۾ ڪري رهيو آهي. پئسي ڪمائڻ لاءِ رشوت،
ڪاڌي جي شين ۾ ملاوت، ڀرشٽاچار، بلئڪ ميل، بي ايمانيءَ کي جائز مڃي
هو انتن نانگن کي پاڪر پائي رهيو آهي.

هن وگيان ۽ ٽڪنالاجيءَ واري يگ ۾، مشينن جي ايجاد، اڄ وڏي
پيماني تي هڪجهڙيون ساڳي قسم جون شيون تيار ڪري، ماڻهوءَ کي عيش
عشرت لاءِ ناڻو تہ جهجهو ميسر ڪري ڏنو آهي، پر موت ۾ سندس انفراديت
کسي، کيس ماڻهو (being) مان مشين (non-being) ۾ تبديل ڪري ڇڏيو
آهي. مشينن جيان ئي ڏينهن رات مشغول ٿي ويل ماڻهوءَ وٽ پنهنجي
ڪوالٽيءَ جي اندرين اوسر ڪرڻ لاءِ ٽائيم ڪونهي. اڄ ڪوالٽي (معيار)
ڪوانٽٽيءَ (مقدار) جي پهاڙ هيٺان دٻجي دم ٽوڙي رهي آهي.

اڄ جا وگياني هاڻي ڪلوننگ (Cloning) ذريعي، بازار جي گُهرج
پوري ڪرڻ لاءِ، وڏي تعداد ۾ انسانن جا جدا جدا قسم لئبارٽرين ۾ تيار
ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. شايد هاڻي اهو ڏينهن پري ڪونهي، جڏهن
ديس جي سرحدن تي گرمي سرديءَ ۾ پهرو ڏيڻ لاءِ هڪ ئي قسم جا مضبوط
جاٺا جوان، لکن جي تعداد ۾ ٽيپ ٽاهي تيار ڪيا ويندا. اڳوات رٿيل
سرڪاري آيوڊيالاجي شاگردن جي دماغ ۾ ٺونسڻ لاءِ اسڪولن ڪاليجن جا
ماسٽر پروفيسر بہ سڀ جا سڀ، هڪ ئي ٻاڙهي، سائي، يا گيڙو رنگ جي
ذهنيت وارا هوندا. پبلڪ جو سستو منورنجن ڪرڻ لاءِ ٿئيٽر، سرڪس

# اهم (Ego) ۽ آتم (Self)

ج جي انسان پنهنجي سڃاڻپ پنهنجي ’اهم‘ سان جوڙي آهي.
اهو اهم سندس سريري سونهن ۽ دنيوي حاصلاتن مان اُپري ٿو.
سريشٽ سڏجندڙ جاتي يا اونچي خاندان سان تعلق، ڪني ڪيل
ت، پرايل علم عقل، هٿ ڪيل ڊگريون، انعام اڪرام، عهدا خطاب،
’مان‘ کي اُجاگر ڪري، ڪيس ٻين کان برتر هئڻ جو سڪ ڏين ٿا.

نهنجي ان اهم کي ئي زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو سرمايو مڃي، هو
وڌيڪ چمڪائڻ جي ڇلاپيڻيءَ ۾ هروقت تيز ڊوڙندو ٿو رهي. البت
جي ’اهم‘ جي اُسات ترپت ٿيڻ بجاءِ، وڌيڪ شدت سان پڙڪي،
ج ٻنيان ڊوڙائي ساڻو ٿي ڪري ڇڏي. جيون جي پڇاڙيءَ ۾
ي پلاند ۾ نراسائيءَ جي وارِي ئي واري ڏسي، سندس منهن مان
انهن ٿي نڪري وڃي.

هاءِ سنسار، هتي سُک نہ مليو سُک پائي،
نانءُ ٿيو اَصل جو، هٿ آيو مگر عڪس رڳو! (شيام)

ئين انسان جي حياتي، پنهنجي اهم جون اَڻُت تقاضائون پوريون
ي پَچ پَچان ۾، پاڇن جو پيڇو ڪندي، وئرٿ گذري ٿي وڃي.
نهنجي ئي اندر ۾ موجود ’آتم‘ سان ساڪياتڪار ڪرڻ جو وجهہ ئي
، جيڪو ئي انسان جي اصلي سڃاڻپ جو ضامن آهي.

آهي. سندن سنبنڌ وڇيد ٿي ويو آهي. اڄ جو ماڻهو ايشور (ڪوالٽي) کا
ومک ٿي ويو آهي. هن جي اندر ۾ شيطان اچي واسو ڪيو آهي. دوزخ اَ
ٻيا ماڻهو ڪونهن، اسين پاڻ ئي آهيون، جن محبت ۽ ايمانداريءَ جي
وات ڇڏي، پنهنجي شخصي سوارٿ لاءِ نفرت ۽ بي ايمانيءَ جو رستو اختيا
ڪيو آهي.

هن دنيا کي بدلڻ ۽ بهتر بڻائڻ جي لياقت به انسان جي اَندر ئي
مؤجود آهي. هرڪو شخص جي پاڻ طرف فرض (Duty towards Self) نباهڻ
جو ڌرم پالي، يعني پنهنجي چوندبيل ڪيتر ۾، هٿ ۾ ڪنيل ڪرت طرف
ايماندار بڻجي، ساڌنا/رياض ذريعي 'ڪوالٽيءَ' جي آراڌنا ڪري ته هو
خود خدا بڻجي سگهي ٿو. رڳو ٻين ماڻهن (جيون) سان بلڪ مشينن (اَجيون)
سان به مڌر سنبنڌ اسٿاپت ڪري اُنهن مان سندرتا جو احساس خلقي، هن
زندگي کي جيئڻ لائق بڻائي سگهي ٿو. ڪوالٽيءَ ئي ٻُڌ آهي، ڪرست
آهي، محمد آهي، نانڪ آهي، گانڌي آهي.

هت اهو وري دهرائڻ ضروري آهي ته سچ، سونهن، پيار، ڪلا، ڪوتا،
ڪوالٽيءَ کي، جيڪي سڀ هڪ ئي لامحدود، سرو وياپي، امورت ايشور
جون صفتون آهن، جن ذريعي هو پاڻ اظهاريتو؛ انهن کي محسوس ته ڪري
سگهجيتو، ماڻي به سگهجيتو. پر پنهنجي محدود انساني قوتن ذريعي،
انهن کي ڪنهن وياکيا جي پڃري ۾ بند ڪري، پنهنجي ڊرائينگ روم
۾ ٽنگي نٿو سگهجي.

رچنا-٨٤، (آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٩٩)

ڪندي، سطح تي ترپا ڏيندا رهن ٿا. گنڀير ليکڪ پنهنجي آتم
راڻ ۾ هيٺ اونهو لهي 'سچ' ۽ 'سونهن' جون سپون
چن ٿا.

رکو ڪلاڪار، ڪلا جي ساڌنا ذريعي، پنهنجي ئي 'آتم' جي
ڪي گهڙي، تراشي اُن ۾ ساهه ڦوڪي ٿو ۽ پنهنجي خلقيل هن
ڪلاڪرتيءَ جي سونهن جو مشاهدو ماڻي ٿو. ائين پنهنجي تخليقي
اُڀاري، پريپورڻتا جي درجي تي پُڄائي، پنهنجي اندر کي پراڻُ،
زندگيءَ کي ڪا معنيٰ، ڪو ارٿ ڏيئي ٿو. هن دنيوي خسيسپڻي
نجا پلاند آجا ڪري، وجد جي بُلنديءَ کي ڇهي ٿو.

هم' جو دائرو جتي نهايت ئي تنگ، شخص جي نجي سوارٿ تائين
آهي، اُتي 'آتم' جو دائرو نهايت ئي ڪشادو، سموري سرشٽيءَ کي
ٻانهن ۾ سمائڻ وارو آهي. پنهنجي آتم سان ساکياتڪار ڪرڻ
کي پراڻي ماتر لاءِ پيار ۽ ڪروڻا آهي. هو ڪو به ڪاريه، ڪنهن
نعام جي لالچ ۾ اچي، پاڻ تي هموار نٿو ڪري، بلڪ اُن مان
بندڙ آنند لاءِ ٿو ڪري. پنهنجي آتم سان مخاطب ٿيڻ لاءِ انسان
هنن دُنيوي اڇائن، واسنائن کي ترڪ ڪرڻو پوندو، جيڪي سندس
ڪاچ آهن. هن جي اندر ۾ وير وروڌ، ڌڪار، تعصب، ايرکا حسد
ص ٿيون پيدا ڪن.

ل کان انسان پنهنجي ان آتم کي ڄاڻڻ سڃاڻڻ لاءِ تپسيا ڪندو
ي. 'پاڻ سڃاڻي پاڻ لهه' ئي انساني زندگيءَ جو واحد مقصد رهيو
نشدن ۾ به اهو سوال موجود آهي ته 'اهو ڇاهي جنهن کي ڄاڻڻ

انسان جو پنھنجي آتم سان مخاطب ٿيڻ جو پھريون ۽ لازمي شر
آھي ’دنيا جي نظرن ۾ جيئڻ بجاءِ، پنھنجي نظرن ۾ جيئڻ‘ يعني پنھن
پاڻ سان ايمانداري! شيڪسپيئر بہ چيو آھي :

‘To thine own self be true and
Thou can not be false to any man !’

پنھنجا تہ خسيس سوارٿ سِڌ ڪرڻ لاءِ حرفت، چالاڪي ۽ ب
ايمانيءَ سان ھين ڪي نَنگڻ جا شارٽ ڪٽ اپنائي، ماڻھو پنھنجي اھ
ڪي اُپاري اُن جا فوٽو اخبارن/مئگزنن جي ڪور تي ڇپائي، پاڻ کي دن
جي نظرن ۾ تہ لاشڪ سرخرو ڪري سگھيٿو. پر ان ڪارگذاريءَ ۾ دراص
ھو پاڻ کي ئي ٺڳي، پنھنجي نظرن ۾ ھيٺ ڪرندو، پنھنجي آتم ج
عڪس کي ڏنڌلو ڪندو ٿو رھي. وقت گذرندي سندس آتم جو آھست
آھستي موٽ ٿيندو ويو آھي، ان جي ڪيس سمڪ ئي نٿي پوي.

انسان جي اندر ۾ موجود ’آتم‘ جو پاڙون سندس ھزارن سالن ج
ڪلچر ۾ اونھيون کُتل آھن، جتان ئي ڪيس ساڃھ ۽ سوجھيءَ جي خورا
ملندي ٿي رھي. وقت سان پرايل ڏاھپ سان اُن جي اوسر ٿيندي ٿ
رھي. شخص جي اھم جيان آتم کي ڪو ٺوس آڪار يا نالو ڪونھي. آت
محض ھڪ State of being/Consciousness آھي جيڪا انسان ج
بدلجندڙ ملھن جي باوجود ’سچ‘ ۽ ’ڪوڙ‘، صحيح ۽ غلط، سونھن
بدزيبائيءَ جي وچ ۾ پرک ڪري، سندس رھنمائي ڪريٿي.

ساھتڪارن ۽ ڪلاڪارن جي تخليقي عمل جو آڌار بہ سندن اھم نہ
بلڪ آتم آھي. اُچاتڙا ليڪ پنھنجي اھم جي ڪوھ ۾ ’مان -مان‘ ج

# ساهت جو ڪارج

ساهت/ڪلا جي ڪارج بابت ٻه مڪتب فڪر عام آهن. هڪ 'ڪلا
، ٻيو 'ڪلا زندگيءَ لاءِ.'

، يا ڪنھن اڪاڊميءَ جي مالي امداد حاصل ڪري پاڻ پبلشر
نھنجي ڪتاب کي ڇاپي ۾ ڏسڻ جو عيش ماڻي ٿو.

ب سڀ سنڌي ڪتاب، رايو موڪلڻ جي نمائشي گذارش سان، نھايت
۽ خلوص وچان مفت ورھيا وڃن ٿا. مفت ۾ ملندڙ ڪتاب جو
ڪو قدر نہ ٿيندو آھي. ٽپال ۾ ھر روز ايندڙ اھڙو ساھتيہ سڌو
وڪامڻ لاءِ اچلايو وڃي ٿو، يا ڪجھ وقت پنڌرھن پئسن جي پوسٽ
پھچ ڏيڻ لاءِ واجھائيندو رھي ٿو. ڪي سائينءَ جا سنواريا، سنڌي
ا خير خواھ، جھونا جوڳي البت اچا بہ آھن، جيڪي نون خواھ
ليکڪن کي ھمٿائڻ لاءِ پنھنجو قيمتي رايو ڪين لکي ٿا موڪلين.
محنت ڪري نور نچوئي ڪتاب لکيو اٿن ۽ مھانگائي جي زماني

هوائي جهازن ۾ شاديون ڪرڻ کان پوءِ متي راڪيٽن تي اُڏامي سنڌين ک
چنڊ ۽ منگل گرهه تي شاديون ڪرڻ لاءِ تياري ڪرڻي آهي. پئسي جو ا
کان وڌيڪ بيو ڪهڙو سدُپيوگ ٿي سگهي ٿو؟

اڳه وارو راءِ ڏياچ بيوقوف هو، جنهن راڳ جي رڳو هڪ تان تي
پنهنجو سر ڪپي ڏنو. اڄ جا اسانجا سنڌي راءِ ڏياچ وڌيڪ سياڻا سمجه
آهن. هو پنهنجا لک گهورڻ لاءِ تيار آهن. بشرطيڪ ڪو اخبار نويس
پنهنجي اخبار ۾ سندن نالو ۽ فوٽو ڇپي.

لاشڪ اڄ جي سنڌي اخبارن/مئگزين/ڪتابن جا ڪور اهڙن سچن
شيواڌارين جي (ڪپيل سِرن جي) فوٽن جو سينگار بڻجي ويا آهن.

رچنا-٦٧، (جولاءِ-سپٽمبر ١٩٩٥)

دن ليکڪ هئڻ جي تسليمي ان انعام جي ئي محتاج آهي.

عامن، سنمانن ۽ 'پاڻ تي سيمينار' کوٺائڻ جي پٺيان ڪاهي پيل
ذي ليکڪن کان، اهو سبق وسري ويو آهي يا انهن اهو پڙهيو ئي
تہ ساهتيہ جو مقصد پنهنجي آتم جي تلاش آهي، اندر جي قولھ
هتيہ پاڻ اظهارڻ جو واهڻ آهي. سونهن جو سرجڻ آهي. ان جو
وڏو انعام سرجڻ جي پرتڪريا ۾ سمايل آنند آهي. ٻين ڪلائن
هتيہ جي اها ساڌنا بہ ساڌڪ کي ٻنڌن مڪت ڪري، سندس سوچ
۽ ڪشادو ڪري ڪيس وڏيڪ ۽ وڏيڪ سنويدن شيل ٿي بڻائي. پاڻ
هنجي اوسي پاسي جي سچائيءَ سان ساڪياتڪار ٿي ڪرائي.

ها افسوسناڪ حقيقت آهي تہ نئين پرتيا جي نہ اُڀرڻ سبب اڄ
ساهتيہ جو سرچشمو سڪڻ لڳو آهي. سينور لڳل، بينل پاڻي سڙاند
رهيو آهي. ساهتيہ جي صحيح ڪٿ ۽ آلوچنا جي غيرموجودگيءَ
وطرف جهنگلي گاهہ اُسري آيو آهي، جنهن ٿورن عمدن گلن ڦلن
ن کي بہ پوريءَ طرح ڍڪي ڇڏيو آهي. سنڌي ساهتيہ جي اڄ اها
وڳي اسٿتي آهي.

ڪاش، ان اسٿتيءَ تي ديرينائيءَ سان غؤر ڪريون! شعوري طور اُسري
هڙو ديرپا خلقيون جيڪو رڳو اسان جي پنهنجي ئي نہ، بلڪ سڄي
جاتيءَ جي سڃاڻپ بڻجي پوي ۽ ساهتيہ ۽ ڪلا جي کيتر ۾ منهن
ڪري هلڻ لاءِ فخر جو باعث بڻجي!

رچنا-٦٦، (اپريل-جون ١٩٩٥)

۾ پنهنجي هزارن هزار خرچ ڪري ان کي ڇپائي سنڌي ساهتيه جا
پريا اٿن، ان لاءِ هنن ڪجهه ته شاباسي لهڻي! سندن پني ٿپ وارن قيد
راين جو انداز بيان ڪجهه هن ريت آهي :

'يائي! تون ته ڳوڌڙيءَ ۾ لڪل لعل نڪتين، هيترا ڏينهن ه
ڪاٿي؟ واه جي تنهنجي قلم ۾ رواني آهي. خيالن ۾ بلند پروازي آ
تنهنجي ٻولي ۾ ڇا ته شيري آهي .... ڪاش منهنجي هٿ ۾ ڪو
پرائيز جهڙو وڏو انعام هجي ها ته مان ضرور اهو تنهنجي هن شاه
رچنا کي عطا ڪريان ها ..... تنهنجو هيءُ ڪتاب ساهتيه اڪادمي برس
جي لائق آهي ....'

اهڙين سفارشن وارا سرٽيفڪيٽ جهونا خواه نوان ليکڪ پنهن
ڪتابن مٿان چنبڙائين ٿا ۽ ڪن سمپادڪن کي ريجهي ريجهي انهن شخ
خطن کي سندن مئگزن ۾ به شد مد سان شامل ڪرائين ٿا. ائين سند
۾ اڄ هر روز نئون ڇپجندڙ ڪتاب شاهڪار ۽ اڪادمي پرسڪار جي
قرار ڪيو ٿو وڃي.

اڪادميءَ جو هر سال انعام هڪ، ۽ ان جا طلبگار سوين! جن
دسمبر ۾ نمبر نٿو لڳي اهي ڪافي هاءِ گهوڙا مچائين ٿا. ڪنوينرن ۽ ج
مٿان پاسخاطريءَ جا الزام لڳائين ٿا. 'ناني رڏڻ واري، ڏوهتا ڪائڻ و
'وات ڪائي اک لجائي' يا 'مِلي ڀڳت' جهڙا ڳنل پينل گفتا اچلائي چا
ڪُٿين ٿا. رهجي ويل مڏي خارج ليکڪ/سمپادڪ اخبارن جا ڪالم
ڳند سان ڪارا ڪري چڱو خاصو ڪوهرام مچائين ٿا. ڳويا سندن زند
جي ساهتيه ساڌنا جو هڪ ئي واحد مقصد اهو انعام حاصل ڪرڻ پئي ر

تيا. سنڌالاجيءَ جو وڏي پيماني تي هلندڙ ڪاريه - پنهنجي
ي کي بچائي رکڻ ۽ ايندڙ پيڙهين ۾ ڦهلائڻ جو - هنن پنهنجين
ڏنو؛ ٽي چار ڏينهن پنهنجي هوم ٽائون ۾ رهي ان کي محسوس
ڻ جو آنند ورتو. ڊيليگيٽن جي رهائش جو بندوبست ليڪن،
۽ ودوانن لاءِ اڏايل ’ملير‘ ۾ رکيو ويو هو.

تن ڏينهن جي اتسو دوران تن وڏين عمارتن جا بنيادي پٿر
اڏو هيرانند نولراءِ اڪادمي - انٽرنئشنل رهائشي اسڪول، شاگردن
ن لاءِ انٽرنئشنل هاسٽل ۽ ٻاهران ايندڙ مهمانن لاءِ انٽرنئشنل
ئوس ’سهيوگ ڀون‘. ان موقعي تي ئي سنڌالاجيءَ پاران پنج سو
ءِ اڏايل ’جيون گرسهاڻي رنگ شالا‘ اوپن ايئر ٿئيٽر جو به ادگهاٽن
تيئي ڏينهن هن نئين رنگ شالا ۾ سنگيت، نرتيه ۽ ناٽڪ جو
ڪ پروگرام پيش ڪيو ويو جنهن ۾ سو کان وڌيڪ مڃيل خواه
نڌي ڪلاڪارن ڀاڱ ورتو.

ڪويهين صديءَ‘ ۾ سنڌي جاتيءَ جو آئيندو‘ وشيه تي سيمينار
نهن ۾ ليکڪن، ڪلاڪارن، ٻڌيجيوين ۽ اديوگپتين سنڌي جاتيءَ
کي ونئي ويچارن جي ڏي وٺ ڪئي.

ڌالاجيءَ ۽ ’جيون گرسهاڻي رنگ شالا‘ جو سڄو اڱڻ رات جو ٻتين
ناهٽ ۾ چمڪي اُٿيو. اِتي سنڌي ڪتابن، ڪئسيٽن، سنڌي
ءَ جي وڪري ۽ سنڌي کاڌن جا اسٽال کوليا ويا هئا ۽ موهن جي
هٽ آيل شين جي نمونن ۽ ناياب سنڌي ڪتابن، دستخطن جو
ويو، جن کي ڏسڻ ۽ خريدڻ لاءِ اسٽالن تي ديس وديس جا سنڌي

# دنيا جا سڀ سنڌي هڪ ٿيو!

’توهين دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ٽانئيڪا ٿي ان ملڪ جا پاسپورٽ هولڊر ڇو نہ ٿي ويا هجو پوءِ بہ اوهان اول ۽ آخرين طور سنڌي ئي آهيو دنيا جي سڀ کان آڳاٽي شاهوڪار موهن جي دڙي جي ’سنڌو گهاٽي سڀيتا‘ جا وارث، هڪ ئي ڪلچرل ڌاڳي ۾ پوتل موتي آهيو. توهان کي ۽ توهان جي اولاد کي سنڌي سڏائڻ، سنڌي ڳالهائڻ ۾ شرم جو احساس ٿيڻ بجاءِ فخر سان ڪنڌ اونچو ڪري هلڻ کپي. پنهنجي سنڌي سڃاڻپ برقرار رکڻ لاءِ پنهنجي شاهوڪار ورثي کي ساهہ سان سانڍي رکڻ کپي.

گانڌي ڌام دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڊاٽو ڊاٽو ٿي ويل اوهان سڀني سنڌين جو هوم ٽائون آهي. پنهنجي گهر سان پاوناتمڪ لاڳاپو قائم ڪري پنهنجي ڪٽنب ۽ ٻارن کي توهان هر سال هت وٺي اچي ساهي پٽي سگهو ٿا. پنهنجي ڪلچرل بئٽريءَ کي ري چارج ڪري وري وڃي پنهنجي ڪم کي لڳي سگهو ٿا. زندگيءَ جي شام جو ٿي سگهي تہ پنهنجي هن آکيريءَ ۾ واپس موٽي اچي، پنهنجي پسند گيءَ جو ڪو نہ ڪو رچناتمڪ ڪاريہ هٿ ۾ کڻي، حياتيءَ جو آنند ماڻي سگهو ٿا.‘

مٿيون سنديش سڄي وشو ۾ ٽڙي پکڙي ويل سنڌين کي ڏيڻ لاءِ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پاران ۱۴، ۱۵ ۽ ۱۶ جنوري ۱۹۹۵ تي آديپور - گانڌيڌام ۾ هڪ انترراشٽريہ سنڌي سنسڪرتي اتسو جو آيوجن ڪيو ويو. سڄي ڀارت ۽ وشو جي جدا جدا شهرن مان هڪ سو ڊيليگيٽ هن اتسو

نترراشٽريہ سنڌي سنسڪرتي اتسو ۾ شريڪ ٿيندڙ هر هڪ
ڏالاجيءَ جي ان مقصد کي چٽيءَ طرح سمجهيو ۽ محسوس ڪيو.
ود جي برقراريءَ لاءِ ٿيءَ سنڌس پنهنجي سنستا آهي. ان کي
ئائڻ جي ذميواري ڪيس ئي نباهڻي آهي. گانڌي ڌام اڇڻ
مر موتي اڇڻ جيان آهي. گانڌي ڌام هر سنڌيءَ کي سڏي

لاجيءَ سيني سنڌين اڳيان اچ اهو هڪ ئي چٽو مقصد رکيو آهي
نهن بہملڪ جا رهواسي ڇو نہ هجو، ڪنهن بہ راجنيتي پارٽي،
ب جا پيروڪار ڇو نہ هجو، ڪنهن بہ طبقي يا ويچارڌارا سان
رکندڙ ڇو نہ هجو پر توهان اول ۽ آخرين طور سنڌي آهيو. ان
رل پليٽفارم تي دنيا جا سڀ سنڌي هڪ ٿيو!

رچنا-٦٥، (جنوري-مارچ ١٩٩٥)

ڳاهت ٿيل نظر ٿي آيا.

اتسو ۾ شريڪ ٿيل مهمانن کي سنڌالاجيءَ جي پاران سنڌي جاتيءَ جو عڪس اُجرو ڪرڻ جو هلندڙ ڪاريهِ ڏسڻ جو موقعو مليو - سنڌي ڀاشا، سنڌي سنگيت ۽ نرتيه سيکارڻ جا ڪلاس، سنڌي ڊڪشنريون خواهه سنڌي اينسائڪلوپيڊيا تيار ڪرڻ جا ڪم، سنڌي ۽ انگريزي ۾ ڪامپيوٽر دواران سنڌي ساهت ۽ ڪلا جي تماهي 'رچنا' ۽ بليٽن 'سنڌو واڻي' ۽ سنڌي ڪتابن جي اشاعت جو ڪم، شاهي لئبرري ۾ هزارن جي تعداد ۾ سنڌ ۽ سنڌين سان واسته ڪيترين ٻولين جا ڪتاب (جن ذريعي ڪوجنيڪ ريسرچ جو ڪاريه ڪري ٿا سگهن). سنڌي ڪتابن ۽ سنگيت جي آڊيو -ويڊيو ڪئسيٽن جي وڪري جو بندوبست، ۽ سڀ کان اهم ۽ وڏو ڪاريه پنهنجي نئين سنڌي ٽهيءَ ۾ سنڌي سنسڪار جو ٻج پوکڻ لاءِ وئڪيشن ۾ هلندڙ 'پرسنلٽي ڊيولپمينٽ ڪورس'.

ٻاهران آيل سيني ڊيليگيٽن هت اچڻ بعد اهو چٽيءَ طرح محسوس ڪيو ته سنڌالاجي رڳو گانڌيڌام سان واسطو رکندڙ ڪو اسڪول -ڪاليج - ڌرمشالا - اسپتال جهڙي مڪاني سنستا نه آهي بلڪ ان جو واسطو دنيا جي هر سنڌيءَ جي سنسڪار کي اچو - اجرو رکڻ سان آهي. سنڌالاجيءَ جي وڻ جون پاڙون ڀل ته گانڌيڌام جي سرزمين ۾ کُتل آهن پر ان جون ڦهلجندڙ شاخون دنيا جي هر شهر ۾ رهندڙ سنڌين کي ڇُل ڏينديون، کين سنڌي هئڻ جو احساس ڪرائينديون. اصل ۾ سنڌ ۽ سنڌي رڳو ڪنهن جاگرافيائي ٽڪر سان وابستگيءَ جو نالو نه آهي بلڪ هڪ احساس جو نالو آهي جيڪو هر سنڌيءَ کي محسوس ڪرائي ٿو ته مان سنڌي آهيان.

كارخانن جي چمنين مان اوڳارجندڙ دونهين دنيا جي هر اديوڳي
پوپال بڻائي ڇڏيو آهي. پنهنجي وڌندڙ شهري آدم کي آباد ڪرڻ
وڻ ڪٽي، پيلا صاف ڪري، جهنگل جي پراڻين کي غير آباد ڪري
ي. اڄ جي شهرن جا آڪاش آڪيري طرف موٽندڙ پکين کان خالي،
هن.

لين، فئڪٽرين ۽ شهر جي گندي پاڻيءَ جي نيڪال، ندين نالن
تيل جي هار-وير سمنڊ جي پاڻيءَ کي، زهريلو بڻائي ڇڏيو آهي.
رهندڙ مڇيون ۽ ٻيا جيو جنتو ساهه کڻڻ لاءِ ڪناري تي ٻاهر اچي
ڦتڪي پراڻ تياڳين ٿا، ۽ قاتل قاتل تهمتي نگاهن سان هن ڪاسائي
طرف تڪيندا رهن ٿا. انسان پنهنجي مادي ترقيءَ لاءِ هن سموري
کي هڪ هئبتناڪ کوس گهر ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ان مان
رت ۽ ماس جي بدبوءِ ٿي اچي. منڪ ڪوٽ، ۽ اجگر جي کلن
يل وستو استعمال ڪندڙ ڏنوان استرين کي البت انهن مان خوشبوءِ
ي.

پين جو شوشڻ ڪرڻ ۽ پاڻ کي طاقت ۾ رکڻ جي ان ريس ۾ هرڪو
ٽم بمن ۽ هائڊروجن بمن جا پريڪشڻ ڪري وايومنڊل جي حفاظتي
حاف کي پنڪچر ڪري رهيو آهي. ان جو نتيجو سموري انسان
و خاتمو آڻيندو، ان ۾ اڄ ٻه رايا ناهن.

پنهنجي غير جوابدار ڪارنامن سان هن سڄي سرشٽيءَ ۾ اٿل پٿل
ندڙ اهو انسان ڪيتري قدر 'سيپيه' سڏائڻ لائق آهي؟ جيئن جيئن
۽ عقل جو واڌارو ڪري ويو آهي مادي ترقي ڪندو، سندس ذهن
ي سهرديتا ۽ سنويدنشيلتا کان خالي ٿيندو. هينئر نه اهو محسوس

# ڪائنات

هن جيو-جڳت ۾ پانت پانت جا پراڻي واس ڪن ٿا. انهن ۾ منش
بہ آهن، پسون پکي بہ آهن، جيو-جنتو بہ آهن، ڳل ڦل بہ آهن تہ وڻ ٽ
بہ آهن. اهي هڪ ئي ڪائناتي ڪٽنب جا ڀاتي آهن. انهن جو پاڻ
اديت ناتل ميل آهي. سرير جيان اهو جيو-جڳت بہ هڪ ’سمورو پراڻي
Organic-Whole آهي. سرير جي عضون جيان انهن سڀني پراڻين جو
ساڳئي وقت وڪاس يا وناش ٿئي ٿو. ڪنهن بہ هڪ عضوي جي بيمار پو
يا نستي ٿيڻ سان ان جو اثر ٻين تي بہ پوي ٿو ۽ پس پيش سڄي سر
جو توازن بگڙجي ٿو وڃي. ائين ان جي ڪارج ۽ اپيوگتا کي دهرم ٿو رسي

هن ڪائنات جي پرياورڻ (وايو منڊل) جو تواز
(Ecological balance) ٻڌائي رکڻ جي جوابداري البت انسان مٿان آهي
ڪيس ئي اشرف المخلوقات جو درجو عطا ٿيل آهي. ڪٽنب جي وڏي هئڻ
جي اها فرض ادائي هن کي سونپيل آهي تہ هو پنهنجي واتاور
(Environment) کي صاف سٿرو، شڌ، صحتمند رکي، جيئن قدرت طرفا
مهيا ڪيل اُس، هوا، پاڻي، جهڙين نعمتن جو هرڪو پراڻي بنان ڪنه
خوف خطري جي استعمال ڪري سگهي.

پر افسوس جو هن جديد ٽڪنالاجي يگ جو انسان، ان ڏس ۾ سڀ
کان وڌيڪ بي جوابدار ثابت ٿيو آهي. پنهنجي نجي سوارٿ، هٻچ ۽ حوس
جي وس ٿي، هن پردوشڻ (غلاظت يا Pollution) ڦهلائي، سڄي پرٿوي
کي هڪ نرڳ (Wasteland) ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. رستن تي ڊوڙند

# وشو پستڪ ميلو

سال فبروري ۱۹۹۴ع ۾ دهليءَ ۾ آيوجن ڪيل 'وشو پستڪ ميلي'
پيرو انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران هڪ بوڪ اسٽال
ان ۾ سنڌي ڪتاب نه رڳو نماءُ لاءِ رکيا ويا، پر انهن جو وڪرو
و. وشو پستڪ ميلي ۾ هيل تائين هيءُ پهريون سنڌي بوڪ

ڪن جا هزارين سنڌي خواه غير سنڌي پريمي (اُڙيا شاعر شري
ت مهاپاترو سميت) سنڌالاجيءَ جي بوڪ اسٽال تي آيا. سنڌي
ائي پٽلائي ڏنائون، سنڌالاجيءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪيائون ۽
ڪتاب سنڌي انگريزي ۽ هنديءَ ۾ خريد ڪري ويا. غير سنڌين
سنڌي سکڻ لاءِ 'بال بوڌ' سان گڏ سنڌي ساهت، سنسڪرتي،
ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ انگريزي ۽ هندي ڀاشائن ۾ ڪتابن جي
ئي.

پستڪ ميلي ۾ خواه بڙودي سميلن جي موقعي تي 'سنگيت ڪنور
ڀوپال انڊور ۽ پوني ۾ چيٽي چنڊ جا پروگرام پيش ڪرڻ مهل
طرفان ڪوليل بوڪ اسٽال تان هزارن روپين جا ڪتاب وڪيا ويا.
سنڌواڻي' جا سوين گراهڪ ڪيا ويا. ان مان اهو آزمودو حاصل
ي ساهت جا سوين پريمي مؤجود آهن، رڳو هِت هُت ٽڙيا پکڙيا
ين سنڌي ساهت پڙهڻ جو شوق آهي. البت ڪين اها سڌ ڪانهي

ٿيڻ لڳو آهي تہ اڄ جي هن عقلمند سڏائيندڙ انسان کان غفائن ۾ ننگا رهندڙ، شڪار تي پلجندڙ آديواسي وڌيڪ سيبہ ۽ سياڻا هئا جن ڪائنات جي ٻين ون-پراڻين سان برابري وارو 'تون بہ رهہ، مان بہ رهان' وارو ناتو ميل قائم ڪري، وڌيڪ خوشحال زندگي ٿي گهاري.

ڪاش! اڄ جي انسان ۾ وري اها شناس، اها ساڄهہ موٽي اچي تہ هيءَ سموري ڪائنات هڪ ئي آرگئنڪ هول آهي. سمورو پراڻي جڳت هڪ ئي آتما جي ڌاڳي ۾ پوتل آهي. ان ڪري اسان جا وڏڙا ڪانو لاءِ گرهہ ۽ ڳانءِ لاءِ ڦلڪو ٿالهيءَ مان اڳوات ڪڍي، سندن ڪارگر موجودگيءَ کي تسليم ڪندا هئا. شل اسين بہ پراڻي - ماتر سان پنهنجي ساڳي سڄاڻپ ڳنڍي پنهنجي سنويدنشيلتا ۽ سهرديتا جو ثبوت ڏيون. زخميل درندن ۽ پرندن جي ملم پٽي ڪريون. پکين کي هٿ سان چوڳو کارايون، وڻن کي اپنائي انهن جي پرداخت لهون. ائين هن عالم ۾ وڌيڪ ۽ وڌيڪ آڪسيجن مهيا ڪري هن ڌرتيءَ کي ساهہ کڻڻ لائق بڻايون.

پنهنجي هن جيو - جڳت جي سچائيءَ جو احساس ڪرائڻ لاءِ شري نرمل واسواڻي 'رچنا' ۾ 'ڪائنات' جي سري سان ڪالم شروع ڪيو آهي. نئچرل هسٽري جي هن ماهر کي پسن پکين، جيون جنتن ۽ نباتات جي وڏي ڄاڻ آهي. 'ڪائنات' ڪالم توهان کي ڪيئن لڳو؟ پاٺڪن جي راين جو سواگت آهي.

رچنا-٦٤، (آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٩٤)

مام گهڻو وقت ضايع ڪريون ٿا، اهو وقت اسين پنهنجي بهترين
ڪتابن) جي سٺي صحبت ۾ ماڻي سگهون ٿا.

ش! اسين روس جي مشهور ليکڪ مئڪسم گورڪيءَ جي هن ڪٿن
ڪريون. اڄ مان جيڪي ڪجهه به آهيان. هنن ڪتابن جي ئي
يان.

رچنا- ٦٢، (اپريل-جون ١٩٩٤)

ته اهي ڪتاب ڪٿان ملي سگهندا. سنڌي ساهت جو وڪرو وڌائڻ ۽ نو
پاٺڪ پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته هر شهر ۾، سنڌي جلسي ۾، بو
اسٽال کولي ڪين معيار وارا سٺا ۽ سستا ڪتاب ميسر ڪري ڏنا وڃن.
جو سنڌي پاٺڪ سيڙجي سنڌي ڪتاب خريد ڪرڻ ويندو، سو به اُن
دوڪانن تان، جيڪي عدم مؤجود آهن اهو سوچڻ ناسمجهي آه
'سنڌالاجي' ان ڏس ۾ سنڌيءَ سان گڏ، هندي، انگريزيءَ ۾ سنڌ
سنسڪرتي جي ڄاڻ ڏيندڙ ڪتابن جو هڪ موبائيل اسٽال کولڻ جي
تيار ڪري رهي آهي. ان رٿا هيٺ شهر شهر ۾ سنڌي سيمينارن خ
سنڌي جلسن ۾ سنڌالاجي پنهنجو اسٽال لڳائيندي ۽ ڪتابن جو وڪرو وڌا
۽ پاٺڪ پيدا ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪاريه ڪندي.

ان ۾ به رايا ڪونهن ته معياري ساهت جو مطالعو ڪرڻ ماڻهوءَ
بلڪل لازمي آهي. ان ڪانسواءِ سندس دل ۽ دماغ جي ترقي ٿيڻي ناهي
ساهت پڙهڻ سان ئي اسانجي ڪلپنا شڪتي وسيع ٿئي ٿي. جڏهن ڪ
پڙهڻ بعد دماغ ان تي سوچڻ لڳي ٿو تڏهن ئي اسان کي پنهنجي اوس
پاسي جي پريويش (ماحول) جو آپاس ملي ٿو ۽ پنهنجي ارد گرد ج
سچائيءَ جو احساس ٿئي ٿو. جيڪو شخص ساهت کان وانجهيل آهي اُ
اڻ گهڙيل ڪاٺ ئي ٿو رهجي وڃي. سنويدنا کان خالي اهڙا غير شعور
شخص آهستي آهستي پنهنجي سماج کان، پنهنجي پريوار کان، پاڻ ک
به ڪٽجي اوپرا بڻجي ٿا وڃن. جي اسين صحيح معنيٰ ۾ ماڻهو بڻج
چاهيون ٿا ته اسان کي ڪائڻ، سمهڻ سان گڏ ساهت پڙهڻ لاءِ وقت ڪڍ
ئي پوندو. وقت نه هئڻ جو ڪوبه عذر ڏيڻ محض پنهنجو پاڻ کي ٺڳ
آهي. ڪلبن ۾، پارٽين ۾ يا اديت باڪس ٽي.وي. جي گندي صحب

ئي آهي. اڄ ڪو بہ سنڌي پل تہ دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ رهندو
پاڻ کي 'سنڌي' ئي محسوس ڪندو. شاعر شيام سچ چيو آهي :

سنڌ کي ڪونہ ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان،
سنڌ سنڌين ۾ وسي، سنڌ هِتي سنڌ هَتي.
ملڪ بڻجي ٿو مٽيءَ سان نہ مگر ماڻهن سان
سنڌ کي ڪونہ ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان،

سنڌي نہ رڳو اهي آهن جيڪي سنڌ ۾ ڄاوا آهن، سنڌوءَ جو ٿڃ
ي پليا نپنا آهن، بلڪ اهو هرڪو ٻار سنڌي آهي جيڪو دنيا جي
بہ ڪنڊ ۾ سنڌيءَ جي گهر ۾ ڄائو آهي ۽ پيڙهي در پيڙهي ڄمندو
ائين ديس وديس جو هرڪو سنڌي ڀاوناتمڪ طور اول سنڌي آهي.
ٻار لازمي طور پنهنجي ماءُ جو ئي پٽ ليکيو ويندو؛ پنهنجي ماءُ
ڌي، هو ٻيءَ ماءُ جو پٽ ڪيئن سڏائيندو؟ ماءُ سان جڙيل هر ٻار
ڀاوناتمڪ رشتو تڪ تور جو، لاڀ هاڃي جو ڪونہ ٿيندو آهي. پوءِ
ي ماءُ جو پٽ سڏائڻ ۾ شرم ڪهڙو؟ سنڌي ڳالهائڻ، لکڻ، پڙهڻ،
ر چا جو؟ حقيقت ۾ ڏوهہ اسان جو آهي جو اسان پنهنجي اولاد جو
ن، نہ اهڙو ڀاوناتمڪ لاڳاپو جوڙيو آهي ۽ نہ وري کين پنهنجي ساهت،
رتيءَ جي ورثي جي ڄاڻ ڏني آهي. اهو ڪلچرل ورثو ئي هر جاتيءَ
خصوص سڃاڻپ (Cultural Identity) عطا ٿو ڪري. اهو ئي هن ڌرتيءَ
ن سنمان سان جيئڻ لاءِ پاسپورٽ آهي. ان کان سواءِ شخص ڇهري
هي. پنهنجي ديس، ڌرتي جو ڌڪاٽيل، ڪلهن تي نڌڪائي جو
ن کڻي گهمندڙ 'اوپرو' ماڻهو آهي.

# ملير

آديپور-گانڌي ڌام ۾ سنڌي ليکڪن، ڪلاڪارن ۽ ودوانن پاڻ
گڏجي، سهڪاري طريقي سان پنهنجي رهائش لاءِ هڪ ڳوٺڙو ٻڌو آهي
جنهن جو نالو رکيو اٿائون - ملير! (منهنجو ملڪ ملير - مارئيءَ جو ملير

اسين سڀ وطن کان وڇڙيل سنڌي 'مارئي' آهيون. مارئي جيان
پنهنجي ملڪ 'ملير' (سنڌ) جي حب سيني ۾ سانڍي پنهنجي وطن جي
ياد کي سارينديءَ، پنهنجو پاڻ کي زنده رکڻ جو جتن ڪندا رهون ٿا. ائين
مارئي ۽ ملير حب الوطنيءَ جا پرتيڪ (علامت) بڻجي ويا آهن. ان جي
ياد هر وقت قائم -دائم رکڻ اسان سنڌين جي وجود جو شرط بڻجي
آهي. شاهه صاحب تڏهن ئي چيو آهي :

سڄڻ ۽ سانيهه، ڪنهن اٺاسيءَ وسري
حيف تنين کي هوءِ جن وطن وساريو!

اڄ اسان جي سنڌ، تاريخي دٻاون سبب پل تہ ڌارئي ديس جو حصو
سڏبي هجي ۽ اسان جي ڪن گمراهه سڄڻن کي تنگدلي ۽ تعصب سبب
سنڌ کي ياد ڪرڻ ناگوار لڳندو هجي، ليڪن سنڌ پوءِ بہ ساهه جيان اسان
جي سيني ۾ سمايل آهي. 'سنڌ' رڳو ڪنهن جاگرافيائي حصي جو نالو
ڪونهي جيڪو سرحدن جي اندر بند ڪري سگهجي. 'سنڌ' ۽ 'سنڌو'
ان لاحد پاونا جو نالو آهي جيڪا اسان جي دلين تي راڄ ٿي ڪري ۽ جيڪا
موهن جي دڙي کان اڄ تائين هن اپکنڊ جي هر سنڌيءَ جي رت ۾ رلي

# سنڌالاجيءَ جي اِستاپنا

آڪٽوبر ١٩٨٩ تي پوني جي پشپا هال ۾، ڀارت جي برک سنڌي
ڪلاڪارن ۽ ودوانن جي ڪوناڀل ميڙ ۾ پنهنجي سنڌي سيٽنڪ
ي برقرار رکڻ لاءِ ’اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي (ڀارتي سنڌو
جي روپ ريکا پيش ڪئي ويئي. هن اجلاس جي صدارت ڪندي
ي شاعر ڪرشن راهيءَ چيو تہ ’سنڌين لاءِ اڄ هند ۾ غير سلامتيءَ
تون پيدا ٿي ويون آهن. سنڌي ڀاشا، ساهتيہ، سنسڪرتيءَ جي
جاتيءَ جي وجود قائم رکڻ لاءِ ’انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي‘ هڪ
يعو ٿي سگهيٿو.‘

ميڙ جي مکيہ مهمان مشهور سنڌي ليکڪ ڪرشن کٽواڻيءَ پنهنجا
ش ڪندي چيو تہ ’سنڌي ڪلچر جي ورثي (Heritage) جو گم
گو سنڌين جو ئي نقصان ناهي بلڪ سموري ورلڊ ڪلچر جو نقصان
يونيسڪو ۽ فورڊ فائونڊيشن جهڙيون سنستائون اِنسان ذات جي
رثي جي حفاظت ڪرڻ لاءِ مدد جو هٿ ڊگهيڙي رهيون آهن.
۾ جلد بہ جلد قدم کڻڻ کپي. هيتئَر دير نہ ڪرڻ کپي نہ تہ
ويز بہ تجويز ئي رهجي ويندي.‘

ڪٽر نارائڻ ڀارتي چيو ’هيءُ خواب تہ سٺو آهي، پر ضرورت تعبير
. اسان کي ڀهريائين اهو سوچڻ کپي تہ هيءُ ڪم ڪندو ڪير؟‘

ن جلسي جي ٻئي مکيہ مهمان پوني جي ڊاڪٽر گيلي آسناڻي،

ڇا اسين چاهينداسين تہ اسان سنڌين جون ايندڙ پيڙهيون گمناميءَ جا اهي عذاب سهنديون، هميشه لاءِ ان اونده جي اوڙاهہ ۾ گم ٿي وڃن؟

قطعي نہ! سنڌين جي شعوري طبقي اهو سنڪلپ ڪيو آهي تہ پنهنجي دلين اندر جلندڙ ان ياونا جي لاٽ کي هو جلائي رکندا ۽ ايندڙ پيڙهين جي بہ راهہ روشن ڪرڻ لاءِ اها کين ورثي ۾ ڏيئي ويندا.

سنڌي ليکڪن، ڪلاڪارن ۽ ودوانن جي ان سنڪلپ جو نتيجو آهي آديپور-گانڌي ڌام ۾ سندن برپا ڪيل 'انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي'، جيڪا سنڌي ڀاشا، ساهتيہ ۽ سنسڪرتيءَ جي ورثي کي محفوظ رکڻ ۽ ايندڙ پيڙهين ۾ قهلائڻ جو ڪاريہ ڪري رهي آهي. جن ليکڪن، ودوانن ۽ ڪلاڪارن پنهنجون سيوائون هن ڪاريہ بلي ارپڻ ڪيون آهن انهن جي رهائش لاءِ ٻوڏي 'ملير' جي اڏاوت سنڌالاجيءَ جو پهريون قدم آهي. دادا جشن واسواڻيءَ ١١ فيبروري ١٩٩٤ تي آديپور ۾ هن 'ملير' جو مهورت ڪندي نهايت ٿي سندر شبدن ۾ دنيا جي هر سنڌيءَ کي سڏ ڏنو تہ 'پنهنجي سڀاٽپ زنده رکو! پنهنجي ٻولي، سڀيتا، سنسڪرتيءَ کي زنده رکو! سنڌالاجيءَ جي هن ڏس ۾ استاپنا، هڪ وقتائتو قدم آهي.' دادا جشن واسواڻيءَ گويا اڳڪٿي ڪندي اهو بہ جوڙيو تہ 'جيستائين سنڌالاجي قائم آهي، سنڌيت کي ڪو لهر لوڏو ڪونهي.'

دنيا جي سڀني سنڌين لاءِ اڄ اهو وڏي ۾ وڏو سنديش آهي. ڪاش! هر سنڌي ان کي هئين سان هنڊائي، ان تي عمل ڪري.

رچنا-٦١، (جنوري-مارچ ١٩٩٤)

ـ حاصل آهي) جي سايي هيٺ اُها پنهنجي خريد ڪيل بنگلي
ـهن چڙن جي عملي سان پروفيشنل نموني پنهنجو ڪاربہ هلائي
ي. سنڌالاجيءَ کي نامر وارو پاشا - وگياني رٽائرڊ پروفيسر، ليڪ،
پڌيجيوي ڊاڪٽر ستيش روهڙا جون هانرري ڊئريڪٽر طور شيوائون
هن. هن صاحب جي رهنمائيءَ ۾ هٿ سنڌي -هندي -انگريزي
وش (ڊڪشنري) ۽ پارت سرڪار جي مدد سان سنڌي وشوڪوش
ڪلوپيڊيا) تيار ٿي رهيا آهن. سنڌالاجيءَ کي پنهنجا سنڌي،
ٽائيپ رائيٽر ۽ ڪامپيوٽر آهن، جن جي مدد سان سنڌ ۽ سنڌين
ڪمل ڄاڻ گڏ ڪري، محفوظ رکي ٿي وڃي.

سنڌين جي 'سوشوايڪنامڪ سروي' جو ڪاربہ هٿ ۾ ڪنيو ويو آهي.
ر ڪيل سروي جي آذار تي هينئر ٻين شهرن ۾ بہ اهڙو سروي جو
رع ڪيو ويندو جيئن سنڌين جي صحيح آدمشماري، تعليم جو درجو،
لت، ٻارن جو تعداد وغيره جي مڪمل ڄاڻ سنڌن واڌاري لاءِ گڏ
گهجي.

سنڌي ورثي کي محفوظ رکڻ لاءِ هڪ شاهي ريفرنس لائبرري تيار
ي آهي جنهن ۾ 'سنڌ ۽ سنڌين' بابت، اٽڪل ٽي هزار ناياب ڪتاب،
هندي، انگريزي ۽ ٻين ڀاشائن ۾ گڏ ڪيا ويا آهن. سنڌالاجيءَ
ن جي ٻاري' جي سنسٿاپڪ دادا شيوڪ ڀوجراج ۽ ٻرک شاعر نارائڻ
ا ڇڏي ويل ڪتاب، دستخط ۽ ٻيون شيون سنڀالي رکيون ويون آهن.
ي هال ۾ سنڌي مهاپرشن جا وڏا تيل چتر ۽ ليڪن ڪلاڪارن جا
ڪا چتر ٽنگيا ويا آهن. سنڌي سنسڪرتيءَ جي مڪمل ڄاڻ ڪني
ـئين پيڙهيءَ کي ڏيڻ لاءِ انگريزي، هندي ۽ سنڌيءَ ۾ پاڪيٽ

اُديوگ پتي عطر سنگتياڻي، ڊاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻي، ڊاڪٽر يشو
واڌواڻي، پروفيسر ايشوري جوتواڻي، پروفيسر نامديو (ڀاونگر)، هيرو ٺ
(دهلي)، راڌاڪشن گرناڻي (جبلپور)، گوپال نکر (ممبئي) بہ پنهن
پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا.

مٿين ڳالهائيندڙن کانسواءِ هن ميڙ ۾ آديپور کان پروفيسر هر
واسواڻي ۽ پرنسيپال اندرا واسواڻي، احمدآباد کان شري ارجن حاسد، دهل
کان لڇمڻ ڪومل ۽ جئپور کان لڇمڻ ڀمڀاڻي، ڀوپال کان کيمن مولاڻي
لڪشمڻ ٻجلاڻي ۽ پوني مان ريٽا شهاڻي، وشنو شهاڻي، وندري هيرانندا
سي.ايڇ. رائسنگهاڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

هن ميڙ جي ڪاميابي لاءِ اُديپور کان پروفيسر يوُ.ٽي.نکر، دهل
کان شري ڪيول ملڪاڻي ۽ ممبئي کان شري سنمکہ ايسراڻي ۽ ٻڙودي ک
شري پرتاپ رامچنداڻيءَ پنهنجا شڀ سنديش موڪليا.

پڇاڙي ۾ هن اجلاس ان ڳالهہ جي يڪراءِ تائيد ڪئي : 'سنڌالاجي
جي اِسٿاپنا جلد بہ جلد آديپور - گانڌيڌام ۾ ڪئي وڃي ۽ اهو بار ه
ڳالهہ جي روپ ريکا تيار ڪندڙن ۽ هيءُ ميڙ سڏائيندڙن ڊاڪٽر ستيش روهڙ
پروفيسر پريتم ورياڻي ۽ شري لکمي کلاڻي کي سونپيو وڃي. هن اجلا
۾ موجود سڀني ليکڪن، ودوانن کين پنهنجو ساٿ سهڪار ڏيڻ جي خاطر
ڏني. هن ميڙ جي ڪاروائيءَ جي رپورٽ رچنا-۴۲ انڪ ۾ درج ٿيل آهي

اها نهايت ئي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو اڄ ڇهن سالن اندر
خواب جي تعبير ٿي چڪي آهي ۽ آديپور ۾ سنڌالاجي پڪي پايي ت
قائم ٿي چڪي آهي. هڪ رجسٽرڊ سنسٿا (جنهن کي انڪم ٽئڪس ج

ي.ايچ.ڊي. جي سهڪار سان ٽي ستن ڏينهن جي پڳٽ ورڪشاپ
ي ڪري، نؤجوانن ۾ پنهنجي هن ڳم ٿيندڙ ڪلا کي جيئارڻ جو
ڪيو ويو.

C.I.I.L (ڀارت سرڪار) ۽ G C E R T (گجرات سرڪار) جي
۽ هيٺ سنڌالاجي، گجرات جي سنڌي پرائمري اسڪولن جي
کي نئين وگياني ڍنگ سان سنڌي سيکارڻ لاءِ ڏهن ڏينهن جو
ي ڪورس هلايو.

رتيه ڀاشا پريشد جي آگره تي ڪلڪتي ۾ سنڌالاجيءَ هنديءَ ۾
هاس، ڀاشا، ساهتيه، سنسڪرتيءَ تي هڪ سيمينار جو آيوجن ڪيو.
سد، هريش واسواڻي، ستيش روهڙا، هريڪانت، موتيلعل جوتواڻي،
ڪملا گوڪلاڻي پنهنجا مقالا هندي ۾ پڙهيا ۽ ڪلڪتي جي بنگالي
رسنڌين کي سنڌي سنسڪرتيءَ جي مڪمل ڄاڻ ڏني. ان سيمينار
ڪلاڪ جي فلم دور درشن وارن به پيرا ڪلڪتي ڪيندر تان پرسارت
ي.

نڌين کي پنهنجي سنسڪرتيءَ جي ڄاڻ ۽ سنڌالاجيءَ جي
ي کان واقف ڪرڻ لاءِ سنڌي، انگريزي (۽ جلد هنديءَ ۾ به)
ي' بليٽن شايع ڪئي ٿي وڃي. ساهتيه ۽ ڪلا جي ٽماهي مئگزن
ي پنهنجي زير سايي آٽي، هينئر نئين رنگ روپ ۾ شايع ڪيو
ان ڪانسواءِ معياري ڪتاب شايع ڪرڻ جو به سلسلو چالو ڪيو ويو
نڌي ٻالبوڌ، پهريون ڪتاب، 'سنڌي ناٽڪ جي اوسر' 'جائزو' 'سنڌي
ٽنيا' شايع ٿي چڪا آهن. معياري سنڌي ساهتيه جو ترجمو ٻين

بڪس جي هڪ سيريز چالو ڪئي ويئي آهي جنهن جو پهريون جلد پنڊت ڪشنچند جيٽلي جو 'سنڌي ڏڻ وار' پريس ۾ آهي. آڊيو - ويڊيو ڪئسيٽن ۾ به سنڌي سنسڪرتيءَ جي سموري جهلڪ رڪارڊ ڪري رکڻ جي يوجنا آهي.

پنهنجي ورثي جي حفاظت ڪرڻ سان گڏ اُن جو نئين ٽهيءَ ۾ قعلا ڪرڻ لاءِ 'سنگيت ڪنور' 'ناٽيه ڪنور' ۽ 'نرتيه ڪنور' سنسٿائون برپا ڪيون ويئون آهن. جيڪي نوان ڪلاڪار پيدا ڪري، جدا جدا شهرن ۾ پنهنجا پروگرام ڪن ٿيون. پنهنجي نئين ٽهيءَ کي سنڌي سماج سان جوڙڻ لاءِ سنڌي سيکارڻ جا ڪلاس (ڏاڪو ١، ٢، ٣) ۽ سنگيت، ناٽڪ، نرتيه ۽ چترڪاريءَ جا ڪلاس به باقاعدي هلندڙ آهن. اِسڪولن جي موڪلن ۾ ١٣ کان ١٧ سالن جي عمر جي شاگردن لاءِ هڪ پرسنالٽي ڊيولپمينٽ جو ڪورس هلايو ويو جنهن ۾ سڄي گجرات ۽ ٻئراڳڙه (ڀوپال) جا ٨٥ شاگرد شامل ٿيا. ڏهن ڏينهن جي هن ڪورس سنڌي شاگردن اندر پنهنجي ڀاشا ۽ سنسڪرتي جي شناس پيدا ڪري، سندن اندر ۾ فخر جو احساس جاڳايا ته سندن جاتيءَ وٽ به ٻين جاتين جيان هڪ شاهوڪار ورثو موجود آهي.

گذريل ٽن سالن ۾ سنڌالاجيءَ ٻاران ڪيترن ئي سيمينارن ۽ ورڪشاپن جو آيوجن ڪيو ويو. جن مان مکيه آهن : سي.ايچ.ڊي. جي سهڪار سان 'سنڌي ڀاشا، ساهت، سنسڪرتي' تي سيمينار جنهن ۾ سرگواسي سي. ارجن، پنڊت آسڪرن شرما، انيلا سندر، ارونا ڪندناڻي (ڪلڪتو)، ڪوشي لعلواڻي (ڊبئي) جهڙا ناميارا ڪلاڪار ۽ اُتم نکر، ڪرشن کٽواڻي، هيرو شيوڪاڻي گوردن ڀارتي، پرم ابيچنداڻي، ساوتري شهاڻي ۽ آديپور مان دادا دکايل، دلگير، هريش واسواڻي، ستيش روهڙا جهڙا ليکڪ، ودوان شامل ٿيا.

ب سيينٽڪ ورثي کي محفوظ رکڻ، ان جو ايندڙ پيڙهين ۾ ڦهلاو
ي ٻارن لاءِ ڪي.جي. ڪلاس کان يونورسٽي سطح تائين تعليم
ِ هلندڙ هي نوس جوڙجڪي ڪاربہ اچ هرڪو سنڌي هٿ آديپور
نجي اکين سان ڏسي سگهي ٿو.

نڌي جاتي جي پنهنجي جسماني صحت ۽ دماغي اوسر لاءِ شهر
نجون اسپتالون ۽ ڪاليج برپا ڪري سگهيتي تہ پوءِ پنهنجي
ن ۽ آتمڪ آنند لاءِ شهر شهر ۾ ’سنڌالاجي‘ جهڙا سانسڪرتڪ
ڙا ڪري سگهي ٿي. پرشارٿي سنڌي جاتيءَ سرڪاري سهايتا
ٽڄڻ بجاءِ هميشه پنهنجي ٻل بوتي تي ڀاڙيو آهي.

نسار جي سيني ملڪن پنهنجي پنهنجي قومي خصوصيت
طرف موٽ کائڻ شروع ڪئي آهي. اِنسان اهو ڄاتو آهي تہ سندس
ڀاڙون سندس پنهنجي ڪلچر ۾ اونهيون ويل آهن. اُتان ئي
جي صحيح سڃاڻپ حاصل ٿيڻي آهي.

سڃاڻي، ڀاڻ لهڻ‘ جي اها منزل بيشڪ اؤکي آهي. پر انسان
ڍ سنڪلپ ۽ جنوني لگن سان پنهنجي تاريخ جو وهڪرو بدلي
آهي. اسانجي سنڌي جاتي بہ پنهنجي سڃاڳ طبقي جي
عيت پنهنجو اُجرو عڪس اُڀاري دنيا جي هڪ مهذب قوم
خر جو احساس ماڻي سگهندي، اُن ۾ ڪا شڪ جي
انهي.

(رچنا-٥٩، جولاءِ-سپٽمبر ١٩٩٣)

ٻاشائن ۾ آڻڻ لاءِ سنڌالاجي ۾، 'انواد بيورو' جي اسٿاپنا ڪئي ويئي آهي. سنڌي شاگردن کي .I.P.S./I.F.S./I.A.S امتحانن ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ ڪين مدد ڪئي پئي وڃي. آديپور جي تولاڻي ڪاليج ۾ بي.اي. ۾ سنڌي وشيه شروع ڪرائڻ جو بہ شرف سنڌالاجيءَ کي آهي. درسي ڪتاب تيار ڪرڻ ۾ مدد ۽ ٻيون صلاحڪاري شيوائون جدا جدا سرڪاري، نيم سرڪاري اَدارن کي ڏيڻ لاءِ بہ سنڌالاجي هميشه تتپر رهي آهي.

سنڌي ٻارن کي ڪڇيءَ ۾ ئي سنڌي ٻاشا، سنسڪرتي جي سڃاڻ ڏيارڻ لاءِ حيدرآباد (سنڌ) جي يونين اڪاڊميءَ جي طرز تي 'ساڌو هيرانند نولراءِ اڪاڊمي' برپا ڪئي ويئي آهي. جيڪا اڳتي هلي انٽرنئشنل ريزيڊنشل اسڪول جو آڪار وٺندي، هن انگلش ميڊيم اسڪول ۾ سنڌي وشيه لازمي طور پاڙهيو ويندو ۽ ٻارن جي چرتر وڪاس تي خاص زور ڏنو ويندو، هن اسڪول لاءِ ساڍا چار ايڪڙ زمين الاٽ ڪئي ويئي آهي. جلد اُن جي شاندار عمارت جي بہ اَڏاوت شروع ٿي ويندي.

ٽن ايڪڙن جي پلاٽ تي ليکڪن، ڪلاڪارن ۽ ودوانن جي ڳوٺڙي 'ملير' جي اَڏاوت جو ڪاريہ زور شور سان هلي رهيو آهي. چٽيون پئجي ويون آهن. ايندڙ چيٽي چنڊ تي ليکڪ پنهنجي ڳوٺڙي ۾ اچي آسائشي ٿيندا.

ايندڙ سال هڪ ايڪڙ جي پلاٽ تي 'سنڌالاجي ڪامپليڪس' جو بنيادي پٿر رکيو ويندو. ڏهن ڪروڙن جي لاڳت واري هن 'سنڌي ڪلچرل يونورسٽيءَ' ۾ لائبرري، ميوزم، آرٽ گئلري، اِسٽوڊيو، آڊيٽوريم، اوپن ايئر ٿئيٽر، گيسٽ هائوس هوندا.

ي حاصل ڪرڻ بعد اُن کي بدزيبو بڻائڻ بجاءِ، پاڻ اُن جي زيب
آٿيئو، جنهن وٽ سونهن جي شناس آهي، قدرت جو مشاهدو ماڻڻ
هنجي اندرين اک کليل آهي، جنهنجو 'وَسذا ڪٽنبم' ۾ وشواس
تذيب (ڪلچر) جي بهتر کان بهتر علامت آهي اِنسان جو خود
کان خالي هئڻ ۽ سڀني جي ڀلائي ۽ بهبوديءَ لاءِ ٻين سان گڏجي
ڻ.

ن جي برعڪس سڀني کان ڪٽجي، الڳہ ٿي ويل ماڻهو، تنگدل،
وارتي ٿو ٿئي. هو ٻئي ڪنهن سان پنهنجو ڪجهه شيئر ڪرڻ ۾
آهي. نہ هو ڪنهن سان پنهنجو اندر اوري ٿو سگهي، نہ ٿي
ي سک دک ۾ شريڪ ٿي، هن جا ڳوڙها اُگهي ٿو سگهي. سماجي
ي خالي اهو اِنسان، ٻين پراڻين سان سڃاڻپ جوڙي سگهڻ کان
ي. پسن پکين، گگدام جانورن کي بہ پنهنجي بي قياسيءَ سان
تو. اِنساني ديا مايا، ڪروڻا کان پالها اهي شخص رڳو پاڻ لاءِ جيئندا
ستي تي ڪريل ڪنهن بيمار، ڪمزور کي ڏسي بہ نہ ڏسڻ جو مڪر
يس اورانگهي اڳتي وڌي ويندا آهن. ڪين رڳو ڪٿي پهچڻ جي
ندي آهي.

ادي سهوليتن پٺيان ڊوڙندڙ اڄ جي هن مشيني ماڻهوءَ جا ملهہ
ويا آهن. سريري سکن کي ئي هن پنهنجي جيون ۾ اڳرائي ڏني
ن لاءِ نيون نيون ايجادون ڪندي لاشڪ هن جي دماغ ترقي ڪئي
ٻت ٻين سان سڃاڻپ ڳنڍي، سهڪار ڪرڻ واري هن جي دل سسي
ي. اها سنويدن شيل دل جيڪا کيس سهردیہ بڻائي، ٻين لاءِ
ي پيدا ڪري، کيس غريبن مظلومن جو نمائندو بڻجي، سندن حق

# سنويدن شيلتا

ساهتيہ، سميت سيني ڪلائن جو مکيہ اُديش آهي پاٺڪ/درشڪ ا
سنويدنا جو ڀاوَ پيدا ڪرڻ، جيئن هو ٻين اِنسانن سان، پنهنجي واتاو
سان، پرڪرتيءَ سان پنهنجي سڄاٽپ ڳنڍي، اُنهن سان هم آه
ٿي سگهي.

اسين ڪنهن ڪهاڻي، ناول يا ناٽڪ جو آنند تڏهن ئي ماڻيون
جڏهن انهن جي پاترن سان پنهنجو ناتو جوڙي، انهن جو جيون پاڻ جي
لڳون ٿا. هرڪو ليکڪ پنهنجي ڪردارن جي انترمن جي اسانکي يا
ڪرائي ٿو. اُنهن جا ڀاوَ، جذبا، ويچار ونڊيندي، اسين انهن جي غم
خوشيءَ ۾ پنهنجي شرڪت جو احساس محسوس ڪريون ٿا.

سنويدن شيلتا يا نزاڪت حسي ماڻهوءَ جي اُها اُسريل قوّت آهي جي
اِنسان کي ٻين اِنسانن سان، وڻن ٽڻن، پکين پسن، سموري قدرت ۽ ڪائن
سان جوڙي، صحتمند سماج ۽ واتاورڻ خلقڻ ۾ مدد ڪري ٿي. پنهن
اندر ۽ ٻاهر سان اهڙو تال ميل قائم ڪرڻ لاءِ گهربل ان ڀاونانمڪ توا
کي ئي درحقيقت ماڻهوءَ جو ’ڪلچر‘ چيو ٿو وڃي.

اهو ئي ماڻهو مهذب (ڪلچرڊ) آهي جنهن وٽ پنهنجي اندر ۽ ٻا
جي حالتن سان ميزان قائم ڪري سگهڻ جي صلاحيت موجود آهي. جنهن
ٻين لاءِ هڏ ڪريٿو. جيڪو ٻين طرف بہ پنهنجي جوابداري محسو
ڪري انهن ڏانهن مدد جو هٿ ڊگهيڙي ٿو. قدرت وٽان پاڻ لاءِ س

# هند-سنڌ جو سنگم

ند ۾ سنڌ کان ٻاهر دبئي ئي هڪ اهڙو شهر آهي جتي اسان جا
ائر هندو خواهہ مسلمان وڏي تعداد ۾ نهايت ساز سلوڪ سان

لڪ جي سياسي ورهاڱي سنہ ٤٧ ۾ سرحدن جا ليڪا پائي، سنڌين
بجاءِ ٻہ قؤمون قرار ڪري، هڪ کي سنڌ ۾ رکي ٻيءَ کي گهر
ر ڏکي ڪڍيو ۽ ائين ڀاءُ ڀاءُ جي وچ ۾، مذهب جي اوٽ وٺي،
ي ديوار کڙي ڪري ڇڏي.

چ البت دبئيءَ جي ڌرتيءَ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ اها پنهنجي
ر کولي ورهين کان وڇڙيل محب ملائي سگهي ٿي. فضا ۾ 'سدائين
ي'جي صدا بلند ڪري، ٽٽل دلين کي قرب ۽ خلوص جي ڪيميا
ي جوڙي سگهي ٿي.

ن ڌرتيءَ تي ئي شيخ اياز (تنوير عباسي) ۽ نارائڻ شيام پنهنجون
ن بندوقون ڦٽيون ڪري، هڪ ٻئي سان گلي ملي رُنا آهن، ڪليا
لڳي ڳالهيون ڪيون آهن. سچيون سچيون راتيون سنڌي شعر جي
ر ٽبيون ڏنيون آهن. هڪ ٻئي سان قرب پيار ونڊيا آهن. وطن جي
ڪي تازو ڪندي هن آزاد وايو منڊل ۾ ڪي بي خوديءَ جا ڪن
ن.

ن ڌرتيءَ شيخ اياز، تنوير عباسيءَ سان گڏ عابده پروين،

۽ انصاف جي لڙائي لڙڻ لاءِ آمادہ ڪري.

ليڪن حد افسوس! اڄ جو اِنسان، ٻين اِنسانن سان پنهنجي سماج سڳاڻپ جوڙڻ بجاءِ، مادي سهوليتن سان سڳاڻپ ڳنڍي، پاڻ به انهن جهڙي اِستعمال جي وستو بڻجي، پنهنجي اِنساني مان مرتبي واري درجي کان هيٺ ڪرندو ويو آهي، هو اڄ ڏينهن رات پنهنجي بدزيبي، سوارٿي (چهري هيٺ) چهري جي ڏوءَ پوءَ (ميڪ اَپ) ۾ ئي مشغول آهي.

اڄ جو ماڻهو، اندر ۾ اِها سنويدن شيلتا پيدا ڪندڙ ساهت، سنگيت ڪلا کان پري ٿيندو پسون بڻجندو ويو آهي، اُهو پسون جنهن کي رڳو سڌ ۽ پيٽ ڪونهن. (ساهت سنگيت ڪلا وهين - ساکيات پشو پُڇ وشڻ هيڻ!)

رچنا-٥٨، (اپريل -جون ١٩٩٣)

نستا جا بيا سرگرم ڪم ڪندڙ آهن عطا محمد سنڌي، اجمل شيخ، عباسي، خواجي ۽ محمد شيبو. هن سنستا پاران انٽرنئشنل لطيف سال سنڌ ۽ هند جي اديبن ۽ فنڪارن کي عطا ڪيو ويو هو.

هن سنستائن ۽ سنڌن ڪارپردازن جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو آهي ءَ جي هندن خواهه مسلمان پائرن جي دلين مان ڪٽر ڏوئي صاف سنڌن اندر اُجاريو آهي. شاهه صاحب جي هن بيت سيني ڏرمن جي وعظن کي پاڻ ۾ سميٽي ڇڏيو آهي.

اکر پڙهه الف جو، ورق سڀ وسار
اندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا

ئيءَ جي اهڙن درياهه دل سنڌين کي رچنا جو هيءُ خاص انڪ ارپڻ سانکي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

رچنا-٥٧، (جنوري-مارچ ١٩٩٣)

اُستادبخاري، ممتاز لاشاري، فيروز گل، محمد ابراهيم جويو، زرينا بلوچ
محمد يوسف، ظفرحسن جهڙن سنڌ جي اديبن ۽ فنڪارن جو وڏي دل سا
استقبال پئي ڪيو آهي، ته هند جي ساهتڪارن، ڪلاڪارن نارايڻ شيام
پروفيسر رام پنجواڻي، دادا هوندراج دکايل، ڀڳونتي ناواڻي، گوبند مالهي
ڪلياڻ آڏواڻي، پوپٽي هيراننداڻي، تيجي پوجواڻي ۽ دشينت آهوجا ڪ
به پنهنجي ڪشادي جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن. هتان جي ئي گوپ ڪم
جي گهر ۾ سنڌ جي ڪهاڻيڪار حميد سنڌي (شاهه عبداللطيف يونيورسٽي
خيرپور جو وائيس چانسلر) ۽ هند جي ڪهاڻيڪار ڊاڪٽر ستيش روهڙ
(انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو ڊئريڪٽر) اوچتو هڪ ٻئي سا
ڀريون پيرو گڏجاڻي ٿئي ٿي، پنهنجي صدين جي سڃاڻپ جو عڪس
هڪ ٻئي جي چهري ۾ پسي هو گد گد ٿين ٿا.

اهي ڪرشما دبئيءَ ۾ ئي ممڪن آهن. دبئي سچ پچ هند ۽ سن
جي سنڌين جو ميل ميلاپ ڪرائڻ وارو سنگم-ستل بڻيو آهي.

هتڙي صوفياڻي سماع واري مقدس فضا پيدا ڪرڻ ۾، بيشڪ ڊاڪ
موتي پرڪاش، ڪلا پرڪاش، موهن گيهاڻي، شريڪانت ’صدف‘ گوپ ڪمل
گورڌن شرما ’گهايل‘ جهڙن ساهتڪارن جو وڏو رول رهيو آهي. سنگيت نائڪ
جي ڪلاڪارن ڪوشي لالواڻي، ايشور آڏواڻي، روپ گيهاڻي، رميش پانڊ
ناري سانولاڻي، به ڪين سهڻو ساٿ ڏنو آهي ’اسين سنڌي‘ جي روح روا
رام بخشاڻي، ڪين ان لاءِ منچ ميسر ڪري ڏنو آهي.

’سدائين گڏ سنڌي‘ سنستا کي وري دبئي جي معتبرن مسٽر مور
منگهناڻي ۽ اقبال مرزا (مرزا قليچ بيگ جو پوٽو) جي سرپرستي حاصل آهي

رو اُپري آيا، اُهي هئا ايشور آنچل جو ’تتل واريءَ تي پنڌ‘
را ميرچنداڻيءَ جو ’هڻ يوڳي‘ (ناول) ۽ ستيش روهڙا جو
ڪهاڻيون).

شور آنچل جي شعرن ۾ لڳيتو ڪن ججن کي بغاوت جي بوءِ نظر
ي دپ لڳو ٿو ڏسجي ته جيئن گذريل سال پنجابي شعرن جي انعامي
ي وٽي چؤبولو متو هو ۽ پنجابي ڀاشا جي ڪنوينر امرتا پريتم کي
يوار ٺهرائي، ڪٺهڙي ۾ ڪڙو ڪيو ويو هو، تيئن هن سنڌي شعرن
وعي کي انعام ڏيڻ سان ڪٿي هنن جو به ساڳيو حشر نه ٿئي.
وتواڻي به هريڪانت جي ديش ڀڳتيءَ تي سوال جي نشاني لڳائي
ل سنڌي ججن کي ٿرٿلي ۾ وجهي ڇڏيو هو. ليڪن اسانجي عالم
ن کي اها ته بخوبي ڄاڻ هوندي ته هرڪو شاعر باغي ٿيندو آهي.
شت سرڪاري تنتر خلاف آواز اُٿارڻ جو جنم سڌ اڌڪار حاصل
ئل ڪان ئي شاعر سنستاواد ۽ ڪٽر روايت پرستيءَ جو مخالفتي
. اُهي انسان جي روح جي آزادي کسي، سندس ذهني اوسر کي
م جڪڙي ٿا رکن. جي ايشور آنچل جي شعرن کي ريٽڻ جو اهوئي
ي ته پوءِ اها سنڌي ساهتيه جي بدبختي چئبي.

ي ذڪر ڪيل، انعام لاءِ اُپري آيل ٻيون ڪتاب تارا ميرچنداڻي
يوڳي‘ ورهاڱي بعد لکيل بهترين ناولن مان هڪ آهي ۽ هر طرح
ي لايق آهي. پر پوءِ به هڪ موقعي پرست شخص نيڪ انعام وقت
ر غلط پرچار ڪرڻ شروع ڪيو ته اهو ليکڪا جو اصلوڪو ناول ناهي،
ناول ٻئي جو آهي، هن رڳو اهو انگريزيءَ تان ترجمو ڪيو آهي.
ول جي مهاڳ ۾ ناول جو پلاٽ ٻئي هنڌان ملڻ جي ڳالهه جو

# پوسٽ مارٽم

هن سال ڪنهن به سنڌي ليکڪ کي ساهتيه اڪادمي انعام نه مليو! ڇو؟

ريڊيو، ٽي.وي تي آيل اها خبر ٻڌي سڀني سنڌين/غير سنڌين ساڳيو سوال ٿي پڇيو. ٻين ٢١ ڀاشائن جي ليکڪن ۽ سندن انعام حاصل ڪيل ڪتابن جي نالن جي پڌرائي ڪئي ويئي، رڳو هڪ سنڌي ڀاشا جي ئي ڪنهن ليکڪ کي هن سال انعام لائق نه سمجهيو ويو.

ڇا سنه ٨٩، ٩٠ ۽ ٩١ ۾ ڇپيل ڪوبه هڪ معياري درجي وارو، انعام جي لائق ڪتاب ڪونه هو؟ ان جو جواب ساهتيه اڪادمي جا نامزد ڪيل ٽي جج پوپٽي هيراننداڻي، ڪيئلداس بيگراج فاني ۽ هريش واسواڻي بهتر نموني ڏيئي سگهن ٿا. هن سال کان اپنايل چونڊڻ جي نئين اپنايل طريقي انوسار ٽنهي ججن کي پاڻ ۾ گڏ ويهي، انهن ٽن سالن ۾ ڇپيل ڪتابن جي ادبي معيار جي پرک ڪري، ايڪراءِ ٿي، يا گهڻائي جي ووٽ سان پنهنجو فيصلو ڏيڻو هو.

ڇا اسانجي ٽنهي سنڌي ججن جا پنهنجي پسنديءَ جا ٽي الڳ ڪتاب هئا، ۽ هنن مان ڪير به پڇاڙيءَ تائين پنهنجي چونڊ تان هٽ ڪڍي، ڪنهن ٻئي هڪ جج سان شاملراءِ ٿيڻ لاءِ تيار نه ٿيو ۽ ائين هن سال سنڌي ساهتيه کي انعام کان وانجهيو ويو؟

ڇيو وڃيٿو نه چونڊ جي پڇاڙيءَ واري دؤر ۾ جيڪي ٽي ڪتاب ٻين

جو انعام حاصل ڪيل ڪيترن ئي ڪتابن کان معيار ۾ گھٽ
ڻ وڌ ئي آهن. پوءِ به اسانجا جج پنهنجا شخصي اختلاف پاسيرا
پنهنجي پنهنجي ’چونڊ‘ يا ’نه چونڊ‘ تي اڙيا رهيا ۽ هن سال
هت اڪاڊمي انعام کان محروم رهجي ويو.

ي انعام ڪنهن به ساهتڪار جو مان مرتبو، يا معيار نٿا وڌائين.
امن جي اهميت رڳو ايتري آهي جو سيني سنڌين/غير سنڌين
ار ماڌيم ذريعي اها ڄاڻ پوي ٿي ته سنڌي ٻولي ۾ به ڪي ليکڪ
ڪجھ معياري لکي رهيا آهن، جيڪو ٻين ٻولين جي ساهتيه سان
ي سگهي ٿو.

ڪاش، اسانجا جج ٻچتائيءَ جي هن حالت ۾ پڪا وجهي ئي ڪنهن
تاب جي چونڊ ڪن ها. لڳي ته اهو ڀاراٿو ڪارنامو ٿو، پر ان کان
ڪ ڀاراٿو ڪارنامو ججن ڪري ڏيکاريو آهي. معياري ڪتابن جي
هوندي به انهن مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻ جي ڀاڻ مٿان
وابداريءَ کان ونءِ وڃي.

ها، اهو سچ آهي ته اسانجا جج به آخر سنڌي ئي آهن. هنن جي
ر چيتن ۾ جهاتي پائي ڏسبو ته ههڙن فيصلن اڻ فيصلن جو هڪ
وگيانڪ ڪارڻ آهي. پنهنجي زمين تان بي دخل ٿيل جاتيءَ جي
ڪمتري، من ۾ چپ ماري ويٺل ڊپ ڏر، ته ڪٿي ٻين جاتين
انتي آگر نه ڪڻن. اسان مٿان ڪو الزام نه مڙهين. ان ڪري اسين
کان وڌيڪ سچيار بڻجڻ جو مکر ڪريون ٿا.

رچنا-٥٦، (آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٩٢)

سچائيءَ سان خلاصو ڪيو آهي، جيڪو پنهنجي سر غير ضروري هو. ه
ليکڪ کي پلاٽ تہ اخبارن مان، روزمره جي زندگيءَ مان ئي ملندا آهن
ڪابہ رچنا خال مان پيدا نہ ٿيندي آهي، بلڪ جوت مان جوت جلندي
آهي. رچناڪار البت پنهنجي تخليقي قوتن سان، ڪلپنا شڪتي ج
سهاري، پنهنجي مخصوص ڀاشا شئلي ۾ ڍالي اُن کي هڪ ساهتڪ ڪرت
بڻائي ڇڏيندو آهي. اسانجا جج اهڙا اياڻا ڪونہ هوندا جو ان فرق ک
سمجهي نہ سگهن، پوءِ بہ هنن جي ان اعتراض جي اوٽ ورتي آهي
پڪ ئي پڪ هو بہ غلط پرچار جو شڪار ٿيا آهن.

انعام لائق مٿي اُپري آيل ٿيون ڪتاب هو ستيش روهڙا جي ڪهاڻي
جو مجموعو 'رشتو' شايع ٿيڻ بعد هن مجموعي ٿوري عرصي اندر ئي ادب
حلقن ۾ ڪافي چرچر پيدا ڪئي. سنڌ ۾ طارق اشرف پنهنجي رسال
'سهڻي' جي هڪ ئي انڪ ۾ سڄي جو سڄو ڪتاب شايع ڪيو. هند ۽ سن
۾ ستيش جي هنن ڪهاڻين کي اديبن خواه نقادن بيحد ساراهيو آهي
نائين ڏهاڪي جي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ آيل بحران واري دؤر ۾ هي ڪهاڻيو
نئين تازگي ڀري هوا ڪٽي آيون آهن. جڏهن پوءِ بہ ڪتاب کي انعام ڪا
ريٽيو، شايد اهو سبب ڏيئي تہ اهو ليکڪ جو پهريون تخليقي ڪتاب آهي
انڪانسواءِ سندس سنڌي تخليقي ساهت ۾ ٻي ڪا خاص دين ڪانہ رهي
آهي. جي سچ پڇ ائين آهي تہ اسانجي ججن ڪان هنديءَ جي ليکڪ
چندر ڌر گليريءَ جو نالو وسري ٿو وڃي جنهن جي هڪ ئي ڪهاڻي 'اُس
ني ڪها ٿا' کيس هندي ساهتيہ ۾ امر درجو ڏنو. جدا جدا ٻولين ج
ساهتيہ ۾ اهڙا ڪيئي مثال ليڄندا.

ان ۾ ڪا شڪ جي گنجائش ڪانهي تہ هي ٽيئي ڪتاب ا

كفر ۽ اسلام ۾ ٿا پرين اُنو پير
هڪ هندو ٻيو مسلمان تيون وچ وڏائون وير
انڌن اونده نہ لهي، تن کي سچ چوندو ڪير؟
روحل! راه پرين جي جان گهڙي ڏنوسين گهير،
تہ رب مڙني ۾ هڪڙو، جنهن ۾ ڦند نہ ڦير،
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا ستي ڪعبي الله ۾؟

جي پپر ۾ پرميشور تہ ٻپر ۾ ڪو ٻيو
جي اسلام ٿيو الله ڪون تہ ڪفر ڪنهن ڪيو
جي ڪعبو خانو خدا جو تہ ڪو ڏيون ڏوه ڪيو
مڙهي ۽ مسجد ۾ روشن هڪ ڏيئو!
دلپت ڪيئن ٻيو، خلل هن خلق ۾

اش اسين عام لوڪ پرمتڙيا ۽ انڌوشواسي بڻجي انهن غلط عناصرن
جي مُهرا ٿيڻ بجاءِ پنهنجي سود چڱي ۽ لڱي جي پرک ڪرڻ
ي اسين پنهنجو هوش ۽ حواس درست رکي سوچينداسين تہ اسان
وس ٿيندو تہ انسان ذات اوائل کان ئي هڪ بيماريءَ ۾ مبتلا رهي
آهي ’ذهني اونده‘. ان بيماريءَ جو سموري انسان ذات لاءِ علاج
ي آهي، ’اندر جو اُهاءَ يا سوجهي‘. سڀ ڌرم مذهب، مت فلسفا،
ي ان بيماريءَ جو اهو هڪ ئي ’اندر اُجارڻ‘ جو علاج ڏسيندا آيا
ئن ڪوبہ مرض هندو مسلمان نہ ٿيندو آهي، نہ ئي اُن جو علاج
لمان ٿيندو آهي. سج، هوا، پاڻيءَ جيان ڌرم/مذهب جو ڏسيل
نان ڪنهن ڀيد ڀاوَ جي سڀني لاءِ هڪجهڙو مفيد ٿي سگهندو آهي.

بت اها شيطان جي حماقت آهي جو هن هندو پاڻي ۽ مسلمان پاڻيءَ

# جي پپر ۾ پرميشور ...

اڄ هڪ ڀيرو وري ڀارت ۾ فرقيوار فسادن جو جوالامکي ڦاٽو آهي، اُن جي لاوا ۾ هزارين معصوم ٻار، زالون، ٻُڍا، فوٽ پاٿ ۽ جهڳين جهوپڙين ۾ رهندڙ غريب مسڪين جلي ڀسم ٿيا آهن. ڌرم/مذهب جي آڙ ۾ هر طرح جا وحشي، هولناڪ ڪارناما ثابت ٿا ڪن ته انسان ڪي سڀيه بڻجڻ ۾ اڃا ڪي صديون لڳنديون.

١٩٤٧ واري ورهاڱي جا زخم اڃا تازا ئي آهن. ڀارت جي رهواسين کي ٻه الڳ الڳ قؤمون تسليم ڪري، ملڪ کي ٽڪر ٽڪر ڪيو ويو. لکن انسانن جو ڪوس ٿيو. ڪروڙن کي گهر ڪان بي گهر ٿي، دربدر ٿيڻو پيو. ڀاءُ کي ڀاءُ جو دُشمن بڻايو ويو.

اڄ وري انهن ئي ڪٽر، تعصبي، بنياد پرست عناصرن منهن ڪڍيو آهي، جيڪي ووٽ هٿ ڪرڻ جي شطرنجي راند ۾ عوام کي مندر مسجد ۾ اُلجهائي، اوچ نيچ ذات جا ڀوُت ٻڇي، عام ماڻهن کي هڪ ٻئي خلاف ڀڙڪائي، نفرت جا ٻج ڇٽي، ديس کي سون ٽڪرن ۾ ورهائڻ جا سانباها ڪري رهيا آهن. اهي طاقت جا ٻکيا سياستدان ڪڏهن هٽلر ته ڪڏهن مسولني، اسٽالن ۽ جناح جو ويس پهري، هن طرح جا مؤتمار کيل کيڏندا رهن ٿا.

روحل ۽ دلپت جهڙا اسانجا صوفي شاعر گهڻو اڳ ئي اسانکي انهن جي شيطاني چالبازين کان آگاهه ڪري، وحدت جي وائي سڻائي ويا آهن.

ورو وجهه ڏنو آهي. اُها ئي سپيه قوم آهي، جنهنجي گهٽائيءَ
ي ٿورائيءَ واري جاتيءَ کي برابريءَ جا حق ڏيئي، سندن جداگانه
تسليم ڪري کين وڌڻ ويجهڻ جا هڪجهڙا موقعا ميسر ڪري
ها جهنگلي وحشي قوم آهي جيڪا ٿورائيءَ واري جاتيءَ جي
سڃاڻپ مٽائي، سندن حق هڙپ ڪري، کين پاڻ ۾ جذب ٿي
ي يا ديس مان هڪلائي ٿي ڪڍي.

ي اها چونڊ اسانکي ڪرڻي آهي ته اسين وري جانورن جي
غفائن طرف پنتي موٽي هلون يا انسانيت جي روشنيءَ طرف
وڌايون.

جي بيمار انسان کي اندر جي اها روشني ئي شفاياب ڪري
شاعر شيام انسان لاءِ ان جوئي دعاگو آهي.

اڃا روشني ڏي! اڃان روشني ڏي

اڃا آه دنيا اسانجي انڌاري ... اڃان روشني ڏي!

سنسڪرت جو به ساڳيو شلوڪ آهي

تمسو ما جوتر گهيه

(Oh mother! Lead us From darkness to Light!)

رچنا-٥٥، (جولاءِ-سپٽمبر ١٩٩٢)

جيان هن ڌرم/مذهب جو بہ هندو علاج ۽ مسلمان علاج ٻڌائي ڇڏيو آه
ائين انسانن مٿان جدا جدا چٽڪيون لڳائي، کين گمراهہ ڪري، هڪ ٻ
جو ڇڪڻ ماس چنڻ لاءِ پاڻ ۾ پئي ويڙهايو آهي.

ڏنو وڃي تہ انسان ذات جو هڪ ئي ڌرم هئڻ گهرجي. اُهو آه
انسان پرستي! اُهو ئي انسان سڀہ، مذهب سڏائڻ جو حقدار آهي، جنه
جي دل ۾ نہ رڳو سموري انسان ذات لاءِ، بلڪ پسن پکين لاءِ بہ پيار محب
آهي. هوُ سرشتيءَ جي ڪڻ ڪڻ ۾ هڪ ئي مٺي محبوب جو مشاه
پسي ٿو.

اسانجي سائين بيوس بہ اهوئي پيغام ڏنو آهي ’ڪر دنيا ۾ د
وڏيري، تون بہ رهہ، مان بہ رهان!‘ شاهہ سائينءَ بہ انسان پرستيءَ جي ساڳ
صدا بلند ڪئي آهي.

سائينم! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوس، مٺا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين!

سنڌي ڪلچر جو اهو سرمايو، اڄ نفرت جي آگ ۾ جلندڙ انسان
ذات جي هن ڏکئي وقت ۾، سوچ جي سطح تي، بخوبيءَ رهنمائي ڪر
سگهي ٿو. باقي جيڪو ڏاڍو سو گابو (Survival of fittest) وارو سڏانت
جانورن سان لاڳو جهنگل جو قاعدو آهي. سڀہ انسان تہ ان جي اُبتڙ ڪمز
جي حفاظت ڪرڻ جي جوابداري پنهنجي راضي خوشيءَ سان پاڻ مٿا
هموار ڪئي آهي. ڀارت جي ڀوُمي هيل تائين ان ڪري مهان سڏبي آئ
آهي. جو ان ڪنهن تي آڪرمڻ ڪرڻ بجاءِ، پاڻ دنيا جي جدا جدا مظلو
جاتين فرقن کي هٿ پناهہ ڏني آهي ۽ کين پنهنجي شناخت برقرار رک

ڪنيڪي يگہ جو فرد، پنھنجي انفراديت کوھي، پنھنجو پاڻ کان
و، اڪيلو، اجنبي، غير سلامتيءَ جو شڪار بڻيو آھي. سرشتي جي
ين (Establishment) ڪيس ھڪ استعمالي پرزي ۾ تبديل ڪري
لام بڻائي ڇڏيو آھي. قدرت کان، ڳوٺاڻي سھج واتاورڻ کان،
ماج کان ڇڄي ڌار ٿي، شھرن جي پيڙ واري، بدبودار ماحول ۾
ھو ڇھري ھيڻ بڻجي، پنھنجي سڃاڻپ کوھي ويٺو آھي. بس،
يڏاڻي جيان ھوُ ڏينھن رات ڊوڙي رھيو آھي. ڇو ۽ ڇا لاءِ؟ اھا
ڻ ڪانھي. اھڙي بي مقصد، پيچ پچان واري زندگي، جي
ب مفڪر ڪي، ارٿ ھيڻ ائبسرڊ ڀاسي، تہ ان ۾ ڪا عجب ڪائڻ
الھ ڪانھي.

اھو پليءَ پت جاتو ويو آھي تہ ھرڪو شخص پنھنجي جيون جو
ڻ آھي. پنھنجي صحيح سڃاڻپ حاصل ڪرڻ لاءِ ھن کي ئي
ڳولھا ڪرڻي آھي. پنھنجي جيون جا ملھ ماپا پاڻ طئہ ڪري
چوند جي آزادي حاصل ڪرڻي آھي (Freedom is Choice). ھن
اھي ڪھڙيون لاثاني رچناتمڪ قوتون آھن جيڪي ڪيس ھڪ
فرد جيو قرار ڪن ٿيون؟ انھن قوتن جو پورڻ وڪاس ڪري، ڪيس
خلقيل آرسيءَ ۾ پنھنجو اصلوڪو چھرو پسي، اُن جي سندرتا
ماڻڻو آھي. ٻين جي نظرن ۾ جيئڻ بجاءِ پنھنجي نظرن ۾ جيئڻ
رف ايماندار بڻجڻ جو پنھنجي اندر ۾ مادو پيدا ڪرڻو آھي.
ئي چيو ويندو آھي تہ ھرڪو انسان پنھنجي جيون جو سنگتراش
. ڪيس پنھنجي زندگيءَ کي گھڙي تراشي ھڪ شاھڪار ڪرتيءَ
ا ڪرڻي آھي. جيڪا نہ رڳو ڪيس، پر سڀني مخلوقات کي مطمئن

# پاڻ سڃاڻڻ پاڻ لهڻ

انساني وجود کي ڪو ارٿ تڏهن ملي سگهي ٿو جڏهن اُهو آهي انسان
پنهنجيءَ خود شناسيءَ لاءِ سنگهرش. هر انسان کي ان ڪري پنهنجي
صحيح سڃاڻپ لاءِ سرگردان ٿيڻو آهي. منهنجي اندر جي اُها ڪهڙي
قوت آهي جيڪا حالات ۾ بدلجي منهنجي اڪيلائپ/ذاريائپ کي
ٿي ڪري، سموري مخلوقات سان مونکي جوڙي، پنهنجيءَ پورڻتا
احساس ٿي ڪرائي.

انسان ذات جو وڏو حصو پاڻ کي وسارڻ/وڃائڻ ۾ ئي غرق آهي
کي ٿورا انسان آهن جيڪي پاڻ کي پائڻ لاءِ سڄي زندگي پنهنجيءَ
۾ گذاريندا آهن.

پاڻ کي پائڻ لاءِ هر شخص کي پنهنجي پاڙن ۾ اونهو وڃڻو پ
ٿو، ڇو ته هرڪو شخص پنهنجي ڌرتي، ڪلچر ۽ اتهاس جي پيداش آه
اُتان ئي ڪيس پنهنجي پرورش لاءِ خوراڪ حاصل ٿي آهي. اڄ جا مفڪ
ان ۾ شامل راءِ آهن ته پنهنجي سڃاڻپ حاصل ڪرڻ لاءِ شخص
پنهنجي جاتيءَ جي ٻولي، اتهاس، ڪلچر يعني پنهنجي Ethnicity طر
موٽ ڪائڻي آهي. اهو مُئل ماضي ناهي، بلڪ اُن ۾ انسان جي اوجل مسف
جا ٻج سمايل آهن، جن کي نئين سر ڦُرجي، نون نون پرڪارن جا گل پُوڻ
بڻجڻو آهي. سرجڻ جي اهائي جيئري جاڳندي تخليقي پرڪريا آهي.

اڄ اهو شدت سان محسوس ڪيو ٿو وڃي ته صنعتي انقلاب بعد،

# سنڌي ادب جو لهندڙ سج

ٽن سال کان برلا فائونڊيشن طرفان ٽن لکن روپين جو ’سرسوتي
قائم ڪيو ويو آهي، جيڪو ڪنهن به ڀارتي ڀاشا ۾ پوئين ڏهاڪي
ترين ساهتڪ رچنا کي عطا ڪيو ويندو. سنڌي به ڀارتي ڀاشائن ۾
آهي. لک ٻن جو گيان پيٺ پرسڪار به گذريل چوويهن سالن کان
ڪنهن نه ڪنهن ڀاشا جي ساهتڪار کي سندس ادبي معيار کي
رکي ڏنو پئي ويو آهي. هيل تائين اهو پرسڪار ڪن ڀاشائن جي
ي چار چار ڀيرا عطا ٿي چڪو آهي، پر سنڌيءَ جو وارو اڃا تائين
و آهي.

ت سوال ٿو اُٿي ورهاڱي بعد، هند ۾ اسانجي سنڌي ادب ۾ ڇا
اديب شنڪر ڪرپ، تڪشي شو شنڪر پلي، وشنو ڏي، تارا شنڪر
، مهاديوي ورما، اگييه، فراق گورکپوري، قعطرالدين حيدر، امرتا
شورام ڪارنٿ، اُماشنڪر جوشي، وي.ايس. کانڊيڪر. وي.ڪي.
، جي معيار جو پيدا نه ٿيو آهي جنهن کي گيان پيٺ پرسڪار
ات ڪيو وڃي ها؟ اسان وٽ به نارايڻ شيام، هري دلگير، ڪرشن
گوبند مالهي، پوپٽي هيرانندائي، موهن ڪلپنا، ارجن حاسد،
وهڙا، هريش واسواڻي، ايم ڪمل جهڙا اوچ ڪوٽيءَ جا ساهتڪار
وندي به ڪين ڄاڻي واڻي ريٽي، سنڌي ساهتيه کي نظر انداز پئي
آهي.

ڪرڻي ۽ سندس جيئڻ کي ڪا معنيٰ ڏئي ٿي.

پنهنجي پاڙن کان اُکڙجي، سڄي دنيا ۾ ٽڙي پکڙي ويل سنڌ
جاتي بہ اڄ اهڙي ئي سڃاڻپ جي سنڪٽ مان گذري رهي آهي. ا
انهاس جو ڪو پهريون حادثو ڪونہ هوندو جڏهن پنهنجي ئي غفلت سب
هڪ قوم صفحي هستيءَ تان هميشه لاءِ ميسارجي ويندي. انهن قومن جا
باشندن پاڻ سان دوبدو ٿيڻ بجاءِ، عياشيءَ ۾ ئي پاڻ کي غرق ڪري، پ
کان پري ڀڄڻ کي ئي زندگيءَ جو مقصد پئي مڃيو آهي.

’انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي‘ پنهنجي جاتيءَ جي سڃاڻ قائ
رکڻ جي ڏس ۾ هڪ وقتائتو قدم آهي. سنڌي جاتي بہ پنهنجي ڀاش
ساهتيہ، سنسڪرتيءَ سان جڙيل رهي، اُن جي ثقافتي ورثي جون پاڙو
سدا ساوين رهن، اهو ئي هن سنستا جو هڪ ئي اُديش آهي. اُميد آهي
تہ سنڌي جاتيءَ جا سڀ فرد ’سنڌالاجي‘ جو سڏ اونائي، پاڻ کي زند
رکڻ جي هن سنگهرش ۾ پنهنجي حصيداري نباهيندا.

ها، موت کان اڳ ئي مري وڃڻ، يا موت بعد بہ دنيا جي وڪا
۾ زنده رهڻ جي، انهن ٻنهي استٿين مان چونڊ اسان مان هر ڪنه
کي پنهنجي سود ڪرڻي آهي.

هن سوچ جي مدنظر ئي ’انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي‘ شا
صاحب جي مٿين چوٽيءَ کي پنهنجو آدرش ڪري ڪنيو آهي.

رچنا-٥۴، (اپريل-جون ١٩٩٢

كو خريدار كونهي. مفت ۾ ورهائجڻ بعد به انهن کي پڙهي،
رد عمل ڄاڻائي، اهڙو پاٺڪ طبقو سنڌيءَ مان گم ٿي ويو آهي.
جي 'فيڊ بئڪ' ڪانسواءِ سٺي ساهتيہ جو سرجڻ لڳ ڀڳ
آهي.

) سنڌي ليکڪ جو گذر بسر پنهنجي قلم ذريعي ٿيڻ ممڪن ناهي،
ي هو فل ٽائيم رائيٽر بجاءِ پارٽ ٽائيم رائيٽر آهي. ڪنهن به
ڪماليت جو درجو حاصل ڪرڻ لاءِ هر روز اٺ ڏهه ڪلاڪ نيمائتو
روري آهي. بهترين ادب، اديب کان هن جي مڪمل سمرپڻتا
(Dec) جي تقاضا ٿو ڪري. سنڌي اديب جيئن تہ پنهنجو سمورو وقت
ارپي نٿو سگهي، ان ڪري اُن جو اثر سنڌس خلقيل ادب جي
ي پوڻ لازمي آهي. بهترين ادب جي تلاش ۾ بهوُپاشي سنڌي پاٺڪ
ولين جي ادب طرف مڙي وڃڻ سڀاويڪ آهي. سنڌي فلمن ۽ ٿئيٽر
رشڪن جي منهن موڙڻ جو ساڳيو ڪارڻ آهي.

) سنڌي ادب ۾ آلوچنا جو ڪحط آهي. اهڙي معياري درجي جي
يڪا ڪري ۽ ڪوٽي جي بخوبي پرک ڪري، برساتي منڊ ۾ اُسري
و سلن (Weeds) کي جڙ کان اُکوڙي، صحيح ٻوٽن کي صحيح
پاڻ پاڻي ڏيئي اُسرڻ ۾ مدد ڪري ۽ ساڻ ساڻ پاٺڪن جي رُچيءَ
وڌي سنواري.

) عام سنڌيءَ جو اڄ پنهنجي جهڪي ٿي ويل ڪلچر کان ومک
ي جاتين جي چمڪ ڏمڪ واري ڪلچر کي اوڊڻ ۽ پنهنجي روز
ڪرت مان ڪو روحاني سڪون ماڻي اُن ۾ پنهنجي صحيح صورت

وقت آيو آهي جو سنڌي ساهتيہ جو معياري ترجمو انگريزي، هندي
۽ ٻين ڀاشائن ۾ اچڻ گهرجي ۽ گڏوگڏ اسانجي وڌوان آلوچڪن کي پنهنجي
سنڌي ساهتيہ ۽ ٻين ٻولين ۾ تخليق ٿيندڙ ساهتيہ جو مشابهتي اڀياس
پيش ڪري، پنهنجي ساهتيہ جي صحيح تصوير پيش ڪرڻ گهرجي
اسانجو سنڌي ناول، ناٽڪ، ڪهاڻي، شعر ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ ڪٿ
بيٺو آهي؟ سنڌي ساهتيہ پنهنجي سموريت ۾ ترقيءَ جي شاهراه تي اگرس
آهي يا اُن جو شعاع وڃي ٿو ڏينهون ڀوءِ جهڪو ٿيندو؟ جي سچ پچ ئ
اهو ڀوڳو پوندو ٿو وڃي تہ ان جا ڪهڙا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا؟ ڇا انهن ج
اوک ٻوک ڪري ڪي عملي اُپاو وٺي سگهجن ٿا؟

اڄ سنڌي ادب سان واسطو رکندڙ ڪي هيٺيان مسئلا اسانجي سامهو
بلڪل صاف ڇٽا نظر اچن ٿا.

(۱) پنهنجي پيرن هيٺان ڀوءِ جي غيرموجودگيءَ سبب ڇڙوڇڙ ٿ
ويل سنڌي جاتيءَ کان سندن ٻولي ڇڏائجي رهي آهي. ڏينهون ڏينه
اُن جو واهپو گهٽجندو ٿو وڃي. گهرن مان اُها موڪلائي رهي آهي. سنڌ
ماڌيم وارا اسڪول بند ٿيندا پيا وڃن. ڪنهن بہ راجيہ جي ڀاشا نہ هئڻ
سبب اُها سرڪاري ڪاروبار ۾ استعمال نٿي ٿئي. ان ڪري سنڌيءَ ک
ڪنهن صوبائي سرڪار جي پٺڀرائي حاصل ڪانهي.

(۲) جيئن تہ نئين ٽهيءَ کي سنڌي لکڻ پڙهڻ گهٽ يا ماڳهي
نٿو اچي، ان ڪري پاٺڪن جو تعداد وڃي ٿو گهٽبو. ليکڪ پنهنجا ڪتاب
پنهنجي کيسي مان خرچ ڪري، يا واپارين کان اشتهار وٺي، يا سرڪار
ادارن جي مدد سان ڇپائين تہ هر سال سون جي تعداد ۾ ٿا، پر انهن

# انعامن جي راڄنيتي

نعامن جي راڄنيتيءَ ويڇڙائيءَ ۾ سنڌي ادبي واتاورڻ کي ڪافي
ڇڏيو آهي. اديب ۽ اديب جي وچ ۾، دوست ۽ دوست جي وچ ۾
ان پيدا ڪري، سنڌي ساهتيه کي ان راڄنيتيءَ ايترو تہ زخمي
ڏيو آهي جو ايندڙ وقت ۾ ان جو سنئين لنڱين ٿيڻ لڳہ ڀڳہ ناممڪن
اچي.

ئسي جي لالچ ۽ مشهوريءَ جي بک جا شڪار، عام طور نوان شاهوڪار
تي نيتائون مهيا ٿيندا آهن. اديبن تہ هميشه سندن 'ڪوڙ'، 'پاکنڊ'
بيپٽي' کي بي نقاب پئي ڪيو آهي. ليڪن جڏهن اديب بہ 'سچ'،
' ۽ 'سنائي' جي وات ڇڏي، 'ڪوڙ'، 'بدزيبائي' ۽ 'بڇڙائي' ڏانهن
ں نظر اچن تہ پوءِ سرسوتيءَ جو روئي ڏيڻ سياويڪ آهي.

هو چوڻ تہ اڄ زندگيءَ جا قدر بدلجي ويا آهن؛ ليکڪ بہ اول انسان
يين بہ پنهنجي جياپي لاءِ پئسي جي ۽ حوصلي افزائيءَ لاءِ مان
جي ضرورت آهي، حقيقت کي مروٽي پيش ڪرڻ آهي.

يکڪ - ڪلاڪار صحيح معنيٰ ۾ تڏهن ئي ليکڪ - ڪلاڪار آهي،
نهنجي ڏينهن جا ڪي پل ئي، هو هن دنيوي پاکنڊ کان پاڻ کي
ي، 'سچ' جي آرسيءَ ۾ پنهنجي صحيح صورت ڏسي سگهي. جي
ڪن سهنجن ۽ عيش پرستيءَ، سندس آرسيءَ کي ڏندلو ڪري ڇڏيو
پوءِ هڪ ليکڪ ۽ هڪ ڏنڌوڙي ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي.

ڏسڻ بجاءِ، سريري سطح تي پوڳ پوڳڻ لاءِ ماديت پرستيءَ طرف وڌيا
ارواح جهڙا ڪي سبب تي سگهن ٿا، جن اڄ جي نئين ٽهيءَ کي پنهنجي
ورثي ۾ مليل ادب ۽ فن جي ڪلچرل سچاٽپ کان بلڪل ئي ڪٽي، اجنبي
بڻائي ڇڏيو آهي.

ڇا سنڌي ادب جي هن سانجهيءَ کي وري نئين صبوح ۾ تبديل
ڪرڻ لاءِ، سچاڳ سطح تي ڪجهه ڪري سگهجي ٿو؟ اچو ته ان مسئلي
تي گڏجي سوچيون!

رچنا- ۵۲، (آڪٽوبر-ڊسمبر ۱۹۹۱)

ن انهن جي پهرين لسٽ ۾ ٻہ شيام جئسنگهاڻيءَ جهڙي اديب
ـہ ڏسي، اهڙي ئي قسم جو شڪ جاڳيتو تہ ان پٺيان ٻہ مڙيوئي
ني سازش آهي. ساهتيہ اڪادميءَ جي ملازم هئڻ جو بهانو ڏيئي
اعليٰ اديب کي انعام کان رهڻ هڪ ٻي بي انصافي ٿيندي چو
ـہ اڪادميءَ جي جوڙجڪ ۾ اهڙو ڪوبہ فقرو درج ڪونهي.

سانڪي اها پلي پت پروڙ آهي تہ اهي انعام ڪنهن ٻہ ساهتڪار
تا وڌائن. شيام جئسنگهاڻيءَ جو قد ساهتيہ اڪادميءَ جي انعام
رو ئي وڏو آهي جيترو نارايڻ شيام جو 'گيان پيٺ اوارڊ' کان
و.

سوس رهڳو اهو آهي تہ سنڌي ساهت جي سر جو اچو پاڳي اڄ ڪنگڻ
لڙُ ڪري ڇڏيو آهي. هن ڪانپوءِ ان تي هنج ايندي ٻہ لڄ پيا
ڪندا.

رچنا- ۱۵، (جولاءِ-سپٽمبر ۱۹۹۱)

اڄ سنڌي ۽ ادبي ۽ ڪلا کيتر ۾ گھٽائي اهڙن ئي پيشيور ليکڪ
ڪلاڪارن جي نظر ٿي اچي، جن لاءِ تخليقي ادب ۽ ڪلا پنهنجي د
جي آئيني ۾ پنهنجي صورت صاف ڏسي سگھڻ لاءِ ساڌنا ناهي، بلڪ ا
کان ٻاهر جا ٻيا ڪي مقصد برٿواب ڪرڻ لاءِ آهي.

ويجھڙائيءَ ۾ مهاراشٽرا سرڪار طرفان عطا ڪيل 'گورو پرسڪار
کي وٽي ڪافي چوٻولو متو آهي. ان هڪ لک جي انعام خاص طور اسا
سنڌي ليکڪن جو قد ننڍو ڪري ڇڏيو آهي. اخبارن ۾ اهي تهمتون
جوابي تهمتون تہ ڊاڪٽر موتي پرڪاش جو حق ريٽي، انعام جڳت آڏواڻي
کي ڏياريو ويو آهي - نهايت ئي دل ڏکوئيندڙ حملن جي ڏي وٺ آهي
اسان کي موتي پرڪاش بہ ايترو ئي پيارو آهي جيترو جڳت آڏواڻي. گ
سامتاڻي ۽ شيام جئسنگھاڻي بہ سنڌي ادب جا نهايت ئي پيارا سرم
ساهتڪار آهن. اها هڪ لک جي رقم ڪهڙي ڪم جي جيڪا دوست ک
دوست کان ڌار ڪري؟ اسان سنڌي اديبن کي ڪپي بہ اڌ ڪري؟ هڪ
لک جي رقم وڏي يا اديب وڏو؟

مهاراشٽرا سرڪار جيستائين پنهنجي غلطي سڌاري موتي پرڪا
کي پنهنجو حق ڏياري، تيستائين ڇا اهو بهتر نہ ٿيندو تہ ٻارهن ئي گو
پرسڪار وجيتا سنڌي اديب، اٽ - اٺ هزار پنهنجيءَ ٿيلهيءَ مان ڪڍي
هڪ لک جي ٿيلهي موتي پرڪاش کي هڪ عام جلسي ۾ پوري مان
سنمان سان پيش ڪن ۽ ائين سنڌي اديب جو قد لک روپئي کان گھ
مٿي ڪن؟

ساهتيہ اڪاڊميءَ جي انعامن لاءِ جيڪي فهرستون ٻن ٽن سالن ک

يءَ جي، پئسي ڪمائڻ کانسواءِ بي ڪا حاصلات نظر نٿي اچي،
ڳڻائي، هو پنهنجي جيڏن سرتن ۾ مان پائي سگهن، پنهنجو
سان مٿي کڻي سگهن. لاشڪ اُن ۾ ڏوهه سنڌ کان لڏي آيل پيڙهيءَ
جن پنهنجي اولاد کان ٻوليءَ جي ڄاڻ کسي ڇڏي آهي. جي
ءَ سان اڄ هو پنهنجي تهذيبي ورثي جي خزاني جون پيريل
کولي سگهن ها ته ٻوءِ ڪين پنهنجي شاهوڪاريءَ جو احساس

ا ته ڄاتل حقيقت آهي ته هرهڪ جاتيءَ کي پنهنجا پنهنجا ڪي
خصوص تهذيبي چنهه آهن. اهي علحدگي ئي شخص/جاتي جي
سڃاڻپ ٿي، جيڪا هر شخص/جاتي پنهنجي لاءِ پاڻ خلقي آهي.
پ کانسواءِ عام انسان جو وجود رد ٿيڪري جهڙو آهي. پنهنجي
سڪرتيءَ جي سڃاڻپ کي قائم دائم رکڻ جو وڏي ۾ وڏو وزنائتو
آهي ته اها اسانجي ماءُ جيان ئي اسانجي پنهنجي آهي، ان
ان کي پياري آهي. ان کانسواءِ اسانجو جيون اڌورو آهي.

طرتي طور ڪوبه انسان اڪيلو، الڳ ٿلڳ، Isolation ۾ جيئڻ نٿو
هو پنهنجي گروهه ۾ ئي جاتو سڃاتو وڃيٿو. اُتي ئي ڪيس
پ ۽ ٻين سان جڙيل هئڻ (sense of belonging) جو احساس ٿئي
ل ٻين سان 'پنهنجائپ' جوڙي سگهڻ جو جذبو يا Passion ئي
جيوت جو سڀ کان اهم نقطو آهي. ان احساس، جذبي، يا Passion
انساني زندگي بي معنيٰ آهي.

ر اڄ جي نئين پيڙهي گهڻي کان گهڻو ڌن ڪمائڻ جي باوجود،

# تهذيبي سڃاڻپ جو سنڪٽ

ڀارت ۾ ٽڙي پکڙي ويل سنڌين لاءِ اڄ پنهنجي تهذيبي سڃاڻپ
وڃائي ويهڻ جو وڏي ۾ وڏو سنڪٽ پيدا ٿي ويو آهي. سنڌي اسڪول بند
ٿي رهيا آهن. پاٺڪن جي غيرموجودگيءَ سبب ساهتيه جو وڪرو لڳ ڀڳ
ٺپ ٿي چڪو آهي. ورهاڱي بعد چاليهن سالن ۾ هند جي ڌرتيءَ تي ڪي
ڳاڻ ڳٽيا ليکڪ، شاعر، ناٽڪ ڪار، ڪلاڪار معياري درجي جا پيدا ٿيا آهن.
عام سنڌي پنهنجي سڀيتا سنسڪرتيءَ کي قائم رکڻ جي اهميت کان اڻ
ڄاڻ آهي. ان کي بچائي رکڻ ۾ هن جي خير ڪا دلچسپي آهي. ه
پنهنجي سريري سلامتي لاءِ گهڻي کان گهڻو ڌن ڪمائڻ کي ئي توجهه ڏيڻ
۽ پنهنجي اولاد کي به وراثت ۾ رڳو وڏا دوڪان، ڪارخانا، پيڙهيون ڏيئي
وڃڻ چاهيندو. شخصيت جي چوڏسي وڪاس لاءِ ساهتيه، سنگيت، نرتيه،
ناٽڪ جهڙين للت ڪلائن ۽ چترڪاري، سنگتراشي جهڙين سوکيم ڪلائن
جي ساڌنا کي غير ضروري مڃي، هو پنهنجي اولاد کي ان ذهني اوسر
کان وانجهيل رکيندو.

نتيجي طور پنهنجي ٻاڙن ۽ تهذيبي ورثي کان اڻڄاڻ اڄ جي نئين
سنڌي ٽهي احساس ڪمتريءَ جو شڪار بڻجي، نڌڻڪائيءَ جو درد ڀوڳي
رهي آهي. جتي ٻين نوجوانن کي پنهنجي جاتيءَ جي حاصلاتن تي ناز
آهي، اُتي سنڌي نوجوان طبقي کي شاهه، سچل، راجرشي ڏيارام، ساڌ
هيرانند جهڙين مهان هستين جي نالن جي به ڄاڻ ناهي. ڪين سموري

اسان سنڌين جي تهذيبي سڃاڻپ جو سنڪٽ تڏهن دور ٿيندو

) اسين پنهنجي ايندڙ پيڙهين کي پنهنجي تهذيبي ورثي جون
ءِ انهن کي کولڻ لاءِ ٻوليءَ جون چاٻيون ڏيئي ويندا سين.

) نئين ٿهيءَ کي جيون جي هر کيتر ۾ ماهرت حاصل ڪرڻ جي
نداسين ءِ ان لاءِ ڀرپور سمورا ساڌن ميسر ڪري ڏيئي سگهندا سين.

ا تهذيبي سڃاڻپ ئي صحيح معنيٰ ۾ اسانجي وجود جي سلامتي
نهنجي ان سڃاڻپ ءِ سلامتي لاءِ هر سنڌيءَ کي پنهنجي حاصلات
ه نہ ڪجهہ حصو پتي پنهنجي جاتيءَ جي کاتي ۾ جمع ڪرڻو
س پيش اِهو سنڌن ئي انفرادي سلامتيءَ جو ضامن بڻبو.

رچنا-٥٠، (اپريل-جون ١٩٩١)

پنھنجي سڃاڻپ (ٻاڻ ۾ پيدا ڪيل جذبي) کانسواءِ ٻاڻ کي اڪيلو، اُپاٽ
بيگانو (Alienated) تي محسوس ڪري. سريري طور سمورا سک ڀوڳيند
عيش ڪندي بہ اُھا پنھنجي شخصيت ۾ ڪٿي ڪا کوٽ، ڪو
محسوس ڪريتي.

پنھنجي شخصيت ۾ رھجي ويل اھا کوٽ، اھو خال، نڌٽڪائي
اھو احساس نئين پيڙھيءَ کي وري سنڌي ٻوليءَ طرف، سيپتا سنسڪرت
طرف، ملڪ ۽ مٽيءَ طرف، پنھنجي ٻاڙن طرف موٽائي آڻي سگھيتو. د
جون سپ ٻاشائون، فرينچ، جرمن، رشين سکڻ بعد بہ سنڌي سکڻ جي ڪي
ضرورت محسوس تي سگھي تي. کيس شايد اِھو بہ محسوس تيڻ لڳي
پل تہ ھو اکيون ٻوري، ٻاڻ کي سنڌي سڏائڻ ۽ سنڌي ليکڻ کان انڪ
ڪري، ڀر ڀوءِ بہ ٻين مڪالي ماڻھن جي نظر ۾ اڇا صدين تائين ھوُ سنڌ
سمجھيو ۽ سنڌي ليکيو ويندو. ان کان تہ بھتر آھي تہ ٻاڻ ئي سنڌي سڏائ
۾ فخر وٺي. اڄ جي نئين سنڌي نسي لاشڪ لعل ڪرشن آڏواڻي، ائڊمر
رام تھلياڻي ۽ نريندر ھيرواڻيءَ سان ٻاڻ کي جوڙي اھڙو فخر جو احسا
محسوس ڪرڻ لڳي آھي.

اھوئي دستور آھي، جيئن ھرڪو شخص پنھنجي خاندان جي ناموس
سان پنھنجي معتبري وڌائڻ جي ڪوشش ڪندو آھي، ساڳي طرح ھرڪ
فرد بہ پنھنجي جاتيءَ جون قوتون استعمال ڪندي پنھنجو ڪنڌ فخر ما
مٿي ڪچيل محسوس ڪندو آھي. جاتيءَ جون اھي اجتماعي قوتون، سنڌس
فردن جي، جدا جدا کيترن ۾ حاصل ڪيل لاثاني ماھرت (Excellence
جي گڏيل پونجي ھونديون آھن.

ماضيءَ جو احوال مستقبل لاءِ قلمبند ڪري ڇڏي وڃڻ جي ڪا
محسوس نٿي ٿي.

جنهن ڏينهن انسان پنهنجي ان عدن واري باغ مان هيٺ ڪريو
ننگو ڏسي هن جي اندر ۾ گناهه جو احساس جاڳيو، هن پاڻ
وسترن سان گڏ لفظن جو به مصنوعي لباس اُڍڻ شروع ڪيو. نتيجي
ڪان رفته رفته دل جي دل سان بي ساخته وارتالاپ ڪرڻ جي ڪلا
ي ويئي. هن ڪان اهو به وسري ويو ته هو ڪير هو؟ ڪٿان آيو هو؟
مقصد لاءِ هت آيو هو؟

اڻ جو ميوو چکڻ بعد سندس من اندر پنهنجي اوسي پاسي کي
لهڻ جي جڳياسا جاڳي. پنهنجي وجايل سڃاڻپ وري حاصل ڪرڻ
پنهنجي هن هستيءَ جي ڀوُل ڀلئيان ۾ ڀٽڪڻ لڳو. البت پاڻ کي
اندر ۾ ڳولهي لهڻ بجاءِ، هو پاڻ کي ٻاهر جي ڀؤتڪ سنسار ۾
ي، اُن جي ڪڻ ڪڻ جو ڇيد وڇيد ڪندي، پنهنجي حاصل ڪيل
مطلب جاڻ کي لائبررين ميوزمن ۾ داخل ڪندي ويو پاڻ ڪان
برتي ٿيندو.

انسان پنهنجي سنگرهه ڪيل هن وسيع علم ۽ عقل ۾ پنهنجي آپي
پسي، اُن کي گهڻن ڪان گهڻن انسانن تائين، ٿوري ڪان ٿوري
اندر ڦهلائڻ لاءِ، ۽ پنهنجيءَ ياد کي پيڙهيون در پيڙهيون محفوظ
بوليءَ سان گڏ لپي، ڇاپخانا، تار، ٽيليفون ريڊيو، ٽي.وي، وڊيو
وٽر ايجاد ڪري ورتا آهن. اهي اليڪٽرانڪ اُپڪرم ڏينهن رات
لتين غير ضروري جاڻ ڏيندڙ لفظ ۽ عڪس اوڳاري، انساني ذهن

# ڄامڙا ماڻهو - قداور لفظ

ماڻهوءَ جو رتبو ٻين ساهوارن کان ان ڪري مٿيرو آهي جو هو پنهنجي چيتنا شڪتيءَ جي اوسر ڪري، نون نون ويچارن کي خلقي ٿو ۽ ٻين سا انهن جي اثرائتي نموني ڏي وٺ ڪري سگهي ٿو. اهڙي آتم اظهار ڪانسوا هن جو جيون اڌورو اڌورو آهي، اهو پوري طرح ڦلائتو نٿو ٿئي.

تخليقي فن جو ٻه اهوئي مقصد آهي: انساني اُمنگن، اُڌمن احساسن، ويچارن کي فنڪار پنهنجيءَ ڪلپنا شڪتيءَ ذريعي مؤثر اظها ڏئيٿو. ساهت، سنگيت، چترڪاري، سنگتراشي، فن جون ڪي مختلف صنفون آهن. جتي چترڪاريءَ جو ماڌيم رنگ ۽ ريکائون آهن، سنگيت ج سُر لئه تال، نرتيه جو سرير جي انگن جون مدرائون، اُتي ساهت جو ماڌي لفظ آهن. لفظ ٻوليءَ جا معنيٰ خيز آوازي پرتيڪ آهن ۽ ٻولي آهي انه لفظن جو وياڪرڻي سرشتو. انسان اهو پنهنجي انيون کي ٻين سان ونڊ لاءِ ۽ انهن کي ايندڙ پيڙهين لاءِ محفوظ رکڻ لاءِ خلقيو آهي.

ٻوليءَ جي ايجاد کان اڳ انسانن جي دلين جي وچ ۾ ويچارن جو وهڪرو سڌو، سهج سڀاويڪ ۽ نه ڦهه وارو هو. اونچي معيار جي اهڙي ڪميونيڪشن سبب اهي استري پرش ڪامل درجي وارا هئا. سندن سهج من ۽ معصوم سڀاءَ سبب انهن ماڻهن جي وچ ۾ ڪنهن ٻه قسم جو پيد ڀاوَ، ڊپ ڏر، يا ڏاريائپ ڪانه هئي. پنهنجي جيونَ جي هرهڪ ڪن کي مڪمل طور جيئڻ ۽ اُن سان پنهنجو لاڳاپو قائم ڪري سگهڻ سبب ڪين

ن اڄ جو انسان، پنھنجو پاڻ کان، پنھنجي واتاورڻ کان، رشتن ناتن کان پوري طرح ڪٽجي، بيگانو ٿيندو ويو آهي. هن ونيڪشين جو معيار ويو آهي، ڏينھون پوءِ هيٺ ڪرندو. هو پنھنجو هن زندگيءَ مان وشواس وڃائي وينو آهي. هن جي اندر پنھنجي . بہ ڪرڻ جي ڪا مٿت آڪانڪا نہ رهي آهي. هيءَ زندگي ڪيس ح ارٿ هيڻ پاسي رهي آهي. لفظ جيڪي اوائلي زماني ۾ بن جي وچ ۾ پيار، خوشي، ڪروڙا جھڙا خوبصورت پاوَ وندڻ وارو ناياب . اڄ اُهي سري بازار ۾ سٽجي ڪٽجي، گنل سڪن جيان پنھنجو ئي وينا آهن. اُپت ۽ کپت جي حساب سان وڌي پئماني تي ۾ گھڙجندڙ اهي لفظ هڪ ئي وقت دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ لڪن اجنبي انسانن لاءِ اهڙي غير ضروري جاڻ جو پرچار ڪن ٿا، سندن شخصي جيون جي سچائي سان ڪو لاڳاپو ڪونھي.

ح جي انسان کان اهو وسري ويو آهي تہ اهميت لفظ اوڳاڙيندڙ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا کي ناهي، بلڪ اُنھن جي پٺيان مؤجود ماڻھوءَ . لفظن جي معيار جو دارو مدار بہ ماڻھوءَ جي معتبري تي آهي. فظ تڏهن ئي چالو سڪو ليکيا ٿا وڃن، جڏهن هن انھيءَ جي تور ون، پنھنجي دل جي خزاني ۾ اڳوات جمع ڪرائي رکيو آهي.

ر هيل تائين ماڻھوءَ جي نظر پاڻ کان ٻاهر طرف ئي ڪوچ ڪندي ي، هينئر ڪيس اُن دوربينيءَ جو رخ اندر طرف موڙي اُتي ئي جاچ پڙتال ڪرڻي پوندي. پنھنجي اندرئي پاڻ کي ڳولھي لھڻو جو تہ هرڪو انسان، پنھنجي جيون جي معنيٰ پاڻ آهي، منزل پاڻ قصد بہ پاڻ ئي آهي. پنھنجي جيون جو ٻج بہ پاڻ آهي، وڻ بہ

کي ساڻو ڪري رهيا آهن. لفظن جي هن ٻوڏ ۾ مقدار معيار کي ٻرڪائي ويو آهي. لفظ ڏينهون ڏينهن ڀوءِ ويا آهن قداور ٿيندا ۽ ماڻهو انهن جي نسبت ۾ ويو آهي جامڙو ٿيندو.

اڄ جي ٻڌ جيوين جي ڪنڊيشنڊ ٿيل ذهن، هن انسانيءَ ڳراوٽ کي 'ترقي' 'اوسر' يا 'وڪاس' جهڙا نالا ڏيئي، ماڻهوءَ کي گمراهيءَ جي عالم ۾ قيد رکيو آهي. اهو پليءَ پيت محسوس ڪندي به ته انسان پنهنجي خود مختيار هستيءَ کي انهن مشيني اُپڪرمن وٽ گروي رکي ڏينهون ڀوءِ اُنهن جو عادي بڻجندو اُنهن جو محتاج ٿيندو ويو آهي.

اڄ جي انسان پنهنجي سِر جيئڻ بند ڪري، پنهنجي سوچڻ ويچارڻ، محسوس ڪرڻ، ڪلپنا ڪرڻ ۽ تخليق ڪرڻ جي سموري ڪارگذاري، پنهنجي رچنا ڪيل هن اليڪٽرانڪ ميڊيا جي سپرد ڪري ڇڏي آهي. شيءُ رچناڪار پنهنجيءَ هن رچنا جي سونهن سوڀيا تي هرکجي، هن جي موهه ۾ ڦاسي، ويو آهي هن جو غلام بڻجندو. سندس هن خوبصورت رچنا، نشيلي پدارٿن جيان، هن اندر هير پيدا ڪري کيس نستو، ڪمزور بڻائي ڇڏيو آهي. رچناڪار کان سندس رچنا جو قد بت وڌيڪ آهي اونچو ٿيندو ۽ هوُ اُن کي ئي سچ سمجهڻ لڳو آهي. هيءَ ٻولتي مشين نه هن کان ڪو سوال جواب ٿي ڪري، نه ئي ڳالهائڻ لاءِ آمده ڪري کيس ڪو رد قد ٿي ڏئي. هن سان گفتگو قائم ڪرڻ لاءِ لفظن جي چونڊ ڪرڻ جي ڪلا سکڻ جي به، هن کي ضرورت ڪانهي. هن کي بس موُڪ بڻجي، هن مشين جي هرڪا ڳالهه ٻڌڻي آهي ۽ اُن کي 'سچ' مڃي قبول ڪرڻو آهي.

# ڪرنڊڙ ديوارون

ين خبرن انوسار روس جي هڪ پرڳڻي 'لٿونيا' جي پارليامينٽ
وس کان ڌار ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي - اُتري بالٽڪ علائقي
ه لاڳيتا صوبا 'ايسٽونيا' ۽ 'لٽويا' جن کي سن ۱۹۴۰ ۾ ملٽري
روس ۾ شامل ڪيو ويو هو، اڄ هن سوويت سماجوادي جماعت
ڪرڻ لاءِ چٽپٽائي رهيا آهن.

ں جي چنبي مان پاڻ کي آزاد ڪرائڻ جي ساڳي جدوجهد ٽرانس
جي ڏاکڻي علائقن جارجيا، آرمينيا، آزربائيجان، ازبڪستان، ۽
ن ۾ جاري آهي. زارشاهيءَ اهي سرحدي، خود مختيار راڄ
هنجي سلطنت ۾ ايتري حد تائين جذب ڪري ڇڏيا آهن جو
اسڪولن ۾ ٻارن کي، اها به ڄاڻ ڪانه ڏني ويندي آهي، ته
چڻ کان اڳ سندن ملڪن کي پنهنجو به ڪو الڳ اتهاس هو.
پ ديس پنهنجي سڃاڻپ واپس حاصل ڪرڻ لاءِ سنگهرش ڪري
.

ٿڙائيءَ ۾ اوڀر ۽ اولهه جرمنيءَ کي جدا ڪندڙ برلن ديوار جي
شرط پولنڊ، هنگري، رومانيا، چيڪوسلوواڪيا ۽ بلگيريا جي
سرڪارين جي ڪرنڊڙ ديوارن جا ڦهڪا ٻڌڻ ۾ اچي رهيا آهن.
ن ۽ ڪيوبا جي مضبوط قلعن ۾ ڏارون صاف ڏسڻ ۾ اچي رهيون
ن راڄن جي عوام، چاليهن سالن ۾ پهريون ڀيرو ٺيڪ آزاد چونڊن
ي ووٽ جو حق بنان ڊپ ڏاوَ جي استعمال ڪري، ڪميونسٽ

پاڻ آهي، ڦل بہ پاڻ آهي، ۽ اُن جو چکيندڙ بہ پاڻ آهي. يعني پنهن
ڪارج جو ڪارڻ ۽ نتيجو هو خود آهي.

ائين هرڪو انسان پنهنجي پرايل درشٽيءَ (VISION) انو
پنهنجي جيون سرشٽيءَ جي رچنا پاڻ ڪريٿو. پنهنجي خلقيل ان شاهڪ
ڪلاڪرتيءَ ڪي پنهنجي ويچارن ۽ احساس جي رنگہ روغن سان سينگار
ٿو. ٻين سان بہ انهن جي سونهن سوڀيا شيئر ڪندي، اُن مان ذهني سڪو
جمالياتي حِظ ماڻيٿو.

هن زندگيءَ جو ڪو ارٿ آهي تہ اهو انسان پاڻ آهي. انسان ک
ٻاهر ٻيو ڪجهہ ڪينهي. جي آهي تہ اُهو مٿيا ڀرم آهي. اُن پٺيان ڊوڙ
مرگ ترشنا آهي.

رچنا-۴۷، (جولاءِ-سپٽمبر ۱۹۹۰

ڪ تي موهجي اُن کي ’ڌرتيءَ تي سرڳ‘ ۽ پارت کي اُن جي
رڳ سڏيو. ڪميونسٽ سرشتي جي ساراهه جون سرڪيون پريندي،
ٽ جي موجوده پارليامينٽري سرشتي کي خارج ڪري، هت بہ روس
ساميوداي سرشتو بحال ڪرڻ جو مشورو ڏنو.

ڪ روس ۽ چين جي مزورن ۽ ڪسانن اسٽالن ۽ مائوجي بندوقن
ي نگرانيءَ هيٺ، ڪارخانن ۽ کيتن جي پيداوار ٽيٽي چوٽي ڪري
ندن اَتي لٽي اِجهي جي جسماني ضرورتن جو مسئلو، سندن
يءَ سان گڏ ڪنهن حد تائين حل ڪري ڇڏيو. پر جيئن عام چوٽي
نسان رڳو روٽيءَ لاءِ نٿو جيئي. سندس آتمڪ بک جڙوادي خوراڪ
ڻ واري ناهي.

اشاهيءَ طرفان منظم افسر شاهي، ۽ نيتاشاهيءَ جي نردئي، سرد،
ه جي تيز روشنيءَ هيٺ ڏينهن رات پلجندڙ انسان، آهستي
پنهنجو اُمنگ، اُتساه، خانگيت، انفرادت ڪوهيندو موڳو، نستو،
بڻجندو ويو. هڪجهڙا ڪپڙا، هڪجهڙو کاڌو، هڪجهڙا مڪان،
سوچ ويچار، وهنوار ۽ تخليق، عام ماڻهوءَ کي هن وشال مشين
وار وذائڻ ۽ اجا وذائڻ واري هڪ ڪارائتي پرزي ۾ تبديل
يو.

ارل مارڪس جنهن ساميوادي سرشتي هيٺ ’اسٽيٽ‘ جي وِنڙجي
ڪلپنا ڪئي هئي، اڄ اها اسٽيٽ ڏينهون پوءِ وڌيڪ طاقتور
ڻجي، عام انسان جي ڪلهي تي سوار ٿي، ڪيس بي رحمي سان
ي آهي. ڪميونسٽ پرٽالي سيني انسانن جي برابريءَ جي جيڪا
ن هئي، ان جي اڄ پوري طرح اوگهڙ ٿي چُڪي آهي. هت بہ

پارٽيءَ جي هڪ هٽيءَ واري تاناشاهي حڪومت ڪي ٽڏي، ٽعڻ پارٽي وار
لوڪ شاهي تنتر جي اسٿاپنا ڪئي آهي.

انهن ملڪن جو عوام 'ڪميونسٽ' لفظ کان پوري طرح بدظن ٿي
چُڪو آهي. ايتري قدر جو ڏيهي ڪميونسٽ پارٽين، روس جي مرڪز
پارٽيءَ سان سنبنڌ ٽوڙي پنهنجو نالو بدلي، اليڪشن لڙي هٿي، پوءِ
کين ڏھ سيڪڙو ووٽ مس نصيب ٿيا. اهو نالو عوام کي اسٽالن جي حيوان
ڪارنامن جي ياد ٿو ڏياري، جيڪو هٽلر کي بہ شھ ڏيئي چُڪو هو. روس
جي موجوده صدر گوربچو انوسار اسٽالن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ هڪ کرو
چاليھ لک معصوم ديسواسين جو ڪوس ڪيو. روس سرڪار کي اڄ سرڪ
عام پولنڊ جي ماڻهن کان معافي وٺڻي پيئي جيئن تہ اسٽالن، شرڻ آي
سندن هزارن فوجي افسرن ۽ جوانن جو قتلي عام ڪري کين هڪ ئي شاهي
قبر ۾ پوري ڇڏيو ۽ انسانيت خلاف ڪيل ان اپراڌ کي نازين مٿا
مڙهي ڇڏيو.

اسٽالن ۽ هن کانپوءِ آيل تاناشاهيءَ جي وحشي ڪارنامن جو اه
اتهاس، بورس پاسترنڪ، اليگزينڊر سالزينسن ۽ ٻين ليکڪن پنهنج
ناولن ۾ سچائيءَ سان قلم بند ڪيو آهي. پر اهو سچ ڳالهائڻ لاءِ اُن وقت
جي ڪميونسٽ سرڪار هنن مٿان ملامت وڌي، کين سزا طور ديس نيڪالي
ڏني يا کين سڏارڻ لاءِ سائبيريا روانو ڪيو. اُن وقت جي ليکڪن، ڪلاڪارن
۽ ٻُڌ جيوين کي اهوئي سوچڻو، لکڻو، ڳالهائڻو يا تخليق ڪرڻو ٿي پيو جنهن
کي پارٽيءَ صحيح ٿي مڃيو.

سنڌي ليکڪن سميت ڀارت جي کن ليکڪن، ٻڌ جيوين جيڪي
روس جي مهماني قبولي سندن ملڪ گهمي آيا، انهن روس جي ٻاهرين

اها ’مان‘ ان ڪري عطا ٿيل آهي ته جيئن هو هن وهنواري دنيا
رستا ۽ بوريت کان مٿي اُپري غيردنيوي (آتمڪ) آنند ماڻي سگهي.

ڪومت جي هٿ ۾ جي حد کان وڌيڪ طاقت هوندي ته اُها ظلم،
ٻائيءَ کي جنم ڏيندي ۽ فرد جي اوسر ڪرڻ جو دڳ بند ڪري
. ان ڪري هر هڪ فرد کي، فردن جي جماعت کي، هر قدم تي
آزاديءَ لاءِ سنگهرش جاري رکڻ کپي. اسانکي اهو چٽيءَ طرح
ين ٿيڻ کپي ته سيني سوکيم ڪلائن لاءِ، اُن مان حاصل ٿيندڙ
حظ لاءِ: گيان وگيان، فلسوفي ۽ ٻين تمام تخليقي ڪارجن جي
س ۽ تازي هوا جو هئڻ لازمي شرط آهي.

ين ستر سالن دوران ڪميونسٽ سرشتي جي لوهي ديوارن اندر
گهٽ، ٻُوسات کي، مهاتما گانڌيءَ بعد هن صديءَ جي ٻئين يگ
مڇو محسوس ڪيو. هن پنهنجي ’گلاسنات‘ ۽ ’پريسترويڪا‘ ذريعي
ماج کي به ٻاهر جي کليل هوا ۽ روشنيءَ ۾ آندو آهي ۽ فرد جي
آزاديءَ جو حق تسليم ڪيو آهي.

ح اسان پليءَ پٽ ڄاتو آهي ته انسان بطور هڪ فرد جي ڪنهن
ايشور، ڌرم، مذهب يا ڪنهن آدرشي سماج جي مٿان بلي چاڙهڻ
ـه ٿيو آهي. اهي سڀ انسان جي پنهنجيءَ ’مان‘ جي نجي اوسر
ماتر آهن، پنهنجي سر اُهي منزل مقصد ناهن. ڪا منزل، مقصد،
لهه آهي ته اُهو انسان جي پنهنجي ’مان‘ آهي، جنهن کي پاڪ،
ايشوري مڃي، هر سنستا، ۽ سرشتي کي اُن جي عزت ڪرڻي آهي.
ت ۾ هن ڪميونسٽ سرشتي جيان اُن جو زوال لازمي آهي.

رچنا-۴۵، (جنوري-مارچ ۱۹۹۰)

۽ طبقا چٽا نظر اچن ٿا. هڪ حڪمران طبقو جنهن لاءِ عيش عشرت ج
سمورو سامان هڪيو تڪيو حاضر آهي، ٻيو محڪوم طبقو، جنهن کي روزمره
جي هر ضروري شيءِ لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ قطار ۾ بيهڻو پوي ٿو.

عوام جي قومي مليڪت جو در اُپيوگ ڪرڻ واري ڀرشٽاچار جا الزام
سيني ڪميونسٽ ملڪن جي حڪمرانن مٿان لڳايا ويا آهن. رومانيا جي
پريزيڊنٽ نڪولا سيوسيڪو (Causesco) پنهنجي رهائش لاءِ جيڪو هزارن
ڪمرن وارو عاليشان محلات اڏايو آهي، اهڙي اڏاوت جي ڪلپنا دنيا جي
ڪنهن ﺑﻪ زار يا مغل شهنشاهه ڪانه ڪئي هوندي.

مارڪس لينن جي هن ويچار ڌارا جي ڇيهون ڇيهون ٿيڻ جو مکيه
ڪارڻ آهي ته هنن انسان کي رڳو هڪ سرير سمجهڻ جي غلطي ڪئي.
پر سرير سان گڏ هر انسان وٽ پنهنجي هڪ مخصوص 'مان' ﺑﻪ آهي. اها
مان پنهنجو انساني مان مرتبو قائم رکندي، پاڻ بابت هرڪو فيصلو
پنهنجي سُو اڇا سان وٺڻ چاهيندي. پنهنجي لاءِ ڪنهن رچناتمڪ ڪارج
جي چونڊ ڪري، پنهنجي شخصيت کي ڪو پراءُ ڏيڻ چاهيندي. پنهنجي
زندگيءَ کي ڪا معنيٰ، ڪو ملهه پاڻ عطا ڪري، پنهنجو جيئڻ سارٿڪ
ڪرڻ چاهيندي. اهڙي تخليقي ڪارگذاريءَ لاءِ کيس سوچ ويچار، عمل ۽
اظهار جي مڪمل آزادي گهرجي.

هرڪو انسان جي پنهنجو سمورو وقت صرف پنهنجو پيٽ ڀرڻ لاءِ
يا پوليس ۽ قانون کان پاڻ بچائڻ لاءِ يا سماجي، سرڪاري ۽ قدرتي ڪوپن
کي منهن ڏيڻ لاءِ خرچ ڪري ڇڏي ته پوءِ کيس اُهو وقت ئي نه بچندو
جو هو پنهنجي سر ڪنهن ڪلاڪرتيءَ جي رچنا ڪري سگهي يا اُن جي
سونهن سوڀيا مان حاصل ٿيندڙ سُوندريه بوڌ جو انڀو ڪري سگهي. هرهڪ

ب آهي، هنن کي سقراط جيان زهر جو پيالو پيئڻو پيو آهي. منصور
يت جيان پنهنجي سر تان هٿ کڻڻو پيو آهي.

هبي پاڳلپڻي ۾ مبتلا شخص هميشه پنهنجي دين ايمان کي
پاڻ کان مختلف راءِ رکندڙن کي غلط قرار ڪري، هنن خلاف
ب باهه ڀڙڪائيندا رهيا آهن. اهڙن فرقيپرست مذهبي پيشوانن
ن معصوم انسانن جو ڪوس ڪري، هر ڪن، هر پل پنهنجي ايشور،
ست کي صليب تي چاڙهي، هن جي هٿن پيرن ۾ ڪوڪا پئي
ن.

ڙن هڪ ڌرمين لاءِ جيڪو ڪجهه سندن پاڪ انجيل، گيتا، ويد،
رج آهي، اُهوئي هڪ اڻ ٽر سچ آهي، برهم واڪ يا الهام آهي.
ه طرفان جاري ڪيل فرمان آهي. ائيون ڀوني اُن جي پوئواري
سندن ڌرم ايمان آهي. ڌرم مذهب جا هي ٺيڪيدار انهن خدائي
ي پيچڪڙي ڪندڙن جا هٿ پير وڍي، اکيون ڪڍي، يا زبان ڪپي
سندن ديني عدالت گئليلو جهڙن ڪافرن لاءِ موت جي سزا تسليم
چو ته هن پاڪ انجيل ۾ لکيل ان ايشوري قول کي ته 'سج ڌرتيءَ
رد ڦريٿو' کي ڪُوڙو ثابت ڪرڻ جي جرئت ڪئي ۽ 'ڌرتي سج
رد ڦريٿي' جهڙو ڪفر ٻوليو آهي.

د افسوس! وڳيان جي هن منطقي، عقل پرستيءَ واري يگ ۾ اڄا
ذات جو هڪ وڏو حصو پرمتڙيو ٻڻجي، انهن ملن مؤلين، پنڊتن
گرنٿين جي ڦهلايل اونده ۾ ٿاڦوڙا هڻي رهيو آهي. اڄ انسان
نجي انيو، آزمودي، تجربي، مان اهو بخوبي ڄاتو آهي ته نه

# سلمان روشدي بنام آيت الله ڪوماني

سلمان روشدي جي انگريزي ناول 'شيطاني آيتن' دُنيا ۾ هڪ زلزل
پيدا ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جا ڌوڏا اوڀر-اولهه جا سڀ ملڪ محسوس
ڪري رهيا آهن. ڀارت شروعات ڪئي، پوءِ ٻين به ڪيترن ئي ملڪن هن
ناول تي بندش وڌي آهي. ايران جي آيت الله ڪوماني ته ان جي ليک
جو سر وڍي آڻڻ واري کي هڪ ڪروڙ روپيا انعام آڇيو آهي.

پنهنجي ملڪ جي باشندي مٿان هن طرح هڪ غير ستاذاريءَ طرفان
مؤت جو حڪم جاري ڪرڻ واري هن وحشي ڪارنامي تي سخت اعتراض
وٺي انگلئنڊ، ايران سان پنهنجا ايلچي ناتا ٽوڙي ڇڏيا آهن. ڀارت ۽
پاڪستان ۾ ناول نويس خلاف مظاهرا ڪندڙ ڪيترائي شخص، پوليس جي
گولين جو شڪار ٿيا آهن.

هيءَ هولناڪ اُٿل پٿل ڏسي سلمان روشدي پاڻ به اهو افسوس ظاهر
ڪيو آهي ته هن اڻڄاڻائيءَ ۾ دنيا جي هڪ چوٿائي مسلم آدم جي جذبات
کي ڏکويو آهي، جن جو پنهنجي مذهب ۾ اڃا به پڪو ايمان آهي. جن
لاءِ قرآن جي هرڪا آيت الهام آهي. پنهنجي پيغمبر جي شان ۾ هڪ
به گٿو حرف ٻڌڻ هنن لاءِ ناگوار آهي. 'مذهب خطري ۾ آهي' جو سڏ
ٻڌي هو سڀ اڄ به جوشيلي جذبي وچان ڀڙڪو کائي، مرڻ مارڻ لاءِ تيار
ٿي ويندا آهن.

تاريخ شاهد آهي ته جن به دانشورن تعصب ۽ ڪٽرپڻي خلاف ٻڙڪ

تي آيت الله کوماني کي اهو حق ڪنهن ڏنو آهي جو سلمان
ي جان وڃڻ جي فتوا صادر ڪري؟ ڇا هو ڪو الله يا پيغمبر آهي؟

ءَ لڙائي ويچارن جي آهي ۽ اها ويچارن جي سطح تي ئي ڪُلئي
حثي ذريعي فيصل ٿيڻ گهرجي. اهو تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو
سان کي پنهنجا ويچار بي ڊپائيءَ سان اظهارڻ جي مڪمل آزادي
ي. اوائل ڪان اها 'سچ' ۽ 'ڪوڙ' جي 'سنائي' ۽ 'بڇڙائي' جي
ب رهي آهي.

مذهبي پيشوا سچ چوندڙن جي جسم کي ته بيشڪ ڦاسيءَ تي
گهن ٿا، پر سچ کي سوري چاڙهڻ سندن وس کان ٻاهر آهي.
ڪار ۽ مفڪر سڀ باغي آهن. هو وهمن، ڀرمن ۽ بهتانن جا ويري
علمبردار آهن - هو هر مظلوم جا حمايتي، ظالمن جا مخالفتي
، قلعي کوليندڙ رهيا آهن.

حق حق - دم دم - حق ئي ٻول
شاعر! ڪوڙ جي قلعي کول!
وهمن ساڻ نه دل ڀرماءِ!
شيام حياتيءَ جو سچ ڳول!

رچنا- ۴۱، (جنوري-مارچ ۱۹۸۹)

رڳو اهي ڌرم گرنٿ انسان جي پنهنجي تخليق آهن، بلڪ خود خدا
تصور به سندس ئي ڪلپنا جي پيدائش آهي. ۽ 'سچ' هڪ هنڌ بيٺل پاڻي
جو بدبودار ڍيو ناهي، بلڪ زمان ۽ مَڪان جي وهندڙ درياهه جو تازو شفاف
پاڻي آهي.

انسان سان گڏ انسان جي اوسي پاسي جي دنيا، هر ڪن، هر پل
هڪ ٻئي تي عمل - رد عمل ڪندي بدلجندي ٿي رهي. انساني زندگي
جا ماڻ ماپا، ملهه به ان ڪري رواني‌ءَ (Flux) ۾ آهن. انسان پنهنجي اُسرندڙ
چيتنا ۽ بدلجندڙ ملهن انوسار مدي خارج ريتين رسمن، روايتن مان پاڻ
آجا ڪندو ۽ نت نيم نين روايتن جي رچنا ڪندو ٿو هلي. ڪالهه جيڪا
ڪيس سچ نظر آيو اڄ اُهو ڪُوڙ ٿو ڀاسي. مثال طور عورت کي ڪالهه تائين
مرد جي زيردست، ٻانهي، ٻار ڄڻڻ ۽ پالڻ جي مشين ٿئي مڃيو ويو. ا
هوءَ مرد ڪان برابريءَ جو حق ٿي طلبي. اڄ انسان - انسان جي وچ
گهٽ ۾ گهٽ سڌانت طور، مالڪ - غلام، برهمڻ - شودر، گوري - ڪاري
پرش - استري، هندو - مسلمان، جي وچ وارو ويڇو ختم ٿي ويو آهي
سيني کي هڪ ئي اُپائڻهار پيدا ڪيو آهي. پنهنجي ڌرم، ذات، رنگ
درجي، عهدي، نسل يا دنيوي حيثيت سبب نه ڪو اوچ آهي، نه ڪو نيچ
هر ڪنهن کي انساني مان مرتبي سان جيئڻ جو سمان اڌڪار حاصل آهي
'تون به رهه - مان به رهان' جي صحتمند نظريي ۾ ئي امن انصاف جو
اُصول سمايل آهي. ڪنهن به انسان کي پاڻ کي صحيح/طاقتور، ٻئي کي
غلط/ضعيف مڃي، هن جو حق کسڻ جو ڪو اڌڪار ڪونهي.

ديش جو قانون به انسان کي سڌارڻ ۽ بهتر بڻائڻ بجاءِ جي ڪيس
موت جي سزا ڏئيٿو ته اهو پاڻ به ساڳي جرم ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهي. پ

ڻ کان پاڻ کي آجو ڪري، پنهنجي راضي خوشيءَ سان پنهنجو
وبہ تخليقي ڪارج پاڻ تي هموار ڪري، اُن مان ذهني سڪون
ن طرح پنهنجي حاصل ڪيل آزاديءَ جو سد اُپيوگ ڪريٿو.

م انسان کي دنيوي مهت آڪانڪائن جي مرگ ترشنا پٺيان ڊوڙڻ
هيٺنا جو احساس ڪرائيٿو ۽ هن جي چت ورتيءَ کي 'ٻاهر' مان
ندر' طرف موڙيٿو. انسان جي سچائيءَ جو مرڪز سندس پنهنجو
خص آهي. پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي، پنهنجي ان داخلي
کي سڃاڻڻ ئي پنهنجي آتم/ايشور/برهم سان ساڪياتڪار
ي.

اُن ايشور جو مؤت ٿي چڪو آهي جنهن وئڪنٺ ڌام ۾ براجمان
ن جي پاپ ۽ پُن کي تارازيءَ ۾ توري ڪيس نرڳ يا سرڳ اُماڻيو
ايشور اُن پريپورڻتا، تال ميل يا چيتنا کي چيو ٿو وڃي، جيڪو
پنهنجي اندر مان پاڻ اُپارڻو آهي. پنهنجي ان آتم جي تلاش
ڪرڻي آهي. سندس اها حاصلات ئي کيس هن سرشٽيءَ جي
ن ۾ پنهنجي سارٿڪتا جو انڀو ڪرائيٿي.

ڙو مڪت انسان نہ رڳو پنهنجي هرهڪ شخصي ڪارگذاريءَ لاءِ
ري انسان ذات لاءِ پنهنجي جوابداري محسوس ڪريٿو، ڇو تہ
آرگئنڪ سرير (Macrocosm) جو هڪ نہ جدا ٿي سگهندڙ انگ
(Mi آهي. هو ٻين کي ٻڪيو رکي پنهنجو پيٽ پري نٿو سگهي. ٻين
ڳاريندو ڏسي تهڪ ڏيئي کلي نٿو سگهي. ٻين کي غلاميءَ جي
پيڙجندو ڏسي، پاڻ مُڪت ساهہ کڻي نٿو سگهي. هن جو پنهنجو

# ڌرم - وگيان - ڪلا

## ڌرم

منهنجو ڌرم ئي هڪ سچو ڌرم آهي. ايشور پراپتيءَ جو اهو ئي هڪ واحد ذريعو آهي. تنهنجو ڌرم، ڌرم ناهي، ڪفر آهي، شيطاني مارگ آهي. اوائل کان هرهڪ ڌرم پاڻ کي بهتر، ٻئي کي بدتر ثابت ڪندي ڌرم جي نالي ڏڪار ڦهلائي آهي. معصوم انسانن جي خون ۾ هٿ رڱي ڌرم بجاءِ اڌرم جو پئي پرچار ڪيو آهي. انهن ڌرمي سنستائن طرفان جيترو ڪوڙ جو پرچار وڌو، اوترو ئي انسان جي پيڙ جو انهن ۾ ويساهه وڌيڪ نتيجي طور پرمتڙيي انسان، جپ تپ، پوڄا پاٺ، روزن نمازن جهڙين ڪريائن ۽ جٽيي چوٽي، ڪيش ڪرپاڻ، ڏاڙهي ڦُهر جهڙين سڃاڻپ جي نشانين کي ئي ڌرم مڃي، انهن جي انڌي پوئلڳي ڪئي آهي

ڌرم دراصل ماڻهوءَ جي نجي احساس، سوچ ۽ عمل جي اها پرڪريا آهي، جيڪا هن جي اندرين اوسر ڪري کيس حيوان مان انسان جي مٿانهين درجي تي پهچائي، کيس ٻين سان ساز سلوڪت ۾ گڏجي رهڻ تي سيکاري.

ڌرم جو ان ڪري هڪ ئي اُديش آهي تہ انسان مُڪمل آزادي حاصل ڪري، پنهنجي حياتي ڀرپور نموني جيئي. اهڙو موڪش يا نرواڻ، انسان جي پورڻتا جي اُها اُتاهين اسٿتي آهي، جتي هو ٻين جي استعمال جي

ي سگهي. انهن مشينن اڻ ميو ڏن پدارٿ ميسر ڪري ڏيڻ سان
کي چيلهه ڀڄندڙ بدني پورهئي جي غلاميءَ مان آزاد ڪري،
مرتبي واري زندگي عطا ڪرڻ جي هام هنئي.

جيان ائين وگيان جا به ارادا نيڪ هئا. اُن به انسان کي سندس
جي بندڻن مان مڪت ڪرڻ ٿي چاهيو، جيئن هو پنهنجو سمورو
نون پنهنجي چاهيل ڪنهن تخليقي ڪارج بلي خرچ ڪري،
شخص جي اوسر ڪري سگهي ۽ ڪجهه اهڙو اديت، آتينتڪ خلقي
سمايل سندس 'مان پڻي' (آتم) جو عڪس نظر اچي.

گيان مان به انسان جون اهي مرادون برثواب نه ٿيون. ڌرم جيان
ان لاءِ نعمت بڻجڻ بجاءِ هڪ پاراتو ئي ثابت ٿيو. جن مشينن
سريري پورهيو گهٽائي، هن کي آزاد ڪرڻ جي هام هنئي، انهن
پنهنجو غلام بڻائي، هن جي انفراديت کسي کيس پاڻ جهڙي
هيڻ مشين بڻائي ڇڏيو. اڄ هو پنهنجي حياتي پنهنجي چاهيل
رڻ کان محروم ٿي، راڄ ۽ سماج جي سرشتن کي گهلڻ وارو
نو ڍور ڍڳو (يا مشين) بڻجي ويو آهي.

انهن ائٽم بمن جي ايجاد انسان کي وناش جي ڪگار تي آڻي
ي، سندس صفحي هستيءَ تان مٽجي وڃڻ جو خطرو اڄ ساپيا
رهيو آهي. وگيان انسان کي ويري واتاورڻ جي بي رحميءَ کان
سگهيو، پر کيس پنهنجي سڀاوَ جي ڪميٽائپ مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ
هيو. اڄ ڏينهون پوءِ انسان جي وڌندڙ سوارٿ، لالچ ۽ نفرت جا
ٿان حاوي ٿي، کيس دنيا جي تباهي آڻڻ لاءِ پڙڪائي رهيا آهن.

موڪش ٻين جي موڪش ۾ سمايل آهي. پراڻي ماتر لاءِ پنهنجي جوابدار
محسوس ڪندڙ اهو چيتن شيل شخص وناش جو نہ، بلڪ وڪاس جو قد
اپنائيندو. جو نہ ڪيس اها ڄاڻ پئجي چڪي آهي تہ سندس ورتل هرهڪ
فيصلي مان ولوڙجي نڪتل امرت يا زهر انسان جي هاٺوڪين خواہ ايند
پيڙهين کي چکڻو پوندو.

ليڪن اڄ جي هالو چالو ڌرمن، گيان جي اها روشني ڦهلائڻ بجا
عام ماڻهن کي اگيان جي اونڌہ ۾ اُڇليو آهي. مذي خارج ريتين رسم
۽ روايتن کي ئي ڌرم مڃي، انهن جي رکيا لاءِ ماڻهوءَ کي ڪٽر تعصب
بڻائي، هن جي هٿ ۾ مشين گن ڏيئي، پنهنجي مخالفتين جو قتل
عام پئي ڪرايو آهي. پنهنجي نجي احساس، سوچ، ويچار ۽ انيو تي ڀاڙ
بجاءِ، اڄ جو انسان پيڙ جي ڪنڊيشنڊ اوسنا ۾ گيتا، قران، بائيبل يا داس
ڪئپيٽال جي هرهڪ واڪ کي برهم واڪ مڃي، هڪ ئي گنل پيتل ليڪ
تي، انهن ڌرمي ويوسٿائن (سياسي سرشتن) طرفان هڪليو پئي ويو آهي.

# وگيان

انسان جي مڪمل آزاديءَ لاءِ ڌرم جتي هن جي اندروني اوس
(روحانيت) تي زور پئي ڏنو، اُتي وگيان انسان جي ٻاهرين اوسر (ماديت
کي ترجيح ڏني. وگيان نہ رڳو قدرت طرفان نازل ٿيندڙ آپدائن کي منهن
ڏنو، بلڪ قدرتي طاقتن کي پنهنجي وس ۾ ڪري، اُنهن جو انسان جي
سک سهنج لاءِ استعمال ڪيو. طرح طرح جي مشينن جي ايجاد پيداوار جي
وسيلن جو تڪڙو وڪاس ڪيو، جيئن انسان غريبي ۽ بک مري مان نجات

جن ڪلا سان رشتو جوڙيو آهي، پيا جيڪي اُن ڪان پري رهجي

ي رهيو سوال تہ ڇا هن زندگيءَ ۾ انسان لاءِ مڪمل آزادي ماڻڻ
ي؟ يا ڇا هيءَ زندگي قدرن کان خالي، ارٿ هيڻ آهي.

ڪ انساني وجود اتفاقي، عارضي ۽ ڪوس گهر طرف هڪلجندڙ
ين جيان پاڪاريندڙ بيوس ۽ پروس آهي. پوءِ بہ بيٿووين جهڙن
هن انساني نصيب کي نڙيءَ کان جهلي، پاڻ تي حاوي نہ ٿيڻ
ي رکڻ جي دعوا ڪئي آهي. يا هيمنگوي جي ناول 'اولڊمئن ائنڊ
ي ڪردار سانتياگو جيان انسان مري مٽجڻ قبوليو آهي پر هار
آهي.

'A man Can be destroyed but not defeated!'

رچنا-٣٨، (اپريل-جون ١٩٨٨)

# ڪلا

انساني سڀاوَ ۾ ڦيرو آڻڻ ۾ جتي ڌرم ۽ وگيان هيل تائين ناڪاميا
رهيا آهن، اُتي ڪلا اها جوابداري بخوبي نباهي سگهي ٿي.

ڪلا، جنهن ۾ ساهت، سنگيت، ناٽڪ، نرتيه، چترڪاري، سنگتراش
۽ ٻيا لطيف فن شامل آهن، انسان جي انفرادي سطح تي، ۽ سماج ج
اجتماعي سطح تي اوسر ڪري سگهي ٿي. انسان جي اندر ۾ ساچه
سُوجهي پيدا ڪري اها هن لاءِ گهربل سازگار ماحول خلقي سگهي ٿي. پرپ
زندگي جيئڻ لاءِ ڪلا، ڌرم ۽ وگيان جي ٻن ڪنارن مٿان پُل بڻجي، اُنه
جو ٻه هن جي ڀلائي ۽ بهبوديءَ لاءِ سد اُپيوگ ڪري سگهي ٿي. اڄ ا
چڱيءَ طرح پروڙيو ويو آهي ته انسان کي پنهنجي وجود جي رکيا ۽ اوس
لاءِ ڪلا کي پنهنجي جيون جو لازمي حصو بڻائڻو آهي. اُها اڃا تائين انسان
زندگيءَ جو اٽوٽ انگ نه بڻي آهي.

انساني وجود جي سالميت جو ضامن اڄ سياستدان، وگياني يا ڪ
ڌرم گرو ناهي، بلڪ ڪلاڪار آهي. هُو ئي سموري انسان ذات جو ضمي
آهي. ڪلاڪار ئي آهي جيڪو انسان جي اندر ۾ احساس، سوچ ويچار
سوجهي پيدا ڪري کيس ’سچ‘ ’سونهن‘ ۽ ’سٺائي‘ طرف مائل ڪريڻو
ڀرپور نموني جيئڻ جو ڏانو سيکاريندو.

ڪلا انسان جي سڀاوَ (منورتي ۽ وهنوار) ۾ ڪهڙو ڦيرو آڻي ٿي سگهي
اهو اسين ڪن ٻن انسانن يا ٻن جاتين جي ڀيٽ ڪندي پرتڪه ڏسي سگهو

تي، پنهنجي علمي ڪاريگريءَ جي چترائيءَ سان پنهنجي
ڪ محل ٺڙا ڪري، پاڻ کي انهن اندر باندي بڻائي رکيو آهي.
جي برعڪس تخليقي اديب ۽ فنڪار، قبر مان ڪوٺي ڪڍيل سچن
تي ٻوٽڻ بجاءِ، پنهنجي سر، پنهنجي انيو جي تنڪالينتا مان
جيئري جاڳندڙ سچ کي پنهنجي ڪک مان جنم ڏيندا آهن.
حاصل ٿيندڙ ساڄد ۽ سوجهي سندن چهري کي آڪار عطا ڪندي
پنهنجو اصلوڪو عڪس پنهنجي رچيل ڪلا جي آئيني ۾ اُپرندو
ن.

رچنا-٣٦، (آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٨٧)

# اميج جي غلامي

انسان ٻوليءَ جي ايجاد پاڻ اظهارڻ لاءِ ڪئي، پر اڄ جو بي حس
مشيني انسان اُن جو استعمال پاڻ لڪائڻ لاءِ ڪري رهيو آهي.

ساڳي طرح انسان پنهنجي چهري جو هوبهو عڪس پنهنجي رچيل
سوڪيم ڪلائن جي آئيني ۾ ڏسي سگهيو ٿئي، پر اڄ جو بهروپي انسان
تخليقي ڪارگذاريءَ ذريعي پنهنجو چهرو پاڻ گهڙڻ تراشڻ بجاءِ، بازار
مان مڇن ڏاڙهيءَ سميت، ريڊي ميڊ ميڪ اَپ وارا (ڪلاڪاري، مفڪري
ايشوري اميج خريد ڪري) پنهنجي چهري تي چنبڙائي ڇڏيتو ۽ سڄي
عمر غلامن جيان هو پنهنجي وٽ ڪان وڌي ان اميج جو بوجو ڍوئيندو رهيتو

اڄ اهڙن نقلي انسانن جا اصلوڪا چهرا، سندن آئينن مان گم ٿي
ويا آهن. اهي شخص پنهنجو پاڻ کان ڇڏائجي ويا آهن. هو ڇا آهن
ڇو آهن، ڇا ٿي سگهن ٿا. ان جو ڪين علم ڪونهي. پنهنجي ڇپن تي
زوريءَ آندل مشڪ (۽ ٽهڪ) سندن آتم جو موت منائيندي نظر ٿي اچي

سياسي نيتائن طرفان پنهنجي چهري جا رنگ روز مٽائڻ جي پيشيور
ضرورت ڪي ته سمجهي سگهجيتو، ليڪن ارمان پاڻ کي بڌ جيوي سڏائيندڙ
ليکڪن، ڪلاڪارن تي اچيتو، جيڪي پنهنجي منهن تي مڃيل وادن
طئه شده فلسفن ۽ اُڌارن ويچارن جا رنگبرنگي مکوٽا چاڙهي، انهن جي
خوبصورتيءَ تي پاڻ ئي موهت ٿي، ٻاروهي Self Hypnotism جي اوسٿا
۾ مخمور رهن ٿا. اهڙن گمراهه ليکڪن، ڪلاڪارن، زندگيءَ جي سچائي

پيدا ٿيندڙ ھنسا کان آجا آھن.

ن بہ رڳو، مان بہ رڳو ان' جو اُنھن وٽ وشال ھردو آھي. قرباني ۽
آھي اُنھن وٽ. پنھنجي وات مان گرھ ڪڍي، ٻئي جو پيٽ
ي خوشي ٿا حاصل ڪن. انھن وٽ اھو 'منھنجو' ۽ 'تنھنجو'
ناھي. جتي اھم آھي، آپو آھي، 'مان' ۽ 'منھنجو' آھي، خودي
سي آھي، اُتي پيار ڪڏھن بہ پير نٿو پائي.

ديءَ جيان پيار جو جذبو بہ ڪنھن دوڪان جي تاڪ تي رکيل
ڪونھي، جيڪو ماڻھوءَ کي گھرجي اچڻو آھي يا ڏيڙ ڏوئنس سان
ريءَ قبضو ڪرڻو آھي. پيار کي حاصل ڪرڻ لاءِ ھرڪنھن کي
سر اُن جي ڀوڪ ڪرڻي آھي.

اڄ جي انسان محبت کي طلاق ڏيئي، نفرت سان لائون لڌيون
جي جڳھ ھو جتي ڪٿي، پنھنجي سوارٿ خودغرضيءَ جو بڄ
شغول آھي. ٻين جي وات مان گرھ کسي، پنھنجو پيٽ پرڻ جي
رذل آھي. خود غرضي ھن جو نئون مذھب آھي. ھن پاڻ کي
ان، برھمڻ اڇوت، غريب شاھوڪار، اڇي ڪاري، مرد عورت جي
ابرابريءَ وارن خانن ۾ وراھي، پنھنجي چوطرف ديوارون کڙيون
کي صفا الڳ ٿلڳ ڪري ڇڏيو آھي. پنھنجي خيالي گناھن جي
يٺ دبجي ويل، پنھنجي ئي پاڇي کان ڊڄندڙ، اڄ جي شخص
کي نرڳ بڻائي ڇڏيو آھي.

نرڳ مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ انسان کي پنھنجي سرئي
ڪرڻي پوندي، پنھنجي منورتيءَ ۾ ڦيرو آڻڻو پوندو. ٻيو ڪوبہ
شور يا خدا سندس مدد لاءِ ڪجھ اچڻو ناھي.

رچنا-٢٦، (اپريل -جون ١٩٨٠)

# انساني رشتا ناتا

سارتر چويٿو ٻيا ماڻھو نرڳ آھن. اسين چئون ٿا تہ اھي سرڳ ٿ
سگھن ٿا. ھن ڌرتيءَ تي سرڳ نرڳ جو خلقيندڙ انسان پاڻ آھي. انسا
جي انسان سان من محبت، ساز سلوڪ، ھڪ ٻئي کي سُري پري ج
ڏيڻ وارو ايڪتا پائيچاري جو سنبنڌ، سنسار جي سڀ کان وڏيڪ ملھائت
معنيٰ خيز وسنو آھي. ھن دُنيا ۾ اُھوئي شاھوڪار ۾ شاھوڪار شخص آھي
جنھن کي ڪنھن جو پيار حاصل آھي. جنھن کي ڪنھنجو پيار حاص
ناھي، اُھو لکن ڪروڙن جي ملڪيت ھوندي بہ، ھن دنيا جو ڪنگال
ڪنگال شخص آھي.

انسان جو انسان سان اھڙو پيار محبت خلوص وارو سنبنڌ تڏھن ٿ
قائم ٿئي، جڏھن اُنھن جون دليون ڪنھن بہ قسم جي سوارٿ جي پاڻ
يعني پنھنجي شخصي فائدي لاءِ ٻئي کي استعمال ڪرڻ جي غليظ منورتي
کان مڪت آھن.

دوستي تڏھن دوستي، پيار تڏھن ئي پيار ٿو سڏجي، جڏھن اھي
خود غرضيءَ کان آجا آھن. انھن ۾ ڪنھن بہ قسم جي ننڍوڏائيءَ جو ويڇ
ڪونھي. اُھي ھڪ ٻئي کي پورو آدرسنمان ڏيندي، برابريءَ جي سطح
تي بيٺل آھن ۽ ھڪ ٻئي جي الڳ الڳ اپنايل مھتائن، وشواسن
ويچارڌارائن جو پورو پورو قدر ڪن ٿا. پنھنجي آزاديءَ سان گڏ ٻئي جي
آزادي بہ تسليم ڪن ٿا. پاڻ کي درست ۽ ٻئي کي غلط ھئڻ جي فتو
نٿا ڏين. بلڪ بردباريءَ سان ھڪ ٻئي جي فقط نگاھ کي پوري طرح سمجھڻ
جي صلاحيت رکن ٿا. اتفاق ھئڻ جي صورتحال ۾ ھڪ ٻئي سان ڪ
ويرورڌ، دشمني، بغض، نفرت نٿا پالين. اھي رشتا ناتا تعصب، تنگدلي

ي اسانجي سنڌڙيءَ جو مان مٿي ڪيو آهي.

ت پرک يا سنت ڪير آهي؟ اهو نہ ڪداچت ناهي جنهن ڪُوڙ
سان مال متاع ميڙيو آهي. اهو بہ ناهي جيڪو گيڙو وستر ڌارڻ
ندگا ڪناري تي ويهي جپ تپ ٿو ڪري، يا مندر مسجد، مڙهيون
و پيتي، يا دان پُن جو ڏيکاءُ ڪري، پاڻ کي ڌرماتما ٿو سڏائي.
و آهي جنهن جي اندر ۾ منش جاتيءَ جي ڪلياڻ لاءِ ڪانہ ڪا
ار آهي، جنهن لاءِ هو پنهنجو سمورو تن من ڌن ارپڻ ٿو ڪري.
موت ۾ ڪيس هڪ ئي اُجورو موڪش جو، بنان گهرڻ جي پاڻمرادو
ٿئي. موڪش جي معنيٰ آهي موهہ جو ڪٽڻ، انت يا ناس ٿيڻ. من
ي اچاڻ واري ورتي پيدا ٿيڻ سان سنت پرک جو پوءِ دنيوي راڄ
ن دؤلت، گلا نيڪيءَ ۾ ڪو موهہ نٿو رهي. هو مڪمل طور سنساري
ڪان آزاد ٿي، خود مختياريءَ جي اُتاهين من استتيءَ کي

برٽ سنت 'ڪنور' ڪتاب ۾ نيڪ ئي ٿو چوي تہ 'موڪش هڪ
ي ۽ نہ ماڳ'. اها ورتي پاڻ اگيان کي اُتم ڪاريہ رکڻ سان اُتپن
. ماڻهو جيئن اهڙي اعليٰ مقصد جي سرانجاميءَ ۾ مشغول ٿي
بئن پنهنجي وجود جي سمڪ نہ رهندس. هو ازخود آپي جي بنڌن
ٿي ويندو. ان ڪري اُهو ئي سنت آهي، جنهن پاڻ وساري پاڻ
، يا پاڻ کي اُتم ڪاريہ بلي ارپي، وشال جڳت جي وهڪري ۾
ڏيو آهي. ائين ڪرڻ سان نرمل جوت جو پاتر بڻيو آهي.

نڌ جي اتهاس تي نظرثاني ڪندي، اسان کي اهڙا ڪيئي ست

# سنڌ جون اعليٰ شخصيتون

شاهه ڀٽائيءَ جو قول آهي

جان جيئين تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،
تنيءَ ٿڌيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي.

شاهه صاحب جو مٿيون قول پاڙي، سنڌ جي انيڪ مدبر هستين سچ جيان پاڻ جلي، ٻين جو ڏگ روشن ڪيو آهي ۽ زندگيءَ جي معنيٰ کي تتي ٿڌي پنڌ ڪرڻ مهي، ٻين لاءِ پيچرو ٺاهيو آهي.

جيئن بينگالي قوم جي سڃاڻپ راجا رام موهن راءِ، ايشور چندر وديا ساگر، ڪيشب چندرسين، رام ڪرشن پرم هنس، سوامي ووڪانند، بنڪم، ٽئگور، شرت جهڙيون اعليٰ هستيون آهن، ساڳيءَ طرح سنڌي جاتيءَ جي سڃاڻپ شاهه، سچل، سامي، ڏيارام گدومل، ڪوڙومل چندن مل، مرزاقليچ بيگ، پرمانند ميوارام، سادو هيرانند، سادو واسواڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڪشنچند بيوس، ڀيرومل مهرچند ۽ جيٺمل پرسرام جهڙيون مدبر شخصيتون آهن. اهڙين شخصيتن کي سڃاڻڻ سان ئي اسين پاڻ کي سڃاڻي سگهون ٿا.

سنڌ جا ڪي ڏنڌوڙي ماڻهو جتي گيدي ڊرپوڪ ثابت ٿيا آهن، اُتي هنن ست پرکن پنهنجي اوسر ڪيل انساني وصفن جهڙوڪ نمرتا، نوڙت، علم عمل، تياڳ، وئراڳ، سچائيءَ ۽ سڳاهيءَ سان عوام جي نسوارت

# تهذيب چاهي؟

ڪ سال اڳ هڪ قربانيءَ پيءُ پنهنجي ڏهن سالن جي ڌيءَ کي
ڪا دلڪش خط لکيا. انهن خطن ۾ هن ڪيس هن ڌرتيءَ تي رهندڙ
نتن سان گڏ انساني زندگيءَ جي به ڄاڻ ڏني. اهو پيءُ هو جواهرلعل
ڌيءَ هئي اندرا گانڌي. انهن خطن مان هڪ هت ڏجيٿو.

مان توکي اڄ ٿورو گهڻو اوائلي تهذيبن بابت ٻڌايانٿو. پر ان کان
ذيب ڇا کي چئبو ٿو وچي، ان بابت به ٿوري ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ضروري
ڪشنريءَ ۾ 'سڀيه بنائڻ' جي معنيٰ ڏنل هوندي آهي 'بهتر بڻائڻ،
رڻ! جهنگلي عادتن کان پالند آجا ڪرائي، انسان کي ماڻهو بڻائڻ.
سجڻ جو اهو لفظ خاص طور سماج يا ماڻهن جي گروهه لاءِ ڪتب ايندو
نسانن جي اڻ گهڙيل اوستا کي، جڏهن هو جهنگلي جانورن کان
هوندا آهن، 'وحشيپڻو' چئجيٿو.

وحشيپڻي جي اُبتڙ اوستا کي اسين چئون ٿا 'تهذيب'. وحشيپڻي
سين جيترو پنتي ڇڏيندا ويندا سين، اوترو وڌيڪ تهذيب
ڏباسين.

ر اها ڄاڻ ڪيئن پوي ته فلاڻو انسان يا سماج وحشي آهي يا سڀيه؟
جا گهڻا ماڻهو سمجهندا آهن ته هو وڌيڪ تهذيب يافته آهن، ايشيا
ڪا جا ماڻهو وحشي آهن. ڇا اهو ان ڪري سمجهندا آهن جو يوروپ
هو ايشيائي ۽ آفريڪائي ماڻهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وستر پهريندا

پرکه نظر اچن ٿا جن جي اها موکهه‌رتي ڳل جي سرهاڻ سان اچ به اسانجي دل ۽ دماغ کي معطر ڪريٿي ۽ اسانکي بهتر انسان بڻجڻ جي پريرڻا ڏئيٿي انهن پرکن پنهنجي مِٽيءَ جي مُنڊ کي تارن جهڙو تجليدار ۽ سوريه جهڙو تيجسوي بڻايو آهي. ڌرم مذهب جي قيد کان آجا، اُفق تي چمڪندڙ اهي ست پرکه، اسانجي سنڌي ڪلچر جا روشن منار آهن.

نئين ٽهيءَ جي سنڌي ليکڪن، ودوانن ۽ ڪلاڪارن کي پنهنجي ثقافتي ورثي کان روشناس ڪرائڻ لاءِ، جيئن هو به سندن جيون مان پريرڻا حاصل ڪري، پنهنجي اندر جو ڏيئو جلائي، پنهنجي حياتيءَ کي معنيٰ خيز بڻائي سگهن، اسان 'رچنا' ۾ پنهنجي انهن اعليٰ شخصيتن جو سربستو احوال ڏيڻ جو هيءُ سلسلو جاري ڪيو آهي.

بيشڪ اڄ انساني اعليٰ قدرن جو سج است ٿي ويو آهي. ٽئگور جي هڪ ڪوتا ۾ اهو است ٿيندڙ سج، شوڪارا ڀري ڏک ظاهر ڪريٿو، ته منهنجي اُجتامي وڃڻ بعد هن جڳت کي ڪير روشن رکندو؟ چئوطرف اونداهه انڌڪار ڇائنجي ويندو! تڏهن هڪ ننڍڙو ڏيئو هٿ ٻڌي کيس عرض ڪريٿو. هي سوريه ديو! مان برابر توهان سان سينو ساهي نه سگهندس، پر به پنهنجي وت آهر ٿوري روشني قائم رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندس.

اچو ته اسين سڀ سنڌي ليکڪ، ودوان، ڪلاڪار پاڻ کان وڏيڪ پنهنجي ڪاريه کي ترجيح ڏيئي، سنڌي جاتي، ٻولي ۽ ساهت جا اهڙا روشن ڏيئا بڻجون!

(رچنا-٢٥، (جنوري -مارچ ١٩٨٥

ن ٿا، اهو ڪيڏو نه وڏو چسپائيءَ وارو ڪارنامو ليکبو؟ اها حرڪت
هن جهنگل ۾ ٻن وحشين جي پاڻ ۾ وڙهڻ جهڙي آهي. جڏهن
هن جهنگلين کي وحشي سڏيون ٿا ته پوءِ جيڪي ملڪ پاڻ ۾ ان
هن ٿا، اُهي ڪيڏا نه وڏا وحشي چئبا؟

ن ڪري هن سوال تي جي تون ان نقط نگاهه کان غور ڪنديءَ ته
محسوس ڪنديءَ ته هن معاياري لڙائيءَ ۾ جيڪي به ملڪ انگلنڊ،
فرانس، اٽلي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا، انهن کي قطعي تهذيب يافته سڏي
جي. پوءِ به توکي خبر آهي انهن ملڪن ۾ ڪيتريون ئي اديت
يون مؤجود آهن ۽ ڪيترائي زيبائتا حساس دل ماڻهو رهن ٿا.

ون برابر آهين جي ائين چئين ته تهذيب ڇاکي ٿو چئجي، اهو
ڻ ڏکيو آهي. سچ پچ ئي اهو هڪ پيچيدو سوال آهي. سهڻيون
اڏاوتون، نزاڪت وارا چتر، انمول ڪتاب ۽ تمام سوڀياوان تخليقون
تهذيب جون علامتون آهن. پر انهن کان به بهتر تهذيب جي علامت
نسان جو خود غرضيءَ کان خالي هئڻ ۽ ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ هروقت
ندو رهڻ. گڏجي ڪم ڪرڻ، اڪيلي سر ڪم ڪرڻ کان بهتر آهي.
جي ڀلائي ۽ بهبوديءَ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ ته ان کان به صدبار
تي.

ج ان ڌيءَ (اندرا گانڌيءَ) جي هن وحشي طرح قتل ٿي وڃڻ تي
واهرلال نهروءَ) جي خط ۾ تهذيب نسبت اُٿاريل اِهي سوال نئين
جي سامهون شدت سان اُڀري آيا آهن.

رچنا-٢٣، (جولاءِ-سپٽمبر ١٩٨٤)

آهن؟ ليڪن وستر پهرڻ جو دارومدار تہ موسم تي آهي. ٿڌي موسم ۾ سياڻيڪ ماڻهو گرم موسم کان وڌيڪ وستر پهريندو. يا هو ائين سمجهندا هجن تہ جنهن شخص جي هٿ ۾ بندوق آهي، اُهو نهٿيي شخص کان وڌيڪ طاقتور آهي، ان ڪري اهو وڌيڪ سڀيہ ليکبو.

اهو هٿيار بند شخص نهٿيي کان وڌيڪ تهذيب يافتہ آهي يا نہ، اهو فيصلو تہ پوءِ ٿيندو. البت ڪمزور شخص طاقتور کي اسڀيہ يا جهنگلي سڏڻ جي جريت نٿو ساري سگهي. جيڪڏهن اهڙي همٿ ڏيکاريائين تہ پوءِ اوس کيس ڏاڍي جي بندوق جي گوليءَ جو شڪار ٿيڻو پوندو!

توهين تہ سڌ آهي تہ اڃا ڪجهہ سال اڳ مهاڀاري لڙائي لڳي هئي. دُنيا جا ڪيترائي ملڪ اُن ۾ شريڪ ٿيا هئا ۽ هرهڪ ملڪ ٻئي ملڪ جا گهڻي کان گهڻا ماڻهو مارڻ جي ڪوشش ٿئي ڪئي. انگريزن جرمن لوڪن کي ختم ڪرڻ تي چاهيو تہ جرمن لوڪن انگريزن کي. هن لڙائيءَ ۾ لکين ماڻهو مارجي ويا. ۽ اوترائي لولا لنگڙا، اپنگ بڻجي ويا. ڪن جون اکيون وينديون رهيون، ڪن جون ٽنگون ٻانهون ڪپجي ويون. لڙائيءَ ۾ اپاهج بڻجي ويل اهڙا ڪيترائي لولا لنگڙا فرانس ۽ ٻين هنڌن تي ڏٺا هوندا. پئرس جي زير زمين ميٽرو ريل گاڏين ۾ تہ اهڙن اپاهجن لاءِ الڳ ڪرسيون محفوظ آهن. توهين سمجهين ٿي تہ انسان جي هڪ ٻئي کي قتل ڪرڻ واري ان ڪارنامي کي سڀيہ يا ساڃاهيءَ وارو سڏي سگهجٿو؟

رستي تي جڏهن ٻہ ڪتا پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ھٿين ٻڄي پوندا آهن تہ پوليس ڊوڙي اچي کين جدائي الڳ ڪندي آهي ۽ هرڪو لانگهائو انهن جي چسپائيءَ تي مٿن ڦٽ لعنت وجهندو آهي. پوءِ جڏهن ٻہ ٻہ ملڪ هڪ ٻئي سان ساڳي طرح وڙهن ٿا ۽ هزارن لکن معصوم انسانن جو

ي بنگلا ديس، نيپال، ڀوٽان، سري لنڪا ۽ افغانستان يوروپ جي
ڪميونٽيءَ (E.E.C) جي طرز تي جنهن ۾ فرانس، اولهه جرمني،
بيلجيم، اٽلي، برطانيه ۽ لڪزمبرگ جا ملڪ شامل آهن ۽ ايندڙ
ي سندن ڪلب ۾ اسپين ۽ پورچوگال به شريڪ ٿيڻ وارا آهن، پنهنجو
يل محاذ (ڪانفيڊريشن) ڪڙو ڪن. هڪ ٻئي سان جنگ نه ڇيڙڻ
نامو ڪري، پنهنجي گڏيل بچاءَ جو سٿاءُ ڪن. ڪارخانن لاءِ گهربل
مال ۽ تيار ٿيل پڪي مال خواهه زرعي پيداوار جي سستي اگهه تي،
ي سان مٽا سٽا ڪن. اچ وڃ لاءِ گهربل ويزا جو سرشتو ختم ڪري
جئن سگهن ئي ملڪن جو عوام بنان ڪنهن روڪ ٽوڪ جي پنهنجي
عزيزن جي خوشي غم ۾ شريڪ ٿي سگهي. (فرانس ۽ جرمني باشندن
نجي ملڪن جا دروازا کولي ڇڏيا آهن ۽ ايندڙ سال کان يوروپين
ٽيءَ جا ٻيا ملڪ به سندن پوئواري ڪرڻ وارا آهن). اهي شفي
ي قدم کڻڻ سان، اسانجي ملڪن جي بچاءُ تي خرچ ٿيندڙ اٿاهه
جي بچت ٿيندي، غريبي دور ٿيندي، خوشحالي وڌندي. اسانجي
ر وچ شڪ شبهه گمان دور ٿيندا ۽ ساز سلوڪ وارو ماحول پيدا ٿيندو.

سپ کان وڏي ملڪ هئڻ جي ناتي اها ذميواري ڀارت مٿان آهي
پنهنجي پاڙيسري ملڪن کي سندن آزادگي برقرار رکڻ جو يقين
۽ ڪين يو.اين.او.جي گارنٽي وني ڏئي ته ست ئي ڀائر پنهنجي
ي گهرن جا مالڪ هوندي به، هر مصيبت ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيندا
ڪار جو هٿ ڏگهيڙيندا.

گڏيل محاذ جي اها رٿ تڏهن ئي بهتر عمل ۾ اچي سگهندي جڏهن
ملڪ مذهبي دست اندازيءَ کان آجا هوندا، انهن ۾ جمهوري راڄ

# هند-پاڪ ڪانفيڊريشن

ڀارت جو اُپکنڊ اڄ تعصب، ڪٽرپڻي ۽ فرقيپرستيءَ جي زهريلي فض
۾ ٻُوساٽجي رهيو آهي. ڌرم مذهب جا قسم کڻي هڪ دفعو وري هٽلر ج
پوئلڳ، پنهنجي شخصي مفت آڪانڪائن لاءِ عوام کي گمراهہ ڪري، انه
۾ نفرت جي آڳ ڀڙڪائي، معصوم انسانن جو خون وهائي رهيا آهن. نتيجي
طور اڄ هندن، مسلمانن، سکن سان گڏ بنگالي، سنڌي، ڪشميري، بلوچ
پٺاڻ، سري لنڪا جا تامل بہ پاڻ کي الڳ الڳ قوَمون مڃي، پنهنجا ڏيگ
الڳ رڌڻ جا سانباها ڪري رهيا آهن.

انهن سازشن کي هٿي ۽ هُشي ڏيڻ واريون ٻاهريون طاقتون آهن
جيڪي پٺتي پيل ايشيائي ۽ آفريڪي ملڪن کي اُسرڻ ڏيڻ نٿيون چاهين
ڇو تہ پوءِ سندن ڪارخانن جي چمنين مان دونهون نڪرڻ بند ٿي ويندو
هنن جا بي روزگار ٿي ويل پورهيت ڪات ڪهاڙا کڻي سندن ٻنيان ڪاهي
پوندا. ان ڪري اهي وڏيون طاقتون هتان جي پاڙيسري ملڪن کي هڪ
ٻئي سان ويڙهائي، کين جنگي جهاز ۽ مسائيل وڪڻي، سندن وجود جي
قيمت تي پنهنجو وجود قائم رکي ويٺيون آهن. سندن پاڙيتا ايجنٽ هر هڪ
ملڪ ۾ موجود آهن، جن وڏا عهدا ماڻڻ جي لالچ ۾ پنهنجي ديس کي
هنن وٽ گروي رکي ڇڏيو آهي.

ڏکڻ ايشيائي ملڪن جي خيمي ۾ گهڙڻ جا سانباها ڪندڙ انهن
اُنن کي روڪڻ جو هڪ ئي رستو آهي. هن برصغير جا ملڪ هندستان،

# لائبررين جي اهميت

ا ڪهڙي نہ افسوسناڪ حقيقت آهي جو ممبئي جهڙي شهر ۾
ڏين جو وڏي ۾ وڏو تعداد رهي ٿو، سنڌي ڪتابن جي هڪ بہ
ئبرري ڪانهي. سنڌي دانويرن ممبئيءَ ۾ اسپتالون، ڌرمشالائون،
اٺا، آشرم برپا ڪيا آهن، ليڪن ڪنهن جو بہ ڌيان، هن وڏي
نساني گهرج طرف نہ ويو آهي.

ڪ دفعي ڪنهن انگريز کان سوال پڇيو ويو تہ جيڪڏهن پنهنجي
ئنڊ ۽ شيڪسپيئر مان توکي ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻ لاءِ مجبور
تہ تون هوند ڇا ڪرين؟ هن انگريز نہ پڇ وراڻيو 'مان هوند انگلئنڊ
ر مٽاڪوي شيڪسپيئر کي مور نہ تياڳيان' چو تہ هن بخوبي ڄاتو
نهن قوم کي ادب ناهي اُها زنده قوم مردي مثل آهي.

انجا نام نهاد نيتائون بہ اڪثر ادبي سيائن ۽ ڇيتي چنڊ جي
اتائي ڳائي آلاپيندا آهن تہ اسين سنڌي سنڌ مان هٿين خالي
ب آيا آهيون پر پاڻ سان شاهہ، سچل، سامي، بيدل بيڪس، دلپت،
ب اباڻي ملڪيت ساهہ سان سانڍي کڻي آيا آهيون.

ڪن صد افسوس! پنهنجي ان مؤروثي املاڪ کي عملي طور محفوظ
اسانکي خير ڪو اونو آهي. سنڌي ادب جا هزارين ڪتاب، جن
و تهذيبي ورثو (Cultural heritage) سمايل آهي، اڄ ڪُرو مرو ٿي
ن پاوَ ۾ ڪاٻاڙين وٽ وڪامن ٿا. اُس، برسات ۾ ڳري سڙي اُڏوهيءَ
ٽجن ٿا. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، منو تولارام گدواڻي ۽ ٻين
اديبن جي خانگي لائبررين ۾ هزارين سنڌي ڪتاب هئا. انهن

قائم ٿيل هوندو. سنڌن مقدر جو فيصلو ڪن اڌ مغزي بادشاهن، ملٽر
ڊڪٽيٽرن، پنڊتن، مؤلوين، سنتن بجاءِ عوام جي هٿ ۾ هوندو.

ان محاذ جي ڪاميابيءَ لاءِ اهو بہ هڪ لازمي شرط آهي تہ هندستان
پاڪستان، ۽ سري لنڪا جي ملڪن کي پنهنجي صوبن سنڌ، بلوچستان
پختونستان، ڪشمير، پنجاب، بنگال ۽ تامل گهٽائي واري جافنا وغيره ک
پنهنجي ملڪي جوڙجڪ اندر وڏيڪ خودمختاري ڏني ويندي. جيئن سڀ
صوبا پنهنجي ضرورت مطابق پنهنجي عوام جي تهذيبي، تمدني
اقتصادي ترقي طرف پورو ڌيان ڏيئي سگهن. مرڪزي سرڪاريون پنهنج
هٿ ۾ صرف بچاو، پرڏيهي واپار ۽ نيتيءَ جهڙا محڪما رکي باقي روزمر
جي زندگيءَ جا فيصلا صوبن جي سپرد ڪري ڇڏينديون.

صوبن کي موت ۾ ڪثرت ۾ وحدت (Unity in diversity) واري اُصو
۾ اٽوٽ وشواس رکي، گهٽائيءَ کي 'جيئڻ' جو حق ڏيڻ سان گڏ، ٿورائي
کي ساڳيو برابري وارو درجو عطا ڪري، کين 'جيئڻ ڏيڻ' جو پورو موقع
ميسر ڪري ڏيڻو پوندو.

ڏکڻ ايشيائي ملڪن لاءِ پنهنجي صغير ۾ امن امان قائم ڪرڻ لا
اهوئي هڪ Consortium ناهڻ جو دوراانديشي وارو طريقو نظر اچيٽو. بي
حالت ۾ هر ملڪ ۾ پيدا ٿيل نفاق جي آگ ويندي، پنيت بڻجندي
گهر جي قوت جو فائدو باهرين طاقتن کي ملندو، جيڪي ٻچڻ جيان
ڏار ڏار ٿيندڙ ٽڪرن کي ڳرڪائڻ لاءِ ونگس ۾ تيار بيٺيون آهن.

رچنا- ٢٢، (اپريل-جون ١٩٨٣)

# سنڌين جو نئون گهر

ي ۽ جي سطح تي ڏينهون ڏينهن تعداد ۾ گهٽجندڙ اسان سنڌين
هون اڄ سڀ کان وڏيڪ اهم سوال آهي ته اسين پنهنجي سنڌي
هٿ هند ۾ گهڻي عرصي تائين بچائي رکي سگهنداسين؟

هاڱي بعد اسين سنڌي پاڙياڻي پڌارٿ جيان، پنهنجي هيڻائين
ھي، هندستان جي کنڊ ڪڙڇ ۾ ڇڙو ڇڙ ٿي وياسين. گذريل ٣٦
مڪاني حالتن سان پاڻ نڀائي، آرٿڪ طور پاڻ کي ٿانئيڪو ڪرڻ
لئي پٽي ڪامياب ويا آهيون. البت تمدني طور اسين بين ٻوليوار
گهڻو گهڻو پٺتي رهجي ويا آهيون. اڄ اسانجي سنڌيت جو اظهار،
سطح تي 'جهولي لال جي جئه' چوارائڻ تائين، ۽ ڪلچرل سطح
ٻولين جا هلڪڙا ڦلڪڙا مذاقي ناٽڪ پيش ڪرڻ تائين، وڃي
هيو آهي.

سان صرف روٽي ڪائڻ لاءِ نٿو جيئي، بلڪ سوکيم ڪائن جي ساڌنا
پنهنجي جيئڻ جو تت يا سڃاڻپ جي تخليق به پاڻ ئي ٿو ڪري.
ڻپ هرهڪ انسان کي پنهنجي گهر، شهر، ديس، ٻولي، روايت،
ثقافتي ورثي جي حوالي/نسبت ۾ ئي حاصل ٿئي ٿي. دنيا جي
ملڪن ۾ لکن ڪروڙن جي پنيان پاڳلن جيان ڊوڙندڙ سنڌين کي
زندگيءَ جي شام جو واپس موٽي اچڻ لاءِ پنهنجو ڪو گهر ڪونهي.
، اهڙي ٻولي، اهڙا هم زبان ساٿي، اهڙا رشتا ناتا، سنبنڌ لاڳاپا

اعليٰ اديبن جي پرلوڪ سڌارجڻ بعد سڌ ناهي ته سندن ڪتابن جو ڪهڙ
حشر ٿيو؟ اَڄ پرنسيپال موتيلعل ڀڳاڻيءَ وٽ بولچند وسومل راجپال جي 'سنڌ
جا سڀ انڪ موجود آهن. شري رام ڪرشن آڏواڻيءَ اَدي جيٺمل پرسرا
جي پارتواسيءَ جا سڀ انڪ سنڀالي رکيا آهن. ٻين سنڌي اديبن، عالمن
محققن، مورخن وٽ به اهڙا سوين ناياب ڪتاب، مخزنيون، رسالا، قلمي
نسخا مؤجود هوندا. اڄ ضرورت آهي انهيءَ سموري خزاني کي سهيڙي
هڪ هنڌ ڪٺو ڪري، نون ايجاد ٿيل وگياني طريقن سان انهن جي حفاظت
ڪرڻ جي، جيئن اهو ادبي سرمايو ايندڙ پيڙهين لاءِ محفوظ رهي.

هينئر اسانکي اهو بخوبي احساس ٿيڻ گهرجي ته ٻولي صرف ڏنڌي
جي لکپڙه هلائڻ جو ئي وسيلو ناهي، بلڪ هرهڪ ٻوليءَ جي ادب ۾ ان
جاتيءَ جي هزارن سالن جي آزمودي ۽ تجربن جو نچوڙ سمايل آهي
پنهنجي ماتر ڀاشا جي واتاورڻ ۾ پلجندڙ ٻار کي، هزارن سالن جي سنچويل
اهي ساڄاڻ ماءُ جي ٿڃ سان گڏ ٻاڻمراڌ ورثي ۾ ملي ٿي. اڄ جي ڪانوينٽن
۾ ملندڙ انگريزي تعليم شاگردن جو صرف پؤتڪ وڪاس ڪري، کين نوٽ
ڇپڻ جي مشين ٿي بڻائي. ماڻهو بڻائيندڙ تعليم جيڪا شاگردن جو مانسڪ
پؤتڪ، ۽ اڌياتمڪ وڪاس ڪري اُها کيس پنهنجي ئي ماتر ڀاشا جي ماڌيم
سان، پنهنجي ادب جو اڀياس ڪرڻ مان ئي حاصل ٿي سگهي ٿي. وشو
وديالي سڏجندڙ لائبررين شاگردن جي ان وڪاس ۾ وڏي هٿي بڻجن ٿيون.

ڪاش! اسين سنڌي اڄا به چيتيون، شاهوڪار کان شاهوڪار بڻجڻ
جي چڪر ۾ ڪٿي غريب کان غريب بڻجي، ٻين جاتين جي نفرت جو
شڪار نه ٿيون. سنڌيءَ ۾ ان لاءِ هڪ تز پهاڪو آهي.

'ويئي سڱن لاءِ، ڪن به ڪپائي آئي!'

رچنا- ٢١، (جنوري -مارچ ١٩٨٤)

ب. هينئر اسانکي اُن جي مٿين اڏاوت ڪرڻي آهي. اڳ جي پيٽ
يڏام کي وسائل جون حالتون اڄ وڏيڪ سٺيون آهن. گانڌيڏام، ريل
پڪن رستن ۽ هوائي جهازن ذريعي ملڪ جي ٻين حصن سان
ويو آهي. سنڌين وٽ سيڙائڻ لاءِ هاڻي پئسو به جهجهو آهي.
ي چاهين ته سڄي دنيا مان ڪنو ڪيل ناڻو 'ڪنڊلا فري ٽريڊزون'
ائي ڪنڊلا کي 'نئين ڪراچي' بڻائي سگهن ٿا.

البت ڪير به سنڌين کي هندستان جي جدا جدا حصن مان هڪ
ٽ پاڻ کي اُکوڙي گانڌيڏام اچي وسڻ جي صلاح نه ڏيندو. ها، هرڪو
ي ڪٽنب مان هڪ ڀاءُ، يا هڪ پٽ کي، گانڌيڏام موڪلي هٽ
وني، هڪ ڪارخانو برپا ڪري سگهي ٿو. هڪ بنگلو اڏائي، پنهنجي
پيڙهين جو هٽ بنياد وجهي سگهي ٿو. ائين ڦڙو ڦڙو ٿي ويل سنڌي
ام ۾ اچي هڪ وسيع سروور بڻجي سگهن ٿا. ڪاريه بيشڪ ڏکيو
ر ناممڪن ناهي. اهو سپنو ساڪار ڪرڻ لاءِ ضرورت آهي گڏجي
ڪرڻ جي، ٽيم اسپرٽ جي، ٻين کي وعظ ڏيڻ بجاءِ پاڻ عمل
جي.

رچنا-١٩، (جولاءِ-سپٽمبر ١٩٨٣)

جن جي وچ ۾ ڪيس پيار، سنيھ، قرب، پنھنجائپ ۽ آدر سنمان ملي
پنھنجي ھئڻ جو احساس ٿئي.

اڄ جي وڏن شھرن جي مشيني سيپتا، انسان کي چھري ھيڻ بڻائي
ڪيس ھڪ اُپيوڳي جنس ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آھي. انسان پنھنجي فر
جي آزادي ۽ مان مرتبو، پنھنجا ننڍا ننڍا سماج ٺاھي رھڻ سان ئي واپس
حاصل ڪري سگھيتو. 'سروودي' جي سڌانت تي ورچيل (Decentralized
سماج، جيڪا سرڪاري شڪنجي کان آجي ھجي ۽ مڪاني سطح تي
پنھنجي روزمره جي زندگي جا فيصلا وٺڻ لاءِ خود مختيار ھجي.

مٿين سوچ ويچار تي سنجيدگيءَ سان غور ڪندي سوال اُٿي ٿو ت
ڇا اسين سنڌي پنھنجي موجوده حالت کي بدلي، پاڻ لاءِ ڪو نئون گھر
اڏي سگھون ٿا؟ حالتون ھميشه انسان جون ئي بڻايل ٿين ٿيون. اھو انسان
تي ئي مدار آھي ته ھو ڪمزور بڻجي، حالتن کي پاڻ تي حاوي ٿيڻ ڏئي،
يا ھمت ڌاري حالتن مٿان غالب پوي. اسين پنھنجي ٻولي ۽ تھذيب کي
پيار ڪندڙ سنڌي چاھيون ته يڪمشت ٿي، پنھنجي اجتماعي اڇا شڪتيءَ
سان، سنڌين لاءِ ھت ھند ۾ پنھنجو نئون گھر جوڙي سگھون ٿا. اھو بخوبي
سمجھڻ گھرجي ته سنڌي ٻولي پنھنجي گھر ۾ ئي پلجي نپجي ۽ اُتي
ئي زنده رھي سگھندي، جتي ٻارن کي مادري ٻوليءَ ذريعي تعليم ڏيندڙ
اسڪول ڪاليج ھوندا، پنھنجي يونيورسٽي ھوندي، ٻولي گھٽين بازارين،
دفترن ۽ ريڊيو ٽي.وي تي ڳالھائي ويندي ۽ وڏي تعداد ۾ مئگزنين، اخبارن
۽ ڪتابن ۾ ڇپجندي رھندي.

ھند ۾ سنڌين جي نئين گھر جو پائي پرتاب گانڌيڌام ۾ بنياد وجھي

انسان کي هڪ استعمالي ڍور ڏيو قرار ڪري، حالتن جو غلام
ڪيس پنهنجي آزاديءَ جي جنم سڌ اڌڪار کان وانجهي ڇڏيو
پاڻ آزادي ماڻ ۽ ٻين جي آزادي ماڻڻ جو بہ حق تسليم ڪر!'
بنيادي قدر جي پوئواري ڪرڻ بجاءِ اڄ هر جاءِ گهٽائيءَ وارا
ءَ وارن جا حق کسي (هڪ ٻن ملڪن ۾ تہ طاقت جي زور تي
ءَ وارا گهٽائيءَ کي دٻائي) انهن تي زور ظلم ڍائيندا نظر
.

ڌرتيءَ جي جنهن بہ حصي ۾ اها وحشانيت ننگو ناچ ڪري ٿي،
تمام فنڪار ۽ مفڪر مظلوم جي حمايت ۽ ظلم جي مخالفت
. ان معاملي ۾ هو بي طرفدار ٿي نٿا سگهن. ملڪن جون
ن يا جاتي، مذهب، نظرن جا ويڇا، سندن اعتراض جي آواز
يٺو نٿا ڪري سگهن. هند جا سنڌي ليکڪ بہ اڄ پنهنجي سنڌي
جي سيني تي لڳندڙ گولين جو درد جهيلي رهيا آهن. دلوراءِ
ظلم جو گهڙو اڇي پريو آهي. ان جي پڄڻ پُرڻ ۾ هينئَر ڪا
ويرم ڪانهي.

ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾
لوئي هڏ ۾ لاهہ،
ستي! سيل نباهہ،
ملير ويندينءَ، مارئي!

رچنا-١٨، (اپريل-جون ١٩٨٣)

# سو قلب ڪوٽ نہ هوءِ

سنڌ جو عوام اڄ ضياالحق جي فوجي تانا شاهيءَ خلاف سين
تاڻي بيٺو آهي. سؤمان پسند سنڌي، انساني مان مرتبي خاطر اوچي
ڳاٽ لڙي رهيا آهن. پنهنجي لوئيءَ ڪي نہ لڄائڻ جو سنڌن اراد
اٽل آهي.

’ملڪ ماروءَ جي آهيان، جور نہ ٿيان جوءِ
سو قلب ڪوٽ نہ هوءِ، جو هتيجن هٿ ڪيو.‘

اڄ جو نئون نسل مذي خارج مذهبي فرقيپرستيءَ جا ڪوٽ
ڪيرائي، تعصبي، سياسي نظرين، آدرشن جي هٺ ڌرميءَ کان پاڻ
کي آجو ڪري، پنهنجي پرايل علم، عقل ۽ منطق جي روشنيءَ ۾ ٻاهر
نڪري آيو آهي. هو ٻين طرفان مڙهيل ريڊي ميڊ ملهن، ماڻن، متر
۽ مڃتائن کي تيستائين قبول نٿو ڪري، جيستائين سندس اُسريل ساڃه
اُنهن جي ڪري ڪوتي هئڻ جي پليءَ پت پرک نہ ڪئي آهي. رڍن
ٻڪرين جي ڌڻ مان مٿي اُسري آيل انسان جي اهائي انفراديت ي
منفردگي آهي. هو پنهنجو پلو برو پاڻ سوچي ويچاري، پاڻ بابت فيصل
وٺي ٿو. پنهنجي مرضيءَ سان اُن تي عمل ڪري ٿو ۽ نتيجو ڀوڳڻ
لاءِ بہ هردم تيار رهي ٿو. زور زبردستيءَ سان ڪير بہ هن کي پنهنجي
ملڪيت مڃي، پنهنجا عقيدا ۽ انڌ وشواس هن مٿان نٿو مڙهي سگهي.
البت اڄ دنيا جي گهڻن ملڪن ۾ ساون، ڳاڙهن رنگن جي

هيءُ سميلن جيڪڏهن مٿئين ڏس ۾ اڳتي قدم بڻجي، سنڌي
جي سياسي، سماجي، تهذيبي، تمدني ترقيءَ طرف رهنمائي ڪري
ءِ پنهنجي پنهنجي الڳ ڪچڙي رڌيندڙ چڙوچڙ سنڌي ليڊرن ۾
ا شخصي مفاد پاسيرا رکي انهن ۾ ٽيم اسپرٽ جي ڀاونا پيدا ڪري
، پوءِ تہ سچ پچ ٿي هن سميلن تي خرچ ٿيندڙ سٺ لکن جي رقم
ب ليکبي.

پر ان جي برعڪس هيءَ سنڌي وشو سميلن بہ ٻين اڪل ڀارت سميلنن
صرف نلعا نعراوَ پاس ڪرڻ، منترين کي هار پائڻ، هوٽلن ڪلبن
ٿيون ڏيڻ ۽ ڪن چند سوارٿي نيتائن جي منسٽر يا ايم.پي ٿيڻ جي
آڪانڪشائن جو لانچنگ پئڊ بڻجڻ تائين محدود رهجي ويو تہ پوءِ اهو
سنڌين جي جذبات سان هٿ چراند ڪرڻ، وقت ۽ پئسي جو زيان ڪرڻ،
لکن روپين جي آتش بازي ٻارڻ جھڙو هڪ مهانگو تماشو ليکيو ويندو.

ڪاش! اسان جا هن وشو سنڌي سميلن بابت اهي ڊپ ڊر، انديشا
ثابت ٿين. سنڌي جاتيءَ ۾ ڪپل ديو پيدا ٿين، جيڪي پنهنجي
ن کان وڌيڪ سنڌي جاتيءَ کي محت ڏين ۽ ٽيم اسپرٽ جي ڀاونا
ڪري، سنڌين لاءِ ڪو ڪرشمو ڪري ڏيکارين.

رچنا-١٧، (جنوري-مارچ ١٩٨٣)

# مهانگو تماشو

۱۸ ۽ ۱۹ آڪٽوبر ۱۹۸۳ تي دهليءَ جي اندرپرست اسٽيڊيم ۾ وش
سنڌي سميلن جو اُدگهاٽن ڀارت جي پرڌان منتري شريمتي اندرا گانڌي
ڪندي، اهو سماچار دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ هرهڪ سنڌيءَ لاءِ خوشي
۽ فخر جو باعث ٿي سگهيو. اسان کي ڪافي اُميد آهي تہ هن وشو سنڌي
سميلن ۾ سنڌي جاتيءَ جا سڀ نامر نهاد عيوضي، پنهنجا شخصي ويڇا
وساري، هڪ ئي پليٽفارم تي پاڻ ۾ گڏ ويهي، سنڌي جاتيءَ جي بهبودي
۽ ارتقا لاءِ سوچي ويچاري هڪ پنج سالي يوجنا تيار ڪندا. سنڌي ٻولي
ساهت ۽ ڪلچر کي اوچ ڏيڻ لاءِ جوڳا عملي اُپاوَ رٿيندا. سنڌي شاگردن
جي تعليم جو بندوبست ڪرڻ لاءِ هڪ مرڪزي يونيورسٽيءَ جي اسٿاپنا
ڪرڻ جو فيصلو ڪندا. سنڌين کي پنهنجو دائمي گهر هجي، جتي سنڌ
پاڙون کتل هجن، ان لاءِ گانڌيڌامر جهڙي شهر ۾ ٽن چئن لکن جي سنڌي
آبادي وسائڻ لاءِ، پرڏيهي سنڌين کي پنهنجو وديشي ناڻو سيڙائي، نوان
ڪارخانا برپا ڪرڻ ۽ روزگار جا وسيلا مهيا ڪرڻ جي نينڊ ڏيندا. هندوستان
جي جدا جدا سنڌي ڪالونين ۾ پڪا رستا، گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ
زير زمين ناليون، اسڪول، اسپتال نهرائڻ جهڙيون بنيادي شهري سهوليتون
سرڪار کان ميسر ڪرائي ڏيندا. ساهت جي اشاعت ۽ وڪري بابت، ريڊيو
ٽي.وي، تان وڌيڪ سنڌي پروگرام نشر ٿيڻ بابت ۽ سنڌي فلمن ۽ ناٽڪ
جي ترقيءَ طرف بہ گهربل توجه ڏيندا.

جي سگهه موجود آهي.

اهو VISION يا دوردرشٽي (جنهنجي ڪوتاهيءَ جو پوپٽيءَ ذڪر ڪيو
انسان جي پنهنجي نڪ کان پرتي، نه صرف پنهنجي بلڪ پوري
ءَ (۽ انسان ذات) جي ڀوشيه ڪي ڏسي سگهڻ جي ڏات ڪي چيو ويئو.
ءَ ۽ انسان ذات جي اهڙي ڀوشيه جو نرماڻ اُهوئي شخص ڪري
ٿو، جنهن کي اُن ۾ پورڻ اعتقاد هجي. اهڙي دور درسي شخص جي
اڳيان اهو ڀوشيه هروقت صاف، چٽو، پرتڪ حقيقت بڻجي بيهي ٿو.
ٽا تنگ درسي ليڊر زبان سان ليڪچر ته هروقت سنڌي جاتيءَ جي
۽ واڌاري جا ٿا ڏين، ليڪن پنهنجي تحت الشعور ۾ سنڌي ٻولي
تيءَ جو جنازو هو گهڻو اڳ ڪڍي چُڪا آهن. انگريزيءَ ۾ اها چوڻي
ر آهي جتي دوردرشٽي ڪانهي، اُتان جي ماڻهن جو وناش اوس ٿيڻو
Where there is no Vision, Peple Perish. ڪاش اسان سنڌين سان
چوڻي لاڳو نه ٿئي. ڪي دور درسي ليڊر ضرور پيدا ٿيندا، جيڪي ڀائي
ب جي وڏل بنياد مٿان گانڌيڌام ۾ 'نئين سنڌ' جي اڏاوت اوس ڪندا.
سنڌي يونيورسٽي برپا ڪري، سنڌي ٻارن کي سنڌي ماڌيم ذريعي
م ڏيڻ جو هڪ مرڪزي انتظام قائم ڪندا. سنڌي ٻوليءَ جي پرچار
نڌي ساهت جي وڪري طرف گهربل ڌيان ڏيندا. پنهنجي نئين ٿهيءَ
نڌي هئڻ جو فخر پيدا ڪرڻ لاءِ، ڪين اهڙين سنڌي هستين کان به
ڪندا جن ساهت، ڪلا جي کيتر ۾ پنهنجو وڏو يوگدان ڏنو آهي.
جي نئين پيڙهيءَ جي ڪيترن نوجوانن، نارايڻ شيام، هري دلگير،
ري)، سوامي برهمانند گوسوامي، شانتي هيرانند (سنگيت) راڻي ڪرنا،
سندر (نرتيه)، ڀڳوان ڪپور، مهرواڻ مامتاڻي (چترڪاري) ۽ گوبند

# دوُر درشٽيءَ جي ڪوتاهي

هن سال جو ساهت اڪادمي انعام کٽندڙ اسانجي برک ليکڪا پو
هيرانندائي رچنا-۱۵ ۾ ڪرشن کٽواڻيءَ کي ڏنل ملاقات دوران چويٽي
’اسان وٽ اهڙو ڪو ليڊر ڪونهي جنهن کي VISION هجي، جو قرب
ڪري سگهي. اسان جا ليڊر (جي ليڊرن جي نالي سان مشهور آهن) ت
جامڙا آهن، سندن مقصد تمام شخصي ۽ سندن درشٽي پنهنجي
تائين آهي.‘

پوپٽي سچ ٿي چوي. اڄ جي اهڙن نڙڪائو سنڌي ليڊرن جي
صرف راڄيہ سڀا جي ميمبريءَ جهڙو ڪو عهدو يا لقب خريدڻ يا سس
مشهوري ميڙڻ تائين محدود آهي. باهران هو سنڌي ٻولي، ساه
سنسڪرتي ۽ ڪلا جي بچاو ۽ واڌاري جا قسم کڻي، واپارين کان لکين رو
چڙائين ٿا ۽ اهو پئسو اکل پارٽ/سرو پارٽ (هينئَر سرو وشو) سميلن سڏائ
منسٽرن جي خوشامند ۾ ڏنل پارٽين، پنڊالن، فوٽن ۽ اشتهاري پاڻيءَ جي
هارين ٿا. انهن منسٽرن جي آشيرواد سان هٿ ڪيل ڪو عهدو يا لق
حاصل ڪري، جيون سڦلو ٿي ويل سمجهن ٿا.

اسين سهوليت پسند سنڌي اڄا اهو چونہ ٿا محسوس ڪريون تہ رش
ڏيئي ’شارٽ ڪٽ‘ ذريعي حاصل ڪيل اهڙو دنيوي رتبو ۽ مان سنمان انس
کي ڪو دائمي سڪون نٿو ڏئي. شهرت پنيان ڏينهن رات ڊوڙندڙ شخ
جو شعاع اوترائي ڏينهن جٽاءُ ٿو ڪري، جيترا ڏينهن هن ۾ اها ٻڪ

# اظهار جي آزادي

اسين اڄ جا فراخدل مفڪر انسان جي نجي سوچ ويچار جي ڪلئي
جي جبري حمايت ٿا ڪريون، ان جي اظهار مٿان ڪنهن بہ قسم
سرڪاري خواه غير سرڪاري ادارن طرفان مڙهي ويندڙ پابنديءَ جي
مخالفت ٿا ڪريون. اسانجو عقيدو آهي تہ 'حقيقت ڪي تڏهن ئي
و رسي سگهجي ٿو، جڏهن ان جي جدا جدا ڏسائن ڪان، مختلف
گاهن ذريعي ڇنڊڇاڻ ڪئي ٿي وڃي ۽ ان مان نڪتل نتيجن کي
دوران پنهنجي نجي تجربي جي ڪسوٽيءَ تي پيٽيو/پرکيو
ي.

هن اعتقاد کي پنهنجو ملهہ تسليم ڪري، اسان 'رچنا' کي پنهنجي
ن/پاٺڪن جي ويچارن جي ڏي وٺ ڪرڻ ۽ انهن تي کليو بحث
جو فورم بڻايو آهي. هرهڪ پاٺڪ کي رچنا ۾ آيل ويچارن تي سخت
خت نڪتچيني ڪرڻ جي پوري ڇوٽ حاصل آهي. سندن اها تنقيد
اسانجي اپنايل سمپادڪي پاليسيءَ جو ئي ڪڙو وروڌ ڪندڙ ڇونہ
آهي، اسان ان کي ڇپڻ ڪان نہ هيل تائين ڪيٻايو آهي ۽ نہ هن
ءِ ئي ڪيٻائينداسين.

البت گذريل ٻن ڇئن انڪن ۾ پاٺڪن وٽان آيل ڪن خطن جاٺو
۾ ڪافي ڇڻہ پڇڻہ پيدا ڪئي آهي. هڪ ٻئي سان ويچارن جي
تي ڪٿو مٿو پوڻ بجاءِ، اهي خط ڇرتر گهات حملن ڪرڻ طرف وڌيڪ

نعالاڻي، ڪمار شهاڻي (فلم) جو نالو ٻڌو آهي ۽ سندن ڪلا کان واقف
آهن. سنڌين جي ايندڙ پيڙهين کي پنهنجي وجود جي برقراريءَ لاءِ اه
ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن ۾ ئي پنهنجي سڃاڻپ ڳولهڻي پوندي،
قربانيون ڪيون آهن، سخت محنت ۽ جفاڪشيءَ بعد ئي ڪنهن اون
پدويءَ کي پهتا آهن.

رچنا-١٦، (آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٨٢

# ڪلا ڇاهي؟

پنهنجي اُها من پسند ڪرت يا پيار جو پورهيو جنهن ۾ انسان دنيوي
نقصان کي پاسيرو رکي، پنهنجي وجود جو ڪجهه وڌيڪ انش اوتي
۽ بهتر کان بهتر نموني جنهن کي پورڻتا جي درجي تي پڄائي
، اُن کي اسين ڪلا چئون ٿا.

سنسار جي حقيقت کي ترتيب ۽ سلسلو ڏيڻ جي، ڪلا جي ان
اريءَ ذريعي ڪلاڪار پنهنجي ئي سچيت وجود جي تخليق ڪريٿو.
يعي نه صرف هو پنهنجي انفراديت جو اظهار ڪريٿو، بلڪ پنهنجي
۽ احساسن کي به ٻين سان ونڊيٿو. اٿين چترڪار اسانجي اکين کي
يکاريٿو، سنگيتڪار اسانجي ڪنن کي ٻڌڻ سيکاريٿو، شاعر اسانجي
کي محسوس ڪرڻ سيکاريٿو. ڪلاڪار اسانکي اهڙو شعور عطا ڪريٿو،
کان اسين اڳ وانجهيل هئاسين.

ڪلا اندر سمايل ’سونهن‘ پرکڻ جي انسان کي ڪا جائي جم کان
ڪانهي، اُن جي اوسر لاءِ هن کي به ڪلاڪار جيتري رياض ۽ محنت
پوپٿي. ڪلا، ڪلاڪار جي وجود جو تت يا سار آهي، جنهن ۾ ڪيس
يءَ ’مان‘ جو عڪس نظر اچيٿو. ڪلاڪار ڪلا جي ساڌنا ان لاءِ ٿو
چو ته هو اترپت، اڌورو آهي. ڪلا سندس اندر ۾ پراڻ ٿي پيدا
ڪلا ’سچ‘ جو اظهار آهي، جيئرو جاڳندو ساڪار روپ، جيڪو اکين
ر ٿو اچي، ڪنن کي ٻڌڻ ۾ ٿو اچي. جنهن کي اسين پنهنجي

مائل آهن. اسانجي پنهنجي ليکڪن/پاڻکن کي استدعا آهي ته آزاد
کي چڙواڳي سمجهڻ جو مونجهارو پيدا ڪري پنهنجن شخصي عداو
جو نبيرو ڪرڻ لاءِ رچنا کي ملھ جي آکاڙي ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوش
نه ڪن.

اسانجي سيني ساماٽيل، بالغ ادب دوستن کي اها بخوبيءَ ڄاڻ آ
ته حقيقي آزادي اُها آهي جيڪا ٻين جي شخصي آزاديءَ جو حق قبو
سندن خانگيت جي حد نٿي اورانگهي. ۽ بهتر انتظام اُهو آهي جي
ٻاهران نٿو مڙهيو وڃي، بلڪ پنهنجي ئي پرابل ساڃھ مان اندران اُپجي
ان ڪري بهتر ائين ٿيندو ته سمپادڪ سوڌو، ڪنهن ٻاهرين ڏر کي
مٿان اهڙو لغام وجهڻ جو موقعو نه ڏيئي، اسين پنهنجو پاڻ تي اهو لغ
وجهي پنهنجي ساماٽجڻ جو ثبوت ڏيون.

رچنا-١٥، (جولاءِ-سپٽمبر ٩٨٢

# انساني وجود

هن سرشٽيءَ ۾ انسان کي اشرف المخلوقات جو درجو حاصل آهي.
ن ۾ هڪ ئي هڪ جيو آهي جيڪو ڪرتا بہ آهي تہ اُپيوڳتا بہ. هو
ي پاڻ مان ٻاهر نڪري، پاڻ کي ڏسي سگهيٿو، پاڻ بابت سوچي
ي سگهيٿو. پنهنجي ڪمين پيشين کي درست ڪري، پنهنجي تصور
'اميج' مطابق پاڻ کي نيي ٺاهي، گهڙي تراشي سگهيٿو. هستيوادي
موجب هڪ انساني فرد کي ئي صرف وجود آهي، جيئن تہ ڪيس
ي 'هئڻ' جي سرت آهي.

البت اها سرت انسان مٿان اها بہ ذميواري مڙهيٿي، تہ پنهنجي
ي مان پاڻ کي جاڻڻ سان گڏ، هو پنهنجي ارد گرد جي سنسار جي
ت کي بہ جاڻڻ جو جتن ڪري، جنهنجو هو هڪ حصو آهي. اڄ اسين
ٿا تہ حقيقت هڪ هنڌ بيٺل اچل اسٿر ناهي، بلڪ ديس ڪال جي
۾ نت نيم بدلجندڙ سدا روان، تحرڪ ۾ آهي. هستيوادي فڪر
ها ڪمزوري اڄ اسانکي چٽيءَ طرح نظر اچيٿي تہ اهو نج داخليت
لسفو آهي، جيڪو انسان جي اڪيلائپ کي ئي ترجيح ڏئيٿو. فرد
جي اهم جي اوسر لاءِ، ٻين جي محسوسيل سوجهيءَ کي پوري طرح
داز ڪري، صرف پنهنجي انيو کي ترجيح ڏيئي، هروقت پاڻ ۾
ڏو رهڻ وارو نظريو (SOLIPSISM) اپنائيٿو.

اڄ اسين پليءَ پت محسوس ڪريون ٿا تہ هرڪو فرد پنهنجي شخص

من ۽ ٻڌيءَ سان پروڙي ٿا سگھون. ڪلاڪار پنهنجي اِن جاتل ’سچ‘
سوڪيمر روپ کي اسٿول ۾ تبديل ڪري، اُن سان اسانجو ساڪياتڪار ڪرا
۽ ان طرح اسانجي سوجھيءَ ۾ اضافو ٿو آڻي.

اڄ جو انسان مشين جي سانچي ۾ هزارن لکن جي تعداد ۾ هڪجھ
پلاسٽڪ جا چهري هيڪ سامان ٺاهيندي، پنهنجي انفراديت ۽ تخل
قوت کان ڇڏائبو، پنهنجو پاڻ کان اجنبي ٿيندو ٿو وڃي.

ڪلا کانسواءِ ماڻهو ماڻهو ناهي، مشين آهي!

رچنا-۱۴، (اپريل-جون ۸۲

# جيڪو ماڻهو ڪين وڪاڻو

ڪن سنڌي اديبن مٿان اڄ هڪ ٻئي جي ديکا ديکيءَ هڪ
ڊوڙي شرط پڄائڻ جو حرص طاري آهي. اها ڊوڙ آهي ادبي انعام
حاصل ڪرڻ جي. يونيورسٽين، اڪادمين ۽ ٻين سرڪاري، نيم
ري ادارن جي عهدن تي پنهنجي نامزدگي هٿ ڪرڻ جي، پنهنجي
ن لکين رچنائن کي درسي ڪتابن ۽ عيوضي مجموعن ۾ درج ڪرائڻ
اڻ کي سنڌي ٻوليءَ جو بالا اديب ثابت ڪرڻ لاءِ، هو پنهنجي هٿ
ن ٻولڙين ذريعي وڏن وڏن جلسن جو انتظام ڪرائي، پاڻ لاءِ گلن
/مانپتر/سنمان گرنٽ ۽ سنڌيءَ جو شيڪسپيئر يا ٽئگور هئڻ جو لقب
ندا نظر اچن ٿا.

اڄ صرف ڪي کوکلا، سطحي درجي جا اديب ئي اهو مڃي هلي
ٿا تہ، پنهنجو قيمتي وقت معياري ادب جي اڀياس ۽ تخليق ۾
ڪرڻ بجاءِ، مٿين غير ادبي ڏڪ ڊوڙ ۾ ضايع ڪرڻ سان، هو سنڌي
جي اتهاس ۾ پاڻ لاءِ ڪو دائمي مقام جوڙي سگهندا.

چا اسين پاڻ کي ٻڌ جيوي ۽ مفڪر سڏائيندڙ ان ظاهر ظهور حقيقت
بخبر آهيون تہ ادبي فن جي اُتاهين چوٽيءَ تي رسڻ جو اهڙو ڪوبہ
ڪٽ رستو ڪونهي؟ جنهن بہ هن پڙ ۾ پير پاتو آهي ان لاءِ محنت،
، لگن ۽ رياض ۽ سچ چوڻ جي عيوض پنهنجي جان جوکم ۾ وجهڻ
ط، اڻ ٽر، لازمي طور ڳنڍيل آهي. ساهت ساڌنا ڪا خريد فروخت
يز ڪانهي جنهن ذريعي دنيوي مال مطاع، عزت شهرت، سماجي
خريد ڪري سگهجي يا انعام طور گورنر يا وزير جي ڪرسي ماڻي

جي وياکيا پنهنجي شخصي اهم جي نسبت ۾ نہ، بلڪ ٻين سان ج
سنٻنڌن جي نسبت ۾ ئي ڪري سگهي ٿو. اهڙن سنٻنڌن سان، جن
گڏ هو جائو آهي، پليو نپنو، وڏو ٿيو آهي ۽ جن سان گڏجي هڪ ڏين
ڪيس مرڻو آهي.

انسان وٽ پنهنجي 'هئڻ' جي سرت سان گڏ، ٻين جي شخص
۾ پرويش ڪري انهن جي زندگي بہ ڀاڻ جيئڻ، انهن جا سک دک
ڀاڻ ڀوڳڻ جي هڪ ٻي بہ اُسريل سرت آهي، جنهن کي سنويدن ش
(Empathy) چئجيٿو. ان اُسريل سرت وارو شخص پنهنجي زندگي جيئڻ س
گڏ، وڻن ٽڻن، پسن پکين، ۽ ٻين تمام ګگدامن، مظلومن جو صليب
پنهنجي ڪنڌن تي ڍوئيٿو. سنويدنا جي پاونا تي ٻيٺل پنهنجائپ
سنٻنڌن جي جدول، شخصي مفاد واري عقلائتن سنٻنڌن کان ا
نرالي آهي.

ان ڪري داخلي خواه خارجي، باطني خواه باهمي حقيقت جو مڪ
انيو ئي صحيح معنيٰ ۾ فرد جي شخصيت جي اوسر ڪريٿو. اڄ جي مف
سامهون هن ٻاهرين سنسار جي وجود ۽ اُن ۾ جيئندڙ انسان جي حقيق
جو ڀاڻ ۾ توازن ڳولهي لهڻ جو ئي مسئلو درپيش آهي.

رچنا- ١٣، (جنوري-مارچ ٩٨٢

# رچنا جو رول

ڪيترن پاٺڪن جي اها شڪايت پئي رهي آهي ته اسان ’رچنا‘ کي عام پاٺڪ جي سمجھ کان مٿي، صرف ساهتڪارن لاءِ محفوظ رکيو آهي. سنڌونگر مان ڪمار تيجواڻي لکيو ته هڪ پرچي ۾ ملاقات، تبصرو، جاچ پڙتال، رپورٽ جهڙا خشڪ ڪالم ڏيئي پاٺڪن ۾ بوريت وڌائڻ ٺيڪ ناهي. بڙودي جو ناميارو شاعر لڇميچند، ’پريم‘ به رچنا کي پڙهڻ کان انڪاري آهي ڇو ته اُن ۾ اديبن ۽ شاعرن جي هڪ ٻئي مٿان نڪتچيني ۽ اجائي عيب جوئي کانسواءِ ٻيو ڪجھ ڪونهي. هو صاحب فرمائيندو ته هن مشيني يگ ۾ ڪنهن کي وقت آهي ٻين جا فضول بحث مٿي ۾ وجهڻ جو.

اسين پنهنجي پاٺڪن جي اهڙن راين جو پورو سنمان ڪندي، سنڌن ڏيان اڪيچار سنڌي هفتيوار، ماهوار، ساليانين مخزنن/رسالن طرف ڇڪائڻ چاهينداسين، جيڪي پاٺڪن جي ذائقي جو جهجهو مصالحو ميسر ڪري رهيا آهن. اسڪول جي شروعاتي درجن جيان انهن مخزنن جي اهميت کي ڪير به نظر انداز نٿو ڪري سگهي. البت درجي بدرجي شعوري وڪاس ڪندڙ پاٺڪ کي پنهنجي ذهني سوچ، فڪر لاءِ ان ڇهر بهر کان مٿي ٻيو به ڪجھ گهرجي. ادب جي سچ پچ اڄ محض وندر ۽ وعظ ڏيڻ تائين محدود رهجي نٿي وڃي. ان لاءِ سرڪس، سنيما، جوئا گهر، شراب جا گُتا، هالو چالو پڳوانن جا پروچن ۽ ٻيا به ڪيترائي سستا ۽ سولا ساڌن موجود آهن. اهي شرڌالن کي ڪن ڪنن لاءِ پاڻ کان پري پڄائي، راحت جو هڪ عارضي احساس ڏين ٿا. ۽ اهو نشو لهڻ بعد اسپرنگ جيان واپس

سگهجي. هن ساڏنا مان ساڏڪ کي ذهني مطمئنيءَ واري حِظ ڪانسواءِ ي
ڪجھ بہ حاصل ٿيڻو ناهي.

پوءِ بہ اسانجا ڪي نام ڪٺيا اديب پنهنجي ان ساهت ساڏنا بدول حاصل ڪيل خطابن جو پنهنجي ليٽر هيڊس تي، پنهنجي نالي اڳيان پنيان ڪامرشل ڏيکاو ڪري ٻين جي نظرن ۾ پاڻ کي سرخرو ڪرڻ يتن ڪن ٿا، چو تہ ڪين پنهنجو پاڻ تي، پنهنجي ادبي معيار تي ذ بہ وشواس ڪونهي.

اڄ اسين يليءَ يت پروڙيون ٿا تہ زندگيءَ جو سڀ کان قيمتي، ب بها سرمايو اسانجو وقت آهي، جيڪو ئي اسانجي خلقيل آزاديءَ جو م ماپو آهي. پنهنجو پاڻ سان جنگہ جوٽي ڪٺيل انهن نويڪلين ڪنن ۾ ئ اسين پاڻ سان مخاطب ٿيون ٿا. پاڻ کي ڳولهيون، پايون، ماٽيون ٿا پنهنجي ماڻهپي جي تخليق ڪريون ٿا.

اڄ اسانکي سڌ آهي تہ اسين اديب، رچن باندرن جي تاڙين ت نچندڙ مداري ناهيون. پنهنجي نالي ءِ شهرت جا بکيا اهڙا خود غرض شخص پنهنجي ڪڏهن نہ پرجندڙ ان بکہ جي تڪميل لاءِ اسانکي سرِ بازار سون چانديءَ ۾ توري اسان مٿان نيلامي واڪ لڳائي نٿا سگهن. اديب ڪڏهن بہ اهڙو سستو وڪائو ٿي نٿو سگهي. بقول ابراهيم منشي،

جهڙو ماڻهو تهڙو ناڻو
هرڪو پنهنجي اگھ اگهاڻو
جيڪو ماڻهو ڪين وڪاڻو
سوئي ماڻهو موتيءَ داڻو!

رچنا- ١٢، (آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٨٠ع

# عملي اُپاوَ

ڏنڌوري منورتي وارن پنهنجي پائرن ۽ پينرن کي (جن ۾ پڙهيل ڳڙهيل طبقو بہ شامل آهي) اَڄ اِهو ذهن نشين ڪرائڻ ڏکيو ٿي پيو آهي تہ پنهنجي ٻارن سان سنڌي ۾ ڳالهائڻ، کين سنڌي سيکارڻ ۽ سنڌي ماڌيم ذريعي ابتدائي تعليم ڏيڻ ڇو ضروري آهي؟ خود اسانجي وڏي تهيءَ کي اَڄ ايترو وقت ڪونهي جو سانهہ ستيءَ سان ڪنهن معياري شاعريءَ جو ڪتاب، ڪهاڻي يا ناول جا پنا اُٿلائيندا نظر اَچن. سنڌي گهرن ۾ اُچي کان اُچو ولايتي سامان تہ نظر ايندو ليڪن ڪو سنڌي ڪتاب ڳولهيو نہ ليندو!

اَسان سنڌين کي سنگيت، نرتيہ، ناٽڪ، چترڪاري ۽ ساهت سان چاهہ، ٻين جي ڀيٽ ۾ گهڻو گهٽ آهي. ساهت اَسان لاءِ وانديمل جي وندر آهي يا وڌ ۾ وڌ ڪن سماج سڌارڪن لاءِ سماج جي ڪرسمن جي اوگهڙ ڪرڻ ۽ تلها اُپديش ڏيڻ جو واهڻ آهي. گنڀيرتا سان ڏنو وڃي تہ ساهت/ڪلا ئي آهي جيڪا ماڻهوءَ کي 'ماڻهوُ' بڻائيندي. اها شناس يا تہ اسان ۾ اڃا آئي ڪانهي يا اسين غلط قدرن جي چڪرن ۾ ڦاسِي ٻين جي استعمال جا ٻور ڍڳا بڻجي رهجي ٿا وڃون. اِنسان جي هڪ ئِي صفت ٿِي سگهيٿي. خودداري يا آتم سنمان. ليڪن لڳيٿو اَسان سنڌين پنهنجي خودداريِ وڪڻي ڇڏي آهي. پاڻ سان منهان منهن ٿيڻ بدران، اَسين ٻين جاتين جو انڌو نقل ڪندي، پاڻ کان پرتي ڀڄڻ وارو فراريت جو رستو اختيار ڪيو آهي. اها پنهنجو پاڻ کي نڳڻ جي آپگهاتڪ وات آهي. هڪ ياٻن پيڙهين بعد سنڌي پنهنجي سڃاڻپ وڃائي، پنهنجو پاڻ کان اجنبي بڻجي، صفحي هستي تان ئي گم ٿي ويندا.

پنهنجي جڳهه تي وٺي اچن ٿا.

اڄ جو ادب دل سان گڏ دماغ کي به جهنجهوڙيندو. زندگيءَ جي پيچدگيءَ کان پري ڀڄائي وٺي وڃڻ بجاءِ، انهن جي اوک ڊوک ڪري، پاٺڪ کي پاڻ سان دوبدو ٿيڻ جي سوجهه ٻوجهه عطا ڪري ٿو. جنهن شخص کي پنهنجي زندگيءَ جي حقيقت پروڙڻ واري اها نظر نه حاصل ٿي آهي، اُن اجا صحيح معنيٰ ۾ جيئڻ ئي شروع نه ڪيو آهي.

زماني سان وک کڻندڙ اڄ جو چيتن شيل ليکڪ، ڪنهن به نظام جو نه، بلڪ هڪ اڪيلي انسان جو طرفدار آهي. دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ هن انسان کي ضرب رسيٺي ته اُن جو ايذاءُ ليکڪ پاڻ پنهنجي سيني تي جهيلي ٿو. ليکڪ جو جهيليل اهڙو هرڪو نئون انڀو پاڻ اظهارڻ لاءِ فارمن جي تلاش ڪريٺو: ڪميونيڪشن جا نوان دستور خلقيٺو. پراڻن دستورن تي هريل پاٺڪن کي نوان دستور سمجهڻ لاءِ لاشڪ محنت ڪرڻي پويٺي، ڪن جاڻو نقادن جي ٻُٺ وٺڻي پويٺي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته پاٺڪ کي پنهنجي ان محنت جو اُجورو به اوترو ئي جهجهو ملي ٿو.

اڄ جي انسان جي ٽرئجڊي اها آهي جو هو دماغي محنت کان ڇرڪيٺو. هن مشيني يگ ۾ پاڻ سان دوبدو ٿيڻ لاءِ ڪيس وقت ڪونهي. رفته رفته هن جي 'جيو' مثان 'اڻ جيو' حاوي ٿي ڪيس مشيني پرزي ۾ تبديل ڪري رهيو آهي.

'رچنا' جهڙي ڪنهن به ادبي سٿزن جو اهوئي رول ٿي سگهيٺو. پنهنجي پاٺڪ کي مٿان منڊرائيندڙ خطري کان آگاهه ڪرڻ ۽ پس پيش جيئڻ لاءِ گهربل شعوري نظر جي اوسر ڪرڻ.

رچنا-١٠، (اپريل-جون ١٩٨١)

# شرڌانجلي

۱ ڊسمبر ۱۹۸۰ تي اسانجو برک سنڌي ساهتڪار پروفيسر منگهارام
اُڌارام ملڪاڻي ممبئيءَ ۾ گذاري ويو. ۲۴ ڊسمبر ۸۰ تي هو پنهنجي
حياتيءَ جا ۸۴ سال پورا ڪري ها. رچنا پريوار طرفان اسين پروفيسر صاحب
جي ڪٽنبين ۽ انهن سڀني سنڌي اديبن جي غم ۾ شامل آهيون، جن
کي هن تاتيو پاليو ۽ پيرن تي بيهاريو.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي سنڌي ايڪانڪي ناٽڪن جو ابو سڏبو
هو. طويل ناٽڪن سان بہ هن جو خاص نينهن هو. هن پاڻ اڪيچار ناٽڪ
لکيا، انهن کي هن پنهنجي هدايتڪاريءَ هيٺ رنگہ منچ تي آندو ۽ پاڻ
بہ انهن ۾ اداڪاري ڪئي. ائين سنڌي ناٽڪ ۽ رنگہ منچ لاءِ هو صاحب
پڪي پختي زمين ميسر ڪري ويو.

ناٽڪن سان گڏ پروفيسر ملڪاڻي نظماڻي نثر تي بہ طبع آزمائي
ڪئي. هن سنڌي ادب ۾ تنقيد جي صنف کي بہ گهربل اوسر ڏني. 'سنڌي
نثر جي تواريخ' ۽ سندس گذاري وڃڻ کان صرف بہ مهينا اڳ پڌرو ٿيل
'پارت ۾ سنڌي ساهت جو مختصر جائزو' سنڌي ادب کي ڏنل هن جا
بہ يادگار تحفا ليکيا ويندا.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ کي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ لاءِ اٿاهہ پيار
هو. کيس اهو يقين ويهجي ويو تہ جي ادبي معيار وارا پستڪ سنڌي ساهت
۾ پڌرا ٿيندا رهيا تہ پوءِ ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو روشن آهي. سنڌي

پنهنجي ان خطري کي محسوس ڪري ازرائيل جو نئون ملڪ وجود ۾ آڻڻ ۽ پنهنجي بڌش پاڻا کي ٻاهرن لاءِ سکڻ لازمي ٺهرايو. هت آسانجي ويجهو گوئا جا لوڪ پنهنجي ڪونڪڻي زبان جي ڦهلاءَ لاءِ زوردار تحرڪ هلائي رهيا آهن، جيئن کين الڳ مخصوص سڃاڻپ واري جاتي ڪري تسليم ڪيو وڃي. سنڌ جي سنڌي مسلمانن جيان، آسامي لوڪن لاءِ به پنهنجي پرانت اندر ٿورائي واري جاتي بڻجڻ جو خطرو پيدا ٿي ويو آهي. آسام جي شاگردن يڪمشت ٿي ان خطري طرف عوام ۾ بيداري آندي آهي. اُن جي اُبتڙ اسين سنڌي صدين کان اُسريل پنهنجي ٻولي ۽ ڪلچرل دوران حاصل ڪيل سڃاڻپ تي انگريزي پائوڊر جو ليپو پائي، جي حضوريءَ جو پُڇ لٽڪائي، پاڻ ئي پنهنجي موت ڪاڻ تي سندرو ٻڌو آهي.

ڇا اهو ممڪن ٿي نٿو سگهي ته اسين سنڌي به احساس جي للڪار قبولي، صفحي هستيءَ تان گم ٿي وڃڻ کان پاڻ بچايون؟ تڏهن سيني سان ڪي عملي اُپاءَ سوچيون؟ پنهنجي ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايون، کين سنڌي سيکاريون؟ هزارن خرچ ڪري ڪي معياري سنڌي ڪتاب ڪريون ۽ باقاعدگيءَ سان نڪرندڙ ادبي رسالن جو چندو ڀريون؟ اسان ڊرائينگ روم ۾ شيڪسپيئر، گيٽي، ٽئگور ۽ رلڪي سان گڏ، شاهه، سچل، سامي، اياز ۽ شيام به موجود هجن؟ اِسٽيرو تي پاپ ميوزڪ سان گڏ، راڳ حسيني ۽ ڪوهياري به ٻڌڻ ۾ اچن؟ ڪينيڊي ۽ نهروءَ جي فوٽن سان گڏ ڪنور ۽ هيمون جون تصويرون به ٽنگيل نظر اچن؟

ها، اهو سڀ ممڪن ٿي سگهي ٿو، پر اسين ٻين کي اُپديش ڏيڻ جي عادت کان باز اچي، پنهنجي ذميواري پليءَ پت پروڙيون ۽ مٿين رٿن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ پهريون قدم پاڻ کڻون.

رچنا-۹، (جنوري-مارچ ۱۹۸۱)

# گيان پيٺ پرسڪار

ڀارتيہ گيان پيٺ ٽرسٽ طرفان هرسال پوئين ڏهاڪي جي بهترين ساهتڪ رچنا کي هڪ لک روپين جو انعام ڏنو ويندو. اُن انعام لاءِ ڀارت جي وڌان ۾ درج ٿيل پندرهن ٻولين جي بهترين رچنائن جا نالا گهرايا وڃن ٿا ۽ مرڪزي چونڊ ڪاميٽي اُنهن مان هڪ کي ٻين کان وڌيڪ معياري تسليم ڪري اهو انعام ڏيئي ٿي.

گذريل ۱۵ سالن ۾ اهو گيان پيٺ انعام، ڀارت جي جدا جدا ٻولين جي ۱۷ ساهتڪارن کي ملي چُڪو آهي. بينگالي، هندي ۽ ڪنڙ ٻولين جي ساهتڪارن کي اهو انعام ٽي دفعا ملي چُڪو آهي. پر اسانجي سنڌي ٻوليءَ جو وارو اڃا تائين ڪونہ آيو آهي. حالانڪ گيان پيٺ جي صلاحڪار ڪاميٽي تي اسانجا ٽي برک ليکڪ/ودوان پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، پروفيسر ڊي.ڪي. منشاراماڻي ۽ پروفيسر موتيلال جوتواڻي نامزد ٿيل آهن.

سوال ٿو اُٿي تہ ڇا سنڌي ادب ۾ ڪا هڪ بہ اهڙي معياري رچنا ڪانهي جيڪا ڀارت جي ٻين ٻولين جي رچنائن سان برميچي سگهي؟ يا ترجمي جي دقت سبب اسين پنهنجي بهترين رچنائن کي مرڪزي چونڊ ڪاميٽيءَ جي ڌيان تي آڻڻ ۾ ناڪامياب رهيا آهيون؟ يا اسانجي سنڌي ٻوليءَ لاءِ نامزد ٿيل مٿيان صلاحڪار پاڻ ئي اهو طئہ ڪرڻ کان قاصر آهن تہ ڪهڙي سنڌي ساهتڪار جي ڪهڙي رچنا کي ان انعام لاءِ تجويز ڪجي؟

گيان پيٺ انعام کي اڄ عالمگيري اهميت حاصل آهي. اهو انعام

ساهت کي هند ۾ پنرجنم ڏيڻ ۽ ان جي ترقيءَ کي وڌي اوچ ڏيڻ ۾ هن صاحب جو مکيه هٿ رهيو. سنڌي ساهت منڊل پاران ممبئيءَ ۾ هفتيوار ڪلاس هلائي نوئنهال ليکڪن کي سنڌن ورثي کان واقف ڪرڻ، سندن لکڻين کي سڌارڻ سنوارڻ جي ڏکي ۾ ڏکي ذميواري هن پاڻ تي هموار ڪئي ۽ هڪ هڏڏوکي باغبان جيان انهن نون اُسرندڙ ٻوٽن جي سار سنڀال لڌي رلڻي ملڻي ۽ خوش طبع سڀاوَ سان هن نون اديبن جون دليون جيتي ورتيون ۽ هو سندن دوست بڻجي ويو. سندن ڪتاب جا مهاڳ لکندي، کين خطن جا جواب ڏيندي، سنڌي ٻوليءَ کي صحيح طريقي سان لکڻ جون هدايتون ڪندي، ادب ۾ اڳتي وڌائڻ لاءِ هو صاحب آخرين گهڙيءَ تائين کين همٿائيندو رهيو. لاشڪ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجي ڪنيل ذميواري، بخوبي نباهي، هڪ سارٿڪ زندگي گهاري ويو.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي گذريل ١٥ سالن کان ڪلڪتي جي سنڌي يوٿ ائسوسيشن جو مکيه مربي هو، ’رچنا‘ ٻه سندس ئي ڏنل پريرڻا جو نتيجو آهي. پوئين خط ۾ لکيو هئائين ’رچنا کي جاري رکو. بس اِهائي منهنجي دلي آرزو آهي.‘

سنڌ ۽ هند جي وچ ۾ پرمپرا جي پُل بڻجي ويل پنهنجي هن اعليٰ ادبِي هستيءَ کي اسين نياز ۽ نوڙت سان رچنا جو هيءُ اَنڪ منسوب ڪريون ٿا.

رچنا-٨، (آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٨٠)

سنڌي ادب ۾ نارايڻ شيام لاشڪ ممتاز جڳهه والاريئو. سنڌي ٻوليءَ
تيه کي پنهنجيءَ هن پياري شخصيت تي ناز آهي. ڪاش! اسين
سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه جا گهڻ گهرا، سنڌيءَ جي صدقي پنهنجا
ي سوارٿ ۽ ويڇا وساري، نارايڻ شيام کي اهو گيان پيٺ انعام ڏيارڻ
هنجي پنهنجي سطح تي هر ممڪن ڪوشش ڪريون!

رچنا-۵، (جنوري-مارچ ۱۹۸۰)

ڊاڪٽر ونايڪ ڪرشن گوڪڪ جي نظرثانيءَ هيٺ مرڪزي چونڊ ڪاميٽي، ٻنان ڪنهن پاسخاطريءَ جي صرف رچنا جي اونچي معيار جي مدنظر ڏيندي. اڄ تائين چونڊ ڪاميٽي پنهنجو اهو رول بخوبي نڀاهيو آهي. سنڌن ورتل فيصلي جي هر سال آجيان پئي ٿي آهي. گيان پيٺ جو انعام نه صرف ساهتڪار کي شخصي سنمان عطا ڪريٿو، پر اُن ٻوليءَ جي ساهت کي به قومي سطح تي مانيتا پردان ڪريٿو. ان ڪري اهو ٻنهه ضروري آهي ته اهو انعام اسانجي سنڌي ٻوليءَ جي بهترين رچنا کي ملي، جيڪا رچنا ’اگيه‘، ’سمترا نند پنت‘، اُماشنڪر جوشي، ’شورام ڪارنٿ‘، ’وشنو دي‘، ’فراق گورکپوري‘، ’تاراشنڪر بئنرجي‘، ويرندر ڪمار ڀٽاچاريه جهڙن اعليٰ ساهتڪارن جي انعام کٽيل تخليقن جي حق ۾ شان سان بيهي سگهي.

ايندڙ سال گيان پيٺ جي مرڪزي چونڊ ڪاميٽيءَ کي سال ۱۹٦۴ کان ۱۹۷۳ جي عرصي جي بهترين ساهتڪ رچنا جي چونڊ ڪرڻي آهي. ان عرصي ۾ ڇپيل سنڌي معياري رچنائن تي نظرثاني ڪندي نارايڻ شيام جي شعرن جا ٽي مجموعا ’ماڪ ڦنا رابيل‘ ’واريءَ ڀريو پلاند‘ ۽ ’آڇيندي لڄ مران‘. مٿيرو اُپري بيهن ٿا. بيشڪ اهو گيان پيٺ انعام اسانجي نارائڻ شيام جي لائق ٿي سگهيٿو. بهتر ٿئي جي سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا جهڙي ڪا سنسٿا اهو ڪاريه هٿ ۾ کڻي. انهن ٽنهي مجموعن مان هڪ کي انگريزي، هنديءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپارائي، جيئن سنڌي ساهتيه کي به گيان پيٺ جي مرڪزي چونڊ ڪاميٽي جي ڌيان طلب آڻي سگهجي. هن ڪاريه لاءِ اسانکي سنڌي ساهتيه کي قومي سطح تي اهميت ڏيارڻ جو وشال نظريو پنهنجي اڳيان رکڻو پوندو ۽ ائين سمجهڻو پوندو ته سنڌي ساهتيه کي سنمان ملڻ سان اسان سڀني سنڌي ليکڪن کي سنمان ملندو.

ڪائي ڇڏيو آهي.

ٻوليءَ کي گهڙڻ تراشڻ، اُن ۾ ساهه ڦوڪڻ، اُن جي پرورش ڪرڻ
ن کي نئون سنئون رکڻ جي ذميواري اديب مٿان آهي. اديب ئي آهي
يڪو زندگيءَ جي نيمن کي پڪڙي وٺو آهي ۽ پنهنجي انيو کي بين
ان ونڊڻ لاءِ ڪيس موزون ٻوليءَ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. انسان جي
ن/معانڊي/هٺ جي ريڪائن/لتاوت جيان هرڪو انيو ٻه علحدو آهي ۽
ن جي صحيح ترجماني ڪو هڪ خاص/مخصوص لفظ ئي ڪري سگهي
. اڄ جي هن جيت يگي انيون جا هم احساس ڏيندڙ لفظ پرمانند ميوارام
ي دوڪان تي ميسر نه ڏسي، اديب کي لاچار ٻين ٻولين جو در
ڪائڻو پوندو.

هر دؤر ۾ اها اُٿل پٿل آئي آهي. هر نئين وستو ۽ ويچار ڌارا کي
ٻين اسان شڪي نظر سان ڏٺو آهي. اُن کي اجنبي/ڌاريو محسوس ڪيو
ي. ليڪن استعمال بعد اُهي اسانجي عادت ۾ بدلجي، جيون جو اٽوٽ
صو بڻجي ويا آهن. ساڳي طرح اڄ جا نوان، ڏکيا، دير هضم لفظ، ٻوليءَ
مروج/جذب ٿيڻ بعد سيائي سؤلا بڻجي ويندا.

ٻولين جي اها ڏي وٺ ابدي آهي. صرف سنسڪرت ۽ لئٽن جهڙيون
امتي، بند هٺ ڀاشائون پنهنجي دقيانوسيءَ سبب اڄ ميوزم داخل آهن.
هتيه جي ڀاشا عام واهپي جي ڀاشا کان صرف ٻه وکون اڳيان هلڻي.
هتيهجي ڀاشا جو عام واهپي جي ڀاشا کان پنتي رهجي وڃڻ يا تڪڙيون
انگهون ڀري گهڻو اڳتي وڌي وڃڻ، ٻئي حالتون، ٻوليءَ جي وجود لاءِ
طرناڪ آهن. ان ڪري اديب مٿان پنهنجي ٻوليءَ کي زنده رکڻ جي

# ٻوليءَ جو بگاڙو/سڌارو

رچنا (٢) تي پاٺڪن وٽان آيل ردعمل جيڪو هت 'توهان طرفان' ڪالم هيٺ شايع ڪيو اٿئون، اُن ۾ هڪ شڪايت عام آهي ته اڄ جي نون اديبن پنهنجين تنقيدن ۾ اُردو، فارسي، انگريزي ۽ هنديءَ جا بي شمار لفظ ٺُنبي سنڌي ٻوليءَ مان رس ۽ جس ڪڍي اُن کي اجنبي/ڌاريو بڻائي ڇڏيو آهي.

بزرگ اديبن طرفان به اڪثر اهڙو ئي الزام مڙهيو پئي ويو آهي ته نون اديبن جي تحرير اپياس جي ڪوتاهيءَ سبب ڪچي ڦڪي آهي. هو گرامر جون اڪيچار چُڪون ڪن ٿا، سندن لفظن جي چونڊ/استعمال غلط آهي. پاڻ وٽ سنڌي لفظن جو پريل ڀنڊار هوندي به، صرف انهن کي ڳولهي لهڻ جي زحمت کان بچڻ/وڃڻ وڃي، سستي شهرت حاصل ڪرڻ جي شوق ۾ يا پنهنجي علميت جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ، فئشن طور ڳاهه بي ڳاهه، ٻين ٻولين جا لفظ اُڌارا وٺي، پنهنجيءَ ٻوليءَ جي غربت جو اظهار ڪرڻ سان گڏ، اُن جو بگاڙو به آڻين ٿا.

اها شڪايت/اهو الزام ڪيتري قدر جائز/صحيح آهي؟

ٻوليءَ جو انسان جي زندگيءَ سان سرير ۽ ساهه جهڙو سنبنڌ آهي. بدلجندڙ زندگيءَ سان گڏ ٻوليءَ جو ڪجهه حصو مئو آهي ۽ اُن جي جڳهه نئين حصي والاري آهي. اگر ٻوليءَ جي اها اوسر/بدل سدل اڻ لڀائتي، سست هئي. اڄ البت انهيءَ پنهنجي تکيءَ رفتار سان اڻ چٽي پاٺڪ کي

# اِرادو، عمل ۽ ردعمل

سنڌي ساهتڪارن جي سرڪاري ارادي جو هيءُ عمل، تماهي مئگزن
...نا' اچ اوهان جي هٿن ۾ آهي. اچ جي مشڪلاتي حالتن هيٺ سنڌي
...ي مئگزن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ هڪ ناممڪن رٿ نظر ٿي
...، پوءِ به اسان سيني ليکڪن گڏجي رچنا کي شروع ڪرڻ جو جوکم
... آهي. ان اُميد سان ته هرڪو سنڌي ليکڪ رچنا کي پنهنجي
...رن سمجهندو.

سنڌي ليکڪن طرفان نامزد ڪيل اسين ٽيئي سمپادڪ پنهنجي
... ليکڪن کي اهو يقين ڏيارڻ چاهينداسين ته رچنائن جي چونڊ لاءِ
... وٽ صرف هڪ ئي ڪسوٽي اڳيان هوندي-معيار! ها، ادبي معيار مقرر
...ڻ ۾ اسان کان غلطي ٿي سگهيتي. پوءِ به توهان طرف ۽ اُن کي وڌيڪ
...طرف اسانجي ايمانداريءَ جي هروقت اهائي تقاضا هوندي ته 'رچنا'
...شخصي دوستي/دُشمنيءَ کان آجو ۽ غيرادبي وادوواد کان مٿي رکون.

...موت ۾ اسين پاٺڪن کان 'رچنا' ۾ آيل رچنائن تي پنهنجو ردعمل
...ڻ جي گُهرَ ٿا ڪريون. پاٺڪن جو اهو ردعمل نه صرف ادب ۽ اديب
...نهنجو معيار مقرر ڪرڻ ۾ مدد ڪريٿو، پر پاٺڪ جي پنهنجيءَ شعوري
... جو به ماپو بڻجي ٿو.

سنڌي ادب کي اڄ پنهنجي ٽڪنڊي جي ٽئين پاسي-سنڌي پاٺڪ
... جي ردعمل جي تلاش آهي.

رچنا-١، (جنوري-مارچ ١٩٧٩)

اها جوابداري بہ مڙهيل آهي. چاهيندي نہ چاهيندي سڌي اڻ سڌي نموني هرڪو سنجيدہ اديب پنهنجي اظهار جي ماڌيم طرف اها ڪمٽمينٽ نباهيندو. باشعور ليکڪ پنهنجي نون انڀون ۽ نون لفظن مٿان ذهني آرو ڪري پوءِ ئي انهن جو اظهار/استعمال ڪري ٿو ۽ انهن کي ماحولي موزونيت ڏئي ٿو.

هرڪا مٿاهين منزل، اڀياس ۽ محنت جي تقاضا ٿي ڪري. باقي هيٺائين طرف وهي وڃڻ لاءِ پاڻيءَ کي پمپ جي ڪابہ ضرورت نہ پوندي آهي. اڄ جو نئون ادب ۽ اديب پنهنجي پاڻڪن کان بہ ساڳي تقاضا ٿو ڪري.

رچنا- ٣، (جولاءِ-سيپٽمبر ١٩٧٩)

# لکمي ڪلاڻي

پورو نالو : لکميچند پريومل ڪلاڻي
جنم : ٢ آڪٽوبر ١٩٣٥
جنم استان: ڳوٺ جهان خان، ضلع سکر سنڌ
تعليم : بنارس هندو يونيورسٽيءَ
مان سِول انجنيرنگ جي ڊگري
ڇپيل ڪتاب:
ڪهاڻيون : رت جا داغ (١٩٧٢)
اڌوري رچنا (١٩٧٨)
بند دروازا (١٩٨١)
غفا جي هن پار (١٩٩٣)
تي سال ١٩٩٦ع
لاءِ مرڪزي ساهت اڪادمي انعام
مٽيءَ جي مهڪ (١٩٩٩)
منڌ جو ٽڙيل پهريون گلاب (٢٠٠٠)
ناول : هاءِ منهنجي دل (١٩٦٨)
سازش (١٩٧٠)
امرت امرت (١٩٧٤)
ناٽڪ : گڏا گڏيون (١٩٨٤)
واريءَ سندو ڪوٽ (١٩٨٧)
پنهنجو دشمن (١٩٩٣)
سفرنامو : من جا محل ڪنڌهر (١٩٨٤)
جيوني : سنيه جيت ري - ٢ ڀاڱا (١٩٩٤)
ترجما : ڪٺ پتليءَ جو ناچ (١٩٧٩)
اسميه (١٩٩٤)
پاٿيرپانچالي (١٩٩٧)
سمپادن- سنڌي ڪڇي لوڪ سنسڪرتي (مقالا)
سنڌي نثر جا تنيا (مقالا)
سمپادڪ : رچنا نماهي
سرنامو : ٦ ملير، آديپور ٠ (ڪڇ) ٣٧٠٢٠٥

---

Ram Lalchandani (ART SPOT), Mumbai
446 6348 - 446 5972

# رچنا ياترا

★ ڪنهن بہ ساهتڪ رچنا جي ڪٽ ڪرڻ مهل آلوچڪ لاءِ ٽن نقطن جو ڌيان رکڻ لازمي آهي. رچنا جي وشيہ (Content)، هيئت (Form) ۽ ليکڪ جي رچنا پٺيان پنهنجي سچائي ۽ صداقت (Integrity) . هر آلوچڪ وٽ پنهنجي اُسريل داخلي نقط نگاهہ سان گڏ اهي ٽيئي ماڻ ماپا بہ موجود هوندا تڏهن ئي هو رچنا سان انصاف ڪري سگهندو.

★ ڪلا جي رچنا پرڪريا هڪ نهايت ئي رهسميہ ڪارگذاري آهي. رچناڪار جي پلي زمين ۾ ڪو ولولو پيدا ڪندڙ خيال/ عڪس هڪ ٻج جيان پوکجي ٿو وڃي. اهو سندس ڪلپنا شڪتيءَ جي گرمائش ۾ ڪو عرصو پلجي سندس ذهن اندر اُسرندو ٿو رهي. هڪ ڏينهن پڄي راس ٿي، ڪا نئين صورت اختيار ڪري، پاڻمرادو سهج سڀاوَ ڦٽي ٻاهر اچيٿو. ائين اسين محسوس ڪريون ٿا تہ ڪلپنا شڪتي ڪلاڪار جي اُها قوت آهي جيڪا سندس سوچ فڪر، ڀاونائن ۽ احساس کي تخليقي ولوڙ ذريعي هڪ نئون فارم عطا ڪريٿي، يعنيٰ موزون لفظن، عڪسن، استعارن، تشبيهن، ڪردارن، اسٿتين، گفتگو وغيره جي رچنا ڪري امورت کي اسٿول، نراڪار کي ساڪار روپ ۾ تبديل ڪريٿي.

★ اڄ جو جديد ادب پنهنجي اردگرد جي سماجي دٻاوَن کان وڌيڪ اِنسان جي اندر ۾ اُڀرندڙ ڀاوناتمڪ پيڙا جي عڪاسي ٿو ڪري. اڄ جي هن ڪامپيوٽر واري تڪنيڪي يگ، ماڻهوءَ کان سندس سڃاڻپ، سندس انفراديت، سندس خودداري کسي، هڪ ڪمائتي بي حِسِ مشين ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. اِنساني رشتا ناتا، جوڙ ڪٽ، ضرب ونڊ واري حسابي ڪتابي محور تي گهمي رهيا آهن. پيار مان پنهنجائپ گم ٿي ويئي آهي. اهو سريرن جي واپار تائين محدود رهجي ويو آهي. پنهنجي ديس ۽ ٻوليءَ لاءِ حب ماڻهن مان موڪلائي ويئي آهي.